
سهڪاري ناول
پيار جو تڪندو
ليکڪ
گوبند مالهي، پوپٽي هيرانندائي، ڪرشن کٽوائي
ايشور چندر، وشنو ڀاٽيا، هريش واسواڻي
منوتولا رام گدوائي، ڪيرت ٻاٻاڻي
ڪنوساماتاڻي ۽ موهن ڪلپنا
سهيڙيندڙ
بيدل مسرور بدوي

# پيار جو تڪندو

(سهڪاري ناول)

ليکڪ :

گوبند مالهي، پوپٽي هيرانندڻي، ڪرشن کٽواڻي، ايشور چندر، وشنو ڀاٽيا، هريش واسواڻي، منو تولارام گدواڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، گنو سامتاڻي ۽ موهن ڪلپنا

سهيڙيندڙ : بيدل مسرور

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (122) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”پيار جو ٽڪنڊو“** سنڌي ٻولي جي ناميا ري ليکڪن گوبند مالهي، پوپٽي هيراننداڻي، ڪرشن کٽواڻي، ايشور چندر، وشنو ڀاٽيا، هريش واسواڻي، منو تولارام گدواڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، گنو سامتاڻي ۽ موهن ڪلپنا جو سهڪاري ناول آهي، جنهن جو سهڙيندڙ محترم بيدل مسرور بدوي صاحب آهي.

هي ناول نئون نياپو اڪيڊمي سچل ڳوٺ پاران ڇپايو ويو آهي. اسان ٿورائتا آهيون سائين بيدل مسرور جا جنهن هي ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

# ارپنا:

هي سلسليوار سهڪاري ناول
ارپيان ٿو مان واري سرڳواسي هري موٽواٽي سنڌيءَ کي
جنهن جي وڏي اڇا هئي، هن ناول کي ڇپائڻ جي
ساڻ ساڻ هري موٽواٽيءَ جي سموي پريوار
۽ سنڌس همعصر ليکڪن کي.

بيدل مسرور بدوي

# سـٿـاءُ

- مهاڳ: بيدل مسرور بدوي

## قسطوار ناول

1. پيار جو تڪندو: گوبند مالهي، ماهوار ’ڪونج‘ جنوري 1967ع
2. ٻڏندڙ سورج، افق جي روشني : پوپٽي هيراننداڻي، ماهوار ’ڪونج‘ فيبروري 1967ع
3. اڇي روشني ست رنگ : ڪرشن کٽواڻي، ماهوار ’ڪونج‘ مارچ 1967ع
4. ٻيو دفعو: ايشور چندر، ماهوار ’ڪونج‘ اپريل 1967ع
5. ٻي انت راهن جو انت: وشنو ڀاٽيا، ڪونج
6. ٻن قطبن جي وچ جي ڊوڙ: هريش واسواڻي، ماهوار ’ڪونج‘ سيپٽمبر 1967ع
7. پريم جو چوڪندو : منوتولا رام گدواڻي ماهوار ’ڪونج‘ آڪٽوبر 1967ع
8. ٿيان يا نه ٿيان! : ڪيرت ٻاٻاڻي ماهوار ’ڪونج‘ جنوري 1968ع
9. تلاش! : گنوسامتاڻي ماهوار ’ڪونج‘ فيبروري 1968ع
10. پاڻيءَ مٿي جهوپڙا! : موهن ڪلپنا ماهوار ’ڪونج‘ اپريل 1968ع
11. پاڻيءَ مٿي جهوپڙا! : موهن ڪلپنا ماهوار ’ڪونج‘ 1968ع (آخري قسط)

- ادبي پرک: گوپال ٺڪر
- ناول جي ليکڪن جو تعارف: بيدل مسرور بدوي

# مهاڳ

ادب سان وابستا جيڪي مون خواب لڏا آهن، انهن ۾ هن سهڪاري ناول يوجنا کي شايع ڪرڻ به شامل هو، جيڪو ماهوار ”ڪونج“ جي جنوري 1967ع کان مئي 1968ع تائين جي پرچن ۾ ڪهاڻين جي صورت ۾ ستل هو.
ورهاڱي سان وابستا سنڌي ڪهاڻيون ۽ هن سهڪاري ناول واريون قسطون، ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي گهر جي لئبرريءَ ۾ رکيل ڪتابن ۽ رسالن مان حفيظ شيخ جي ڪهاڻين ڳولهڻ دوران 1972ع ڌاري ڏٺيون ۽ ڪاپي ڪري رکيون هيون.
هن سهڪاري ناول کي شايع ڪرڻ جو مون کي شوق ته وڏو هو، پر ٽي ويءَ جي نوڪريءَ ۾ اچي گهٽا ئي شوق، شب بخير چئي سمهي پيا هئا. ان هوندي به 1987ع دوارن دل کي دليل ڏئي، هن ناول کي شايع ڪرڻ جي اجازت متعلق مون هري موٽوانيءَ کي خط لکيو، ۽ جيئن ته هن ناول جي پهرين قسط مون کي ڪانه ٿي لڌي، ته ان جي به موڪلڻ لاءِ مون کيس گذارش ڪئي.
شابش هجيس، جو 29. 06. 1987ع تي جوابي خط به لکيائين:
”ڊيئر، تنهنجو خط مليو، مان جڏهن سنڌ آيو هوس تڏهن توسان ۽ ڪن ٻين دوستن سان، جيڪي توسان گڏ ڪراچيءَ ۾ ساڳي ڊپارٽمينٽ ۾ هئا، ملڻ چاهيو هوم. حيدرآباد مان جيڪا لسٽ ناهي هليو هوم تنهن ۾ تنهنجو، سميع لنڊ ۽ علي بابا جو نالو به هو پر جڏهن اتي شام جو پهتاسين ته معلوم ٿيو آفيسون بند ٿي چڪيون هيون ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو 8 بجي ايئر پورٽ پهچڻو هو.
تنهنجو پوئٽريءَ جو ڪتاب مليو هو، ڏيان سان پڙهيو هوم، لکمي ڪلاٽيءَ (رچنا) چيو ته چوين ته مان ان ڪتاب تي تنقيد لکان، ڪاپي ڪٽي ويو، پر پوءِ هو به ٿانيڪو نه رهيو آهي، اڄ ڪالهه آديپور وسائي اٿائين. سنڌ جي ڪتابن تي ريٽا شهاڻي لکڻ پسند ٿي ڪري، پاڻ به شاعره آهي، ڪيس تنهنجو ڪتاب موڪليندس.
تازي پرچي ۾ ”سروم دکم دکم“ ۽ ”دريءَ کان ٻاهر“ تي لکيو اٿائين.

تنهنجي چوڻ موجب مالهيءَ جي پهرين قسط (ناول يوجنا جي) موڪلي رهيو آهيان. هاڻي خيال ڪيو اٿم ته اهو ناول سنڌ ۾ ڇپرايان. نيو فيلڊ وارن لاءِ سڀ قسطون گڏ پيو ڪريان.
منهنجو حال ڏس نه، مان ڇپائيندڙ ۽ مون وٽ ئي ڪونهن.
سميع لنڊ ۽ علي بابا به گڏجئي ته ٻنهي کي منهنجا سلام ڏج، لکج.

تنهنجو هري موٽواڻي سنڌي.

هري موٽواڻي سان منهنجي ادبي سڄاڻپ سندس رسالن ”ڪونج“ ۽ ”پرهه ڦٽي“ جي ايڊيٽر ۽ هڪ ليکڪ واري ئي هئي، هو (هري نارائڻ سنگهه موٽواڻي) ڄائو ته سنڌ جي ساهه سيباڻي ۽ عظيم شخصيتن واري شهر لاڙڪاڻي ۾ 30. 11. 1929ع تي هو، پر ورهاڱي وقت ٻين اصلوڪن سنڌين سان گڏ هن شخص به وڃي بمبئي وسائي. هري موٽواڻيءَ 1950- 51ع ڌاري هردوار ۾ ڪپڙي جو دڪان ۽ بمبئي ۾ منائيءَ جو دڪان به کوليو هو، ”ڪونج“ رسالو هن 1961ع کان شروع ڪيو.
پڙهيل رڳو چار درجا سنڌي هو پر هند وڃي ڪيترين آکاڻيون، ناول، لکيائين، آتم ڪٿا به لکي اٿائين.سندس سڄي ادبي پورهيي ۾ هن جو خاص ۽ وڏو ادبي ڪم رسالو ”ڪونج“ ۽ ان جا شخصيتي نمبر آهن، جيڪي هند ۾ رهندڙ سنڌي ليکڪن بابت نهايت تاريخي حيثيت رکن ٿا. شخصيت پرچن ۾ خود هريءَ متعلق ڪونج جو خاص نمبر ڊسمبر 2004ع ۾ شايع ٿيو.
ڪونج ۾ ڇپيل ادب نه رڳو ڪهاڻين تي يا شعرن تي مشتمل هو پر ڪونج جي ڪريڊٽ تي اهي مشهور ناول به آهن جيڪي ڪونج ۾ قسطوار شايع ٿيندا هئا: آسانند مامتور جو ”حليما“، گوبند مالهيءَ جو ”پيار جي پياس“، چندو لعل جئسنگهاڻيءَ جا: ”جنگ جا چوڏهن ڏينهن“، ”اگني“، ۽ ”هڪ اهم هڪ وهم“ مشهور آهن.
منهنجي ساڻس ملاقات ڪانه ٿي سگهي، پر جن به اديبن هن کي ويجهڙائيءَ کان ڏٺو هوندو انهن کي سندس رلڻي ملڻي، کلڻي ۽ خاص طور تي ڳالهائڻي طبيعت جي پلي پت خبر هوندي. سنڌ جا سفرناما به نهايت پلا لکيا اٿس، سندس ڇپيل ڪتابن جو تعداد اٽڪل چوڏهن آهي، جن ۾ ڪهاڻين جا پنج عدد مجموعا: ”هڪ لهر“ (11 ڪهاڻيون)، ذرتي“ (9 ڪهاڻيون)، ”خوددار“ (12 ڪهاڻيون)، ”اڃا وار ڪارا پنور“ (9 ڪهاڻيون)، ”آزاد فضا ۾“: ۽ پنج ناول: ”ابو“، ”اڄهو“، ”پاٽيارا پکي“، ”ٻاهر نڪرڻ جو رستو“، ”ڪوڙو سچ“، ناوليٽ: ”پنگار“ ناوليٽ؛ سفرناما: ”جڙيل جن سان جند“ ۽ ”ماٺي منجهه مهي“ ۽ آتم ڪٿا: ”آخرين پنا“.

سندس ڪهاڻي ”خوددار“ تي مهاراشٽر سنڌي ساهت پاران، ناول ”اجهو“ تي 1995ع ۾ ساهت اڪيڊميءَ پاران ۽ ”ابو“ ناول تي رامڪرشن جئهٔ ديال هارمني پاران، سفرنامي: ”ماٺي منجهه مهي“، تي پريه درشني اڪادمي پاران، انعام به مليا آهن. سندس خدمتن جي قدرشناسيءَ تي ڪيس گوبند مالهي ڪلچر اڪادمي ۽ پروفيسر رام پنجواڻي لٽرري ۽ ڪلچر سينٽر پاران انعام ۽ سنمان ڏنا ويا آهن. ارجن شاد چواڻيءَ: ”هري سنڌي ساهت سان ائين جڪڙيل هو، جيئن محبوبا سان جڪڙيل هجبو آهي.“ سندس 07. 05. 2006 تي ديهانت ٿيو.

مان سمجهان ٿو ته هي سهڪاري ناول، سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ پنهنجي نوعيت جو پهريون ۽ نرالو تخليقي ڪارنامو آهي، جنهن جا سيئي ليکڪ نثر ۾ وڏي ناليوارا ۽ سنڌ توڙي هند جي پڙهندڙن جي تمام وڏي حلقي ۾ مقبول رهيا آهن: گوبند مالهي، پوپٽي هيراننداڻي، ڪرشن کٽواڻي، ايشور چندر، وشنو ڀاٽيه، هريش واسواڻي، منو تولارام گدواڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، گنو سامتاڻي ۽ موهن ڪلپنا.

حالانڪ هن قسطوار ناول کي شايع ٿئي اٽڪل سٽيتاليهه سال گذري ويا آهن، پر انهن سڄاڻ ليکڪن، انهن چند ڪردارن تي مشتمل ڪهاڻيءَ جي ڪئنواس تي پريم جا رنگ ڇٽڻ سان گڏ سنڌي جاتيءَ جي سماجي سياسي يا اخلاقي حالتن متعلق پنهنجي پنهنجي فڪري ۽ فلسفياڻي سوچ جا ڇٽ ڪجهه اهڙي انداز سان ڇٽيا آهن، جن ۾ سنڌ جي اڄوڪي دور جون به ڪيتريون ئي جهلڪيون اکين آڏو اچي ٿيون بيهن.

- پرش جتي اڏڻ نه چاهيندو آهي تتي چڏڻ به نه چاهيندو آهي.
- ماسترياڻي شاگرد جي پيار کان ٻن وديارٿين جو پيار وڌيڪ سپاويڪ ۽ سهائيندڙ آهي.

ڪهاڻي: پيار جو تڪندو: گوبند مالهي.

- سشيءَ چيو، ”سياستدانن جو شاگردن سان ٿوروئي پيار رکيو آهي؟ هنن جو مطلب پنهنجي عهدي سان آهي، اسڪول ۽ ڪاليج به ڪين نينديون ڏئي خوش رکي وينا آهن ۽ موٽ ۾ هو سنڌن ڪاروبار ۾ دخل ڏيئي ڪين جنتا کان ڇڏائي وينا آهن. تعليم جو ٿيو الهه واهي. نه بگاڙو وڃي سگهي، ۽ نه ويچارو سڌارو اچي سگهي.“
- گليءَ ڪلي چيو، ”تنهن ڏينهن پڌم ته ڪامرس ڪاليج جي شاگردن پنهنجي ساليانه اُتسوءَ ۾ ڊفينس منسٽر کي گهرايو هو. ڳالهه آهي ڪه ڪل آهي؟ ڪجا ڪامرس ڪجا ڊفينس!“
- ڪلان پنهنجيءَ جاڻ جو ثبوت پيش ڪندي چيو، ”چو؟ ائين ته نه چؤ. واپار مان پئسا ڪمائبا تڏهن ته وڙهڻ لاءِ هٿيار نهندا؟ پر تعليمي سنسٿائن جي جشن ۾ شامل ٿي اچي

تقريرون ڏجن. اهڙو رواج پنڊت جواهر لعل ئي شروع ڪيو هو. هو يونيورسٽين جي ڪنووڪشن تي ويندو هو ۽ شاگردن کي وچي صلاحون ڏيندو هو.“

- ”جواهر لعل نهروءَ جي ته ڳالهه ئي ٻي هئي. هو نه شاعر هو نه فيلسوف، پر سندس شخصيت شاعراڻي هئي ۽ سندس ويچار فيلسوفاڻا. هن جي تقرير تي هن جي شخصيت جي ئي ڇاپ پيل هوندي هئي. ان ڪري شاگردن کي هن وٽان ڪنهن نه ڪنهن قسم جو خزانو ملي ئي ويندو هو. ٻيو ته نهروءَ ۽ شاگرد جو رشتو صرف تقرير تائين محدود نه هو. تقرير کان اڳ ۽ پوءِ به شاگرد ۽ نهرو هڪ ٻئي کي ويجهو هئا، پر هنن وزيرن ۽ شاگردن جو پاڻ ۾ ڪو به سنٻنڌ ڪونهي. تقرير ختم ٿي، وزير گم ٿيو. پوءِ نه تو ڏٺي سهٽي نه مون ڏٺو ميهار.“

ڪهاڻي: ٻڏندڙ سورج افق جي روشني: پوپٽي هيرانداڻي.

- ”اڙي متان ڪنهن ماسترياڻيءَ جي ڦندي ۾ ڦاسين! ماسترياڻين جي ذات ئي عجيب اٿيئي. هو مڙسن کي به ائين هلائينديون آهن جڻ اهي به سندن شاگرد آهن ۽ هميشه گهڻ ڳالهائو. گهر ۾ ائين ڳالهائينديون جڻ ڪلاس ۾ پاڙهي رهيون آهن.“
- ”ٽيوشن اهي ڏين جن ماستريءَ کي ڌنڌو ڪري سمجهيو هجي.

ڪهاڻي: اڇي روشني ست رنگ: ڪرشن کٽواڻي.

- ته انسان جون اکيون جوت جون بُکيون ٿينديون آهن ۽ جي اها جوت يگن تائين جلندي رهي ته هوند انسان جي هڪ بک مٽجي وڃي!...“
- ”۽ مان مڃيندو آهيان ته اکين جي بک کان وڌيڪ انسان جي پيٽ جي بک پر بل ٿيندي آهي ۽ انسان کي جي اناج گهربل انداز ۾ ملي وڃي ته....“
- ”ها... پوءِ اهو اناج پلي آمريڪا يا روس يا آسٽريليا مان ايندو هجي... ۽ اکين جي بک مٽائڻ لاءِ جوت جي نالي تي گهٽائي اليڪٽرڪ بلب ته آهن ئي!..“

ڪهاڻي: ٻيو دفعو: ايشور چندر.

- زمين تي پيل چيز جو نصيب مٽيءَ ۾ ملي وڃڻو آهي.
- هي مرد سمجهن ڇا ٿا؟ خود پونئر ٿيندا وتندا ٻين پنيان ڦرندا ۽ عورتون ستيون ٿجي هنن جي حق ۾ پوري زندگي گهاريندبون؟
- زبان سان ڪٽي نه، اکين سان اکين معرفت دليون ته ڳالهائي سگهنديون آهن.
- ”ها، روايتون بدلجنديون آهن.“

ڪهاڻي: ٻي انت راهن جو انت: وشنو ڀاٽيا.

- زندگيءَ جو بنيادي طرح ڪو رنگ ڪو نه ٿيندو آهي.

- استري شاديءَ جي تلاش ۾ پيار شروع ڪندي آهي. ڪڏهن ڪيس بئي ڪو نہ ملندا آهن، ڪڏهن شادي ملي ويندي آهي، پيار ڪو نہ ملندو آهي
- ستنترتا لفظ استريءَ لاءِ فريب آهي. استريءَ جو وڪاس اڄ تائين ڪنهن ڪو نہ چاهيو آهي. استريءَ جي سجاڳ عقل پرست عورت بڻجي وڃي تہ پرش ان کان ڪنارو ڪري ويندو. ذهين ۾ ذهين مرد جي نگاهہ عورت جي روپ ۽ جوانيءَ تي هوندي آهي.
- پر تنهنجي انهن ويچارن جي پنيان استري سليپ ايرڪا جو هڳاءُ آهي. روپ ۽ جوانيءَ کان پوءِ بہ ڪجھ اهڙو رهجي تہ وڃي، جنهن جي پرش کي ضرورت ٿئي ٿي، جيڪو هو نرليپ ڀاوَ سان ناريءَ وٽان چاهي ٿو.“ چو اوهان شاديءَ کي اهڙي قيمتي چيز بڻايو آهي جنهن لاءِ هڪ استري کي ٻيءَ استريءَ کان ايرڪا ڪرڻي پوي. ڇا اهو سچ نہ آهي تہ هيڏو اڳتي اچڻ کان پوءِ بہ استريءَ لاءِ هڪ ڇت ۽ چار پتين جي ڊيسينٽي وڃي باقي بچي آهي. جڏهن ڪ پرش جي زندگي خود بہ هڪ سهوليت پري دوستي آهي.“
ڪهاڻي: ٻن قطبن جي وچ جي ڊوڙ: هريش واسواڻي.
- اهو درست آهي تہ پهريون قدم پرش تو کڻي پر اهو ڪنهن سوچيو ئي ڪونهي تہ ان کان اڳي جو مبهم ۽ ڇپيل قدم استري تي کڻي سو ڪيترو نہ بلوان ۽ خطرناڪ ٿيندو آهي.
- جيڪڏهين ڪا چوڪري سهڻي نہ بہ آهي تہ ميهار ملندي سهڻي ٿيو وڃي.
- شاديءَ جو بنڌن بہ استريءَ لاءِ سماج کي تنهنڪري لازمي قرار ڏيڻو پيو جيئن اهو سنبنڌ نرمل، پويتر، اِستر، سريشٽ، سنگم، سک، ميهہ ۽ سورگي رهي. کي ڪندون نہ نهن. وواهہ سنستا اتينت اتم آهي، تڏهن اسان ۽ حيوان ۾ باقي فرق ئي ڪهڙو رهيو؟
- سماج لاءِ استري زندهہ رهجي ويندي آهي پر پنهنجي لاءِ استري مري ويندي آهي. ليڪن اهڙين ستيتن کي متاثو آهي، چو تہ انهن جا ڪارڻ ڪريتا ۽ ڪنيتا هوندا آهن. سماج نٽي چاهي تہ خود مرد بہ پونر ٿيندا وٽن ٻين پنيان ڦرندا. پتني ورت کي بہ ايترپائي اهميت آهي جيتري پتي ورت کي.
- انسان کي صحيح سوچڻ کان صرف ڏک نہ روڪيندو آهي، پر انتظار ۽ اوسيڙي ۾ بہ اها حالت وڃي ٿيندي آهي، ۽ سيني کان وڌيڪ تہ غصي جي حالت ۾.
ڪهاڻي: پريم جو چوڪندو: منوتولا رام گدواڻي.
- من هڪ چنچل چيز آهي. هڪ سهارو وڃائڻ سان ٻئي سهاري کي پڪڙيندو آهي.
- ڪهاڻي: ٿيان يا نہ ٿيان! ڪيرت ٻاٻاڻي.

- ”اڄ پڻ، دان جو مطلب ڦري ويو آهي. دان ڏيو ته انسانن کي دشمن سڏي ماريون. دان ڏيو ته گهرن کي ناس ڪريون، ڪارخانا ختم ڪريون، دان ڏيو.“
- ”هڪ ديش هو، سنڌو. منهنجي جنني جنم ڀومي. مون کان خون جو، سون جو دان گهريو ٿو وڃي، سنڌوءَ جي جل کي خون ۾ بدلڻ لاءِ.

ڪهاڻي: تلاش! گنوسامتاڻي.

- هن صاحب ويد، اُپنشد، گيتا، مارڪس، نيتشي، سارتر سڀ پڙهيا آهن، مگر جيڪڏهين هن اهي سڀ پڙهيا آهن ته هو ان غلط نتيجي تي ڪيئن پهتو آهي؟ هر سٺي ۽ عقلمند ماڻهوءَ، مجبورين اڇڻ تي فاقا ڪڍي به، شخصي مفاد پاسيرا رکي نور نچوئي حياتيءَ کي سمجهڻ ۽ سمجهي ان کي سهڻو بنائڻ لاءِ دنيا جي اڳيان پنهنجا آدرش رکيا آهن،
- پهرين انسان مٽيءَ کي ڳوهي پنهنجي سک لاءِ تهذيب جو نرماڻ ڪري ٿو ۽ پوءِ مٽي ان انسان کي ڳوهي ان تهذيب کي ڊاهي ٿي ڇڏي.
- فقير منڊڪائيندو هليو ۽ ڳائيندو هليو. ان طرح جيئڻ جديد ليڪڪ زندگيءَ کي ڪا معنيٰ نه ڏيندا آهن ۽ پوءِ به لکندا رهندا آهن. هنن جو عقل ان طرح منڊڪ منڊي ڪندو آهي. عقل جي منڊڪ ۽ لکڻ ٻئي جاري هوندا آهن.
- انسان مشين ناهي آهي ۽ اها مشين سرمائيدار پاڻ وٽ رکي آهي. هو پنهنجي شخصي مفاد لاءِ اسان کي ان مشين جو پرزو بڻائي وينو آهي. اسان جي لڙائي مشين سان نه پر ان سرمائيداري سرشتي سان آهي.
- سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ جو وقت مٿان اميئڪٽ! جنهن جو شڪار آهي شهري ماڻهو.
- جي آدرش نه ملن ته وڇوڙو بهتر آهي.
- هينئر انقلابيءَ جو آدرشواد ختم ٿي ويو آهي. هينئر، نه ڪو گنو آهي، نه ڪو انقلاب ۽ جدوجهد آهي، نه ماڻهو آهن، نه انهن جو سک ۽ آسودگي آهي. هينئر گنو عاج جي مناري تي وڃي نااميديءَ جون بنسريون وڄائڻ لڳو آهي!

ڪهاڻي: پاڻيءَ مٿي جهوپڙا: موهن ڪلپنا.

هن سهڪاري ناول جي ادبي پرک جي سلسلي ۾ ”گوپال ٺڪُر“ جو ليک، وڏي اهميت رکي ٿو، جنهن پنهنجي آلوچنا ۾ گهڻو ڪجهه ڪليل لکيو آهي. جو ماهوار ”ڪونج“ جي ڪهاڻي پرچي ۾ شايع ٿي هئي، جنهن جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي هري موٽوانيءَ اسان جي مانواري

ليکڪ شوڪت شوري صاحب جي هٿان موڪلي ڏني هئي، جنهن لاءِ مان شوڪت شوري صاحب جو ٿورائتو آهيان.

جيئن تہ هري موٽواڻيءَ جو بہ خيال ان آلوچنا ڪي هن ناول سان ئي گڏ شايع ڪرڻ جو هو، انڪري هيءَ آلوچنا هن ڪتاب ۾ تمام اهم سمجهي شامل ڪئي وئي آهي.

حيرت آهي تہ هي ناول جنوري 1967ع کان مئي 1968ع تائين قسطوار شايع ٿيندو رهيو آهي، پر نہ تہ ان جي ڪا خاص پذيرائي ٿي آهي، نہ ئي سهڪاري ناول لکڻ جي ڪا ٻي ڪوشش ٿي آهي، وڏي ڳالهہ تہ هن هيڏي عرصي ۾ هي ناول ڪنهن ڪتابي صورت ۾ بہ شايع نہ ڪرايو، هن سهڪاري ناول جي اشاعت جو سپنو گهڻن سالن کانپوءِ ساپيا جي صورت وٺي اوهان جي هٿن ۾ آيو آهي. هاڻي جيئن تہ ڪجھ سنڌي ليکڪن فيس بوڪ جي اچڻ سان سهڪاري شاعريءَ جو طريقو بہ کوليو ورتو آهي، مان سمجهان ٿو تہ ساڳيءَ ريت انٽرنيٽ جي ذريعي سهڪاري ناول يا ناوليٽ جي سلسلي کي بہ جاري رکي سگهجي ٿو. بهرحال هن ريت ناول لکڻ جي ڪوشش وري وري ٿيڻ گهرجي.

مون کي اميد آهي تہ هن ناول جي شايع ٿيڻ سان، سنڌ توڙي هند جي سنڌي ليکڪن جي اندر ۾ وري هڪ نئون جذبو ضرور جاڳندو ۽ منجهن اهڙي قسم جي نرالي ناول لکڻ جو ساهس ضرور پيدا ٿيندو.

**بيدل مسرور بدوي**

ڪراچي، سنڌ

پهرين فيبروري 2014ع

(1)

# پيار جو ٽڪنڊو

## گوبند مالهي

### ڪونج جنوري 1967ع

”مان اندر اچي سگهان ٿو؟“

هوءَ پلنگ تي اڌ پاسيري ليٽي آر سان سويٽر مڙهي رهي هئي. هن چوڻ چاهيو، ”نہ.“

پر نگاهون مٿي ڪرڻ ڪانسواءِ چيائين، ”جي مان چوندس، ”نہ“، تہ نہ ايندين؟“

منوهر هڪ فلمي هيرو جيان دروازي وٽ بيٺو هو. ساڄو هٿ چيلھ تي هوس ۽ کابي سان در جو تاڪ پڪڙي بيٺو هو. ٻئي هٿ انداز سان هيٺ ڪيائين، ڪنڌ کي لوڏ سان موڙيائين ۽ ناٽڪي ڍنگ سان چيائين،

”مان انڪار کي اِقرار سمجهڻ جو عادي بڻجي چڪو آهيان.“ ۽ هو ڪمري اندر گهڙي وڏندو رهيو.

هوءَ بي اختيار سڌي ٿي ويني. آر، سئيٽر ۽ اُن پاسيري رکي.

”مان ويهي سگهان ٿو؟“

جواب جي انتظار ڪرڻ کان اڳ ئي هو پلنگ تي ويهي ويو. هوءَ پنيان سرڪي سوڙهي ٿي ويئي.

”اڄ هيءُ حجاب ڇا جو آهي، سشي؟“ هو ناٽڪي انداز سان هن ڏانهن نهارڻ لڳو.

سشيءَ جي ڳلن تي سچ پچ حجاب جي سرخي ملجي ويئي.

هوءَ سوچڻ لڳي، ’ناري هر غير پرس کان حجاب ڪندي آهي. تون اڄ غير بڻجي ئي نہ آيو آهين، بلڪل غير بڻجي ويو آهين.‘

پر زبان سان هڪ لفظ بہ نہ چيائين.

هن سشيءَ جي جهڪيل اکين تي نگاهون اٽڪائي، وات مچڪائي چيو،

”سشي، مان توکي پائي رهندس.“ هن اِهو جملو خبر نہ آهي، ڪائون دفعو دهرايو هو.

سشي دل ئي دل ۾ مرڪڻ کان پاڻ روڪي نہ سگهي. ’پائڻ جي حد تي پهچي، وڃائي وري پائڻ ڪنن ئي نہ، اڻ ٽيٽي آهي.‘ وري بہ دل جي بات زبان تي نہ آندائين.

منوهر هيڏي ايندي سوچيندو آيو هو ته سشي ڪيس ويٺن جي تيرين سان پريشان ڪندي، سندس دل کي گهاءُ مٿان گهاءُ رسائيندي. پر سشيءَ جي خاموشيءَ ڪيس ششدر ڪري ڇڏيو، گلو گهٽي بي زبان ڪري وڌو. هن سشيءَ کي ڳالهارائڻ ٿي چاهيو. پر نه موضوع سجهيس، نه لفظ اُڪليس. اِن وچ ۾ نڙي ئي نه، چپ به خشڪ ٿي ويس.

سشي هن جي ويجهو ويٺي به دور هلي ويئي هئي. ڪافي دور.

ڪملا نهرو پارڪ ۾ هوءَ منوهر جو انتظار ڪري رهي هئي. ٻتيون ٻري چڪيون هيون. پارڪ جي چهل پهل گهٽبي گهٽبي ختم ٿي ويئي. هن جو منهن ئي نه، من پريشان، اجا به وڌيڪ پريشان ٿي رهيو هو. پوءِ به هوءَ ويٺي هئي آس جو پلؤ پڪڙي. جڏهن پارڪ ۾ ڪو ٻني بشر نه رهيو، تڏهن هوءَ گهٻرائجي اُٿي ڪڙي ٿي. بس ۾ هن جو هردو ئي روئي نه رهيو هو، هن جي شڪل به روئڻهارڪي ٿي ويئي هئي.

بس مان لهي ڊانوان ڊول من ۽ لڙڪڙائيندڙ قدمن سان پنهنجي ڪالونيءَ ڏانهن وڌندي رهي. پل جي هيٺان لنگهي رهي هئي جو پنيان چاٽل سجاتل ٺهڪ جو آواز ڪن تي پيس. هن پل هيٺان انڌيري مان منهن ورائي ڏٺو. پل پرسان نيم انڌيري کي چيري منوهر ۽ نرملا ڪالونيءَ طرف اچي رهيا هئا.

سشيءَ ڪان چرڪ ئي نه نڪري ويو! هوءَ پل جي ديوار سان لڳي بيٺي. گويا پاڻ ئي چور هئي ۽ سنديس ئي چوري پڪڙجڻ واري هئي.......

منوهر جي سان چپ آلا ڪيا ۽ شرم پرچائڻ سانگي چيو، ”اڄ چا چانهه جي پيالي به نه ملندي؟“

سشيءَ خود هن جي پرسان اُٿي وڃڻ ٿي چاهيو. موقعو ميسر ٿيندو ڏسي، هوءَ بنا دير اُٿي ڪڙي ٿي ۽ رنڌڻي طرف وڌڻ لڳي.

پنيان بي اختيار منوهر چئي وينو، ”ٿي ڪوپ ناهج.“

”ٿي ڪوپ!“

سشي رنڌڻي ڪان ٿورو اوپرو بيهي رهي.

هن ڪنڌ ڦيري منوهر ڏانهن ڏٺو ۽ هن ڪان ٺهڪ نڪري ويو.

منوهر وائڙو ٿي ويو.

هن چيو، ”مان...... مان به ڪوپ نه پيئندس.“ پوءِ هڪ ئي ساهه ۾ چيائين، ”نرملا جي اچڻ جو وقت ٿيو آهي نه؟“

سشيءَ جو منهن ڪاراٽجي ويو.

منوهر هن جي منهن جو ڦريل رنگ ڏسي ئي ڏسي تنهن کان اڳ هوءَ منهن ڦيري رنڌڻي طرف وڌي ويئي.

سنديس ئي گهر ۾، سنديس ئي سامهون پيار جون رنگوليون ٽيڻ واريون هيون!

رنڌڻي ۾ پهچي هن هڪ ڪوپ جيترو پاڻي اسٽوو تي رکيو. پاڻي به ڪڙهي رهيو هو ۽ هن جي دل به ڪڙهي رهي هئي.

’هو پاڻ کي آخر سمجهي ڇا ٿو؟ مونکي پارڪ ۾ اچڻ ۽ ترسڻ جو چئي نرملا کي سئنيما ڏيکارڻ وٺي وڃڻ جي گهاءُ رسائڻ مان هن جي دل نه ڍاپي جو منهنجي سامهون ئي منهنجي گهر ۾ هن سان پيار جتائي زخم تي لوڻ ٻرڪڻ ٿو چاهي؟

هيءَ پرشن جي ذات!‘

يڪا يڪ رات پل هيٺ ٻڌل لفظ هن جي ڪنن ۾ ٻريا،

”نمي! هفتي ۾ هڪ دفعو ضرور ڪا نه ڪا پڪچر گڏ ڏسنداسين.“

’هو گڏ پڪچر ڏسندا، ڪلندا خوش ٿيندا، هٿ هٿ ۾ ڏيئي گهمندا ڦرندا ۽ مان؟ مان هن جو اوسيئڙو ڪينديس، روئنديس رڙنديس ۽ اُف نه ڪنديس. مٿان هنن کي چانهه پياريندس، گڏجڻ مسجڻ جو موقعو ميسر ڪري ڏينديس.‘

سشي دل ئي دل ۾ پاڻ تي غصو ڪرڻ لڳي.

’مان ڪين گڏجڻ مسجڻ ۽ گهرو پوڻ جو موقعو ميسر ڪري نه ڏيان ها ته ڇا مونکي هيءُ ڏينهن ڏسڻو پوي ها؟ پر... پر مونکي ڇا خبر هئي ته منهنجي ڏسندي ڏسندي منوهر نرملا ڏانهن ڇڪجي ويندو، خاص ڪري جڏهن هن پيار ئي نه جتايو هو، شادي ڪرڻ جو واعدو به ڪيو هو، هڪ دفعو ئي نه، الاهي دفعا..........

هيءَ پرشن جي ذات !!...‘

هن چانهه ۾ کير وڌو، کنڊ وڌي مگر هن جي دل جي ڪڙاڻ، ڪڙاڻ ئي رهي... زهر جهڙي.

”سشيلا دادي! مان اندر اچي سگهان ٿي؟“

سشيءَ چوڻ چاهيو، ”نه.“ زبان سان ”ها“ به نه چيائين. چوڻ جي ضرورت به نه پيس.

منوهر اُتساه سان چيو، ”اچ، اچ نرملا.“

رنڌڻي جي دريءَ مان سشيءَ ڏٺو. نرملا لڏندي لمندي منوهر طرف وڌي رهي هئي، چپن تي عجيب مرڪ ڪٽي ۽ اکين ۾ انوکي چمڪ پري.

منوهر ڏسڻ ۾ نٿي آيس پر مرڪ ۽ چمڪ جو سنگم هن جي منهن تي به هوندو. هوءَ پڇري ويئي. پوءِ به چانهه جو ٻيو ڪوپ ڪاڙهڻ لاءِ رکيائين.

”دادي ڪٿي آهي؟“ نرملا جو آواز آيو.
”ويهه. دادي رنڌڻي ۾ آهي.“ منوهر جو آواز بلند ٿيو.
وري ڪو آواز نه آيو.
سشيءَ سوچيو،
’پوءِ به ٻئي ڳالهائيندا ئي هوندا. زبان سان ڪٿي نه، اکين سان. ۽ اکين معرفت دليون بهتر ڳالهائي سگهنديون آهن.‘ جلن سان ڪاراٽيل دل جي دونهين جي باوجود هن جي ڳلن تي هلڪي سرخي ڊوڙي آئي. شخصي آزمودي جي سمرتي ساڻ ڪٿي.
اچانڪ هن جي ڪنن ۾ ٻنهي جي آوازن ۾ پڙاڏو ٿيو، ”دادي.“
هوءَ سچ پچ ٻنهي جي دادي رهي هئي. ماسترياڻي.
اناويهن سالن جي منوهر کي سرڪاري نوڪري ڪندي بي اي پاس ڪرڻ جو ڪُڌ ڪنيو هو ۽ ڪنيائين هسٽري پاليٽڪس، ۽ اوچتو هن جو ڌيان سوشل اِسٽڊيز پاڙهيندڙ ايم اي پاس پاڙيسرياڻيءَ .... ماسترياڻيءَ ڏانهن ڪچي ويو. ٽيوشن ڏيندي وٺندي به هم عمر هڪ ٻئي کي پرجهڻ پروڙڻ ئي نه لڳا، پر به دليون نئين سر جوان ٿي ويون ۽ ٻن سالن جي صحبت محبت ۾ بدلجي ويئي. اِن وچ ۾ ساڳيءَ ڪالونيءَ ۾ رهندڙ نرملا يارنهين درجي تائين پهتي. مچي مانيءَ وارن مائٽن سال بچائڻ سانگي سنجهيئي هن کي ٽيوشن لاءِ سشيلا داديءَ وٽ موڪليو. ۽ ... ۽ تفرقو ئي ڦري ويو!
ڪوپن ۾ چانهن اوتيندي سشيلا پاڻ پرپائڻ سانگي سوچڻ لڳي، ’ماسترياڻي شاگرد جي پيار ڪان ٻن وديارٿين جو پيار وڌيڪ سياويڪ ۽ سهائيندڙ آهي.‘
پر نامراد دل کي ڪا تسڪين نه آئي.
پڄرندڙ من ۽ ٻرندڙ تن سان هن به ڪوپ آڻي هنن اڳيان رکيا.
هو ٻئي پريشان ٿي هڪ ٻئي جو منهن تڪڻ بعد ڏانهس نهارڻ لڳا. منوهر ساهس سنڀالي چيو،
”تون... تون پنهنجي لاءِ چانهه نه ڪٿي آئي آهين؟“
”مان نه پيئنديس،“ سشيلا نرملا جو انگريزي ڪتاب ڪڻندي چيو، ”مونکي متي ۾ سور آهي.“
متي جي سور لاهڻ لاءِ گهٽا چانهه پيئندا آهن. پنهنجو جواب ٻڌي سشيلا ششدر ٿي ويئي ۽ ڪتاب جا تڪڙا تڪڙا صفحا اُٿلائڻ لڳي.
منوهر چور نگاهن سان نرملا ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ چانهن جو ڪوپ ڪٽي چپ چاپ پيئڻ لڳو.

نرملا حيران ٿيڻ کان وڌيڪ هراسجي ويئي. هن جو هٿ چانهه ڏانهن نه وڌيو. بند ٻڌجي ويني رهي. منوهر کي به همت نه ٿي جو چانهه پيئڻ لاءِ چويس.

ڪائينڊڙ ماٺ جي مهر وري به سشيلا ئي ٽوڙي. چيائين، ”ڪالهه وارو انگريزي سبق تو چڱيءَ ريت سمجهيو؟“

نرملا اکيون مٿي ڪري چيو، ”هڪ حوالو نه سمجهيم.“

سشيلا سبق اڳ ئي کوليو هو. ڪتاب هن ڏانهن وڌائي چيائين، ”ڪهڙو؟“

منوهر جا پٽ اِن وچ ۾ سنوان ٿي ويا هئا. چيائين، ”پهريائين چانهه پيءُ پوءِ ٻڌائينس.“

نرملا گويا ٻڌو ئي ڪونه هن حوالي واريءَ سٽ تي آڱر رکي.

سشيلا جي دل زور سان ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. جملو هئو: ”ايوري ٿنگ اِز فيئر اِن لو اينڊ وار“.

پيار ۽ جنگ ۾ سڀ روا آهي.

سشيلا چوڻ چاهيو، ’اِهو جملو مونکان وڌيڪ منوهر سمجهائي سگهندءِ.‘ پر چيائين:

”چڱو، تون پهرين چانهه پي وٺ.“

جملو منوهر به پڙهي ورتو هو. هن جي دل به زور زور سان ڌڪ ڌڪ ڪري رهي هئي. هن نرملا ڏانهن نهاريو. مگر هوءَ ٻالي ڀولي ٻڌجي چانهه پي رهي هئي.

سشيءَ جي من ۾ آيو ته جئن ڳائيڊ مان طوطي جيان اِهو حوالو ياد ڪري ڪالهه ڪلاس ۾ وديارٿين کي ٻڌايو هئائين تئن اڄ به ساڳي رٽ لڳائي. پر الائي ڇو، من اِن ڳالهه تي محڪم نه رهيس. چيائين:

”اڏ صحيح آهي. جنگ ۾ سڀ ڪجهه روا ٿي سگهي ٿو، پيار ۾ نه.“

سشيءَ اِهو سڀ ڪجهه ڪتاب مان اکيون ڪيڻ کان سواءِ ئي چيو.

پوءِ به منوهر ائين سمجهيو ته هوءَ ساڻس مخاطب هئي. ڳالهه کي درسي سطح تي آڻڻ لاءِ چيائين، نرملا ڪاليج ۾ ٿوروئي آهي جو پنهنجو يا تنهنجو رايو لکي ايندي ته اڏ صحيح آهي، اڏ غلط.“

سشيءَ ڀانءِ ته هن کي ٻڌوئي نه. چوندي رهي:

”جنگ ڌڪار جي پيدائش آهي. ان ۾ سڀ ڪجهه روا آهي. پر پيار؟ اهو ته ڌڪار جو ضد آهي. تنهن کان سواءِ پيار اِنسان جو سڀني ۾ سٺو جذبو آهي. ان ۾ سڀ ڪجهه روا نه آهي. ٿيڻ به نه کپي.“

سشي چپ ٿي ويئي. اکيون مٿي نه ڪنيائين. پوءِ به ڀانپي ورتائين ته منوهر ۽ نرملا جون نگاهون هڪ ٻئي سان مليون ۽ الڳ ٿي ويون.

هن کي ائين لڳو ته سنديس سامهون جي جوابدارن موجود هئا تن مان هڪ معصوم هو ۽ هڪ گنهگار. گنهگار جو پرواني مان پنئرو بڻيو هو، جو هڪ گل کان پوءِ ٻئي گل مٿان ڦيرا پائڻ لڳو هو. ۽ چا اُتي بس ڪندو؟ ڪندو بس؟؟

هن جي دماغ ۾ ساڳيو سوال گونجندو رهيو. جواب نه پائي، تهائين بلند ٿيندو ويو، ۽ هن پنهنجو مٿو ڦرندو محسوس ڪيو. هن سمورو ساهس جمع ڪري پاڻ سنڀاليو ۽ جهيڻي آواز ۾ گويا پاڻ سان ڳالهائيندي چيو، ”نرملا، اڄ منهنجي طبيعت نيڪ نه آهي. تون وڃ. سياڻي به ڪلاڪ ٽيوشن ڏينديسانءِ.“

نرملا پنهنجيءَ دادي‌ءَ ڏانهن نهاريو. طبيعت جي ناسازي هن جي چهري مان بکي رهي هئي.

هن منوهر ڏانهن به نه ڏٺو. پنهنجا ڪتاب سهيڙيائين ۽ سشيءَ جي هٿن ۾ ڍلو جهليل انگريزي ڪتاب ڪنيائين ۽ چپ چاپ ٻاهر وڃڻ لڳي.

منوهر ڪجهه چوڻ چاهيو. پر لفظ ڳلي ۾ اٽڪي پيس. هو نرملا کي ٻاهر ويندو ڏسندو رهيو.

هوءَ هلي ويئي، پوءِ به اکيون دروازي تي اٽڪيل رهيس.

سشيءَ ڪرسيءَ جي پنيءَ تي ڪنڌ لڙڪائي ڇڏيو هو. ڪنڌ مٿي ڪرڻ بنا چيائين، ”تون به وڃي سگهين ٿو.“

منوهر کان هلڪو چرڪ پرجي ويو. پوءِ پاڻ سنڀالي چيائين، ”سشي، اڄ توکي ڇا ٿي ويو آهي؟“

لهجي ۾ جا پنهنجپائي هئي، تنهن سشيءَ کي ويتر چڙ ڏياري. شوخ نوع ۾ چيائين، ”پاڻ کان پڇ.“

منوهر کي گويا پنهنجي قصور جو پهريون دفعو احساس ٿيو، سو به شايد نرملا جي عدم موجودگيءَ ۾، پر جلد پاڻ تي مڪمل قابو پائي چيائين،

”آءِ ائم ساري. ڪالهه آفيس ۾ اوور ٽائيم ٿي پيو. مون کي سچ پچ ته ڏاڍو ڏک آهي.“

سشيءَ منجهيل من ۽ پريشان دماغ سان به به ڳالهيون پروڙيون: ’پرش چالاڪيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي ۽ جتي اَڏڻ نه چاهيندو آهي تِتي ڇڏڻ به نه چاهيندو آهي.‘

دورانديش! هن جي ڪڙهندڙ من ٻڙ ٻڙايو.

’دورانديش منهن جو موچڙو....‘ ۽ زبان مان نڪتس، ”تون هليو وڃ هتان!“ وري چيائين، ”مهرباني ڪري.“

منوهر گويا ٻاڏايو، ”اعتبار ڪر، سشي.“

سشيءَ ۾ خبر نہ آهي، ڪٿان سگهہ آئي. ڏڙام سان اٿي ڪڙي ٿي. اکين مان ٽاندا برسائيندي چيائين:

”نہ ويندين تہ مان اوڙو پاڙو ميڙيندس.“

منوهر سچ پچ تہ ڏڄي ويو. هن سشيءَ کي رسندو، ڏمربو الاهي دفعا ڏٺو هو پر هن جو ههڙو پوائتو روپ هن اڳ ڪڏهن نہ ڏٺو هو. ۽ هن جي من ۾ رتي پر شڪ نہ رهيو تہ هوءَ ڪا اوڙو پاڙو ميڙڻ کان گسندي. هو امالڪ اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ ڪنڌ ڦيرڻ کانسواءِ ئي دروازي ڏانهن وڌيو.

سشيءَ تکي آواز ۾ چيو، ”وري هت ڪڏهن بہ نہ اچجانءِ.“

يڪا يڪ هن جي دماغ ۾ هڪ سوال نئين سر گهميو، ’چا پيار ۾ سيڪجهہ روا ٿيڻ کپي؟‘

۽ زبان سان هن چلايو، ”نہ، نہ، نہ.......“

دماغ ۾ ڦريس، ’ڪوڙ، حرفت ۽ ڪپٽ چا اِهي پيار جا انگ آهن؟‘

هن پيار بابت پڙهيو ۽ پاڙهيو نہ معلوم ڪيترا دفعا هو پر آزمودو پهريون ئي هوس.

’پهريون انگور ئي کٽو نڪتو هو.‘ اُپ گجڻ بعد برسڻ لڳو: سشيءَ جي اکين مان اشڪن جون ڌارائون وهي هليون. ڪٽي انگور مان ڦٽي نڪتل ڪاريون ڌارائون.

”چو، اڄ نرملا ڪانہ آئي آهي؟“

اِهو هن جي ماءُ جو آواز هو. مندر مان موٽي ٿي ڏني.

سشيءَ جي جيءَ ۾ آيو تہ وڃي ماءُ سان لپٽان. هن جي ڇاتيءَ ۾ منهن لڪائي روئان، رڙان ۽... ۽ هيانءُ هلڪو ڪريان. يڪا يڪ هن کي ياد آيو تہ گذريل ٽورن سالن کان هوءَ ماءُ کان وڌيڪ سنديس پيءُ رهي هئي. اِستريءَ کان وڌيڪ پرش رهي هئي. ۽ پرش اڳيان نربلتا ڏيکارڻ اڄ سشيءَ کي هرگز منظور نہ هو.

هن پاڻ ئي پنهنجا آنسو اُگهيا. ماءُ ٻچتيءَ ۾ هلي ويئي هئي، ناڪرن جي شيوا ڪرڻ لاءِ. سشي اوچي ڳاٽ رنڌڻي ۾ گهڙي ويئي. ماءُ ۽ پنهنجي ڪاڻ چانهہ ٺاهڻ لاءِ.........

*

(2)

# ڀڏندڙسورج، افق جي روشني

## پوپٽي هيراننداڻي

## ڪونج فيبروري 1967ع

سشيلا ڇوڪرين کي انگريزيءَ ۾ مضمون لکڻ لاءِ ڏنو. مضمون جي وشيه هئي If I were a boy (مان جيڪر ڇوڪرو هجان ها) مضمون لاءِ ٻه فرجا (Periods) مقرر ٿيل هئا.

هونئن سشيلا پهرين پاڻ مضمون جي وشيه تي بحث ڇيڙيندي هئي. ڇوڪرين کان ڪي ننڍا وڏا سوال ۽ هوءَ ڪين مضمون جي پئرگراف شروع ڪرڻ جي طرز ٻه ٻڌائيندي هئي. پوءِ ٻئي پيريڊ ۾ ئي ڇوڪريون مضمون لکڻ شروع ڪنديون هيون. پر اڄ سشيلا شاگرديائڻين کي سڌو ئي چيو ته ”مضمون لکو: ڏسان ڇا ٿيون لکو.“

پاڻ متي ڊيز (Dice) تي پيل ڪريسيءَ تي ويهي سامهون ڪليل دريءَ مان نهارڻ لڳي. دريءَ مان ته ڪجهه ٻه نظر ڪو نه ٿي آيو. صرف هڪ مڪان جي ڇت هئي اتي. پر سشيلا جي من روپي ڪُنَ ۾ ويچار تيزيءَ سان ڦري رهيا هئا. سندس اکيون سامهون نهاري رهيون هيون مگر سندس من پنيان ڏسي رهيو هو.

آرتوار جو ڏينهن هو. منوهر ڪيس هئنگنگ گارڊن (Hanging Garden) وٺي آيو هو. ”ناز ريستارنٽ“ جي پهرئينءَ ماڙ تي ڪنڊ ۾ پيل ميز جي چوڌاري پيل ڪرسين مان ٻن تي ويهي ڪافي پي رهيا هئا. اوچتو منوهر گنڀير ٿي چيو، ”توکي پيو سڏي.“

سشيءَ پنيان نهاريندي پڇيو، ”ڪير؟“

اتي ڪنهن کي نه ڏسي هن سوالي نگاهه سان منوهر ڏانهن نهاريو.

منوهر مشڪي هٿ سان اشارو ڪندي چيو، ”هيءُ.“

سامهون هڪ ڊگهو وڻ هو. ان جون ٽاريون لُڏي رهيون هيون.

اڳيان پنيان.......... اڳيان پنيان.....

منوهر انهن جيان پنهنجي ٻانهن لوڏيندي چيو، ”هيءُ وڻ ٻانهون لوڏي هٿ جي اشاري سان توکي پيو سڏي چوي: هيڏي آءُ.......... هلي آءُ.......... هيڏي آءُ.......... هلي آءُ.......... پر تون مونکي ڇڏي وڃس متان وڃين!“

سشيلا جي من مان خوشيءَ جي هڪ لهر اٿي ۽ سندس چهري تي چمڪندڙ مشڪ ٻڄجي ويهي رهي.
اتان اٿي هو ٻئي باغ ۾ آيا ۽ اچي لان تي ويٺا. سندن پٺيان ۽ پاسي کان گلن سان چانيل ٻوٽن جون قطارون هيون.
هڪ پونئر گل تان اٿي سشيءَ جي ويجهو آيو ۽ پوءِ دور اڏامي ويو.
منوهر پنهنجو وات سشيءَ جي ڏائي ڪن جي ويجهو آندو ۽ اکيون بند ڪري، ڪنڌ ڦيرائي، پونئر جي گونجار جو نقل ڪندي ڳائڻ لڳو،
”تون..........اون.........تون......اون....“ ائين ڪندي سندس چپ سشيءَ جي ڪن کي ڇهي ويا.
سشيءَ جي من ۾ پيار جو هڳاءُ پرجي آيو. سندس اکين ۾ خمار هو ۽ ساري شرير ۾ هڪ عجيب جهرجهري ڦهلجي رهي هيس. هن پنهنجو سر منوهر جي ڪلهي تي رکي ڇڏيو. منوهر سندس چيلهه جي چوڌاري ٻانهن ورائي. سشيءَ پانيو ته سرڳ هيٺ لهي آيو آهي.........
اڳيان ئي بينچ تي ساوتري ويٺي هئي. هوءَ ڇوڪري هئي ۽ ڇوڪرو ٻڌڻ جي تمنا ڪڏهن به ڪونه ڪئي هئائين. ڪاپيءَ تي اڌ سٽ لکي هوءَ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي. پنهنجي داديءَ جي منهن تي رنگين پڙدا لهندا چڙهندا ڏسي، هوءَ ڏاڍي دلچسپيءَ سان هن جي چهري کي ڏسي رهي هئي. سشيلا کي پنهنجو پاڻ سان مرڪندو ڏسي، هن پرسان ويٺل ڪملا کي ٺونٺ هنئي. ڪملا اڌ صفحو لکي چڪي هئي. وڏيڪ ڇا لکبو، سو ڪيس سجهوئي نه پئي. اکين ئي اکين ۾ ساوتريءَ جي ڳالهه سمجهي هوءَ به سشيلا ڏانهن نهارڻ لڳي. پوءِ ٻئي ڳُڏجي کلڻ لڳيون.
اوچتو سشيلا سامهون نهاريو. ڪملا ۽ ساوتريءَ کي ڪلندو ڏسي، هن پاڻ سنڀاليو. ڪلهن تان ساڙهيءَ جو پلئُ ورائي هوءَ سڌي ٿي ويٺي.
ٻيءَ ڪن ۾ ڪيس ياد آيو ته مان ماسترياڻي آهيان.
هن ساوتريءَ ڏانهن گهور ڪري نهاريو. پر سندس اکين مان غصو ته ٽپڪيو ئي ڪين. ڪملا ٻي ڇوڪريءَ تان ڏسي هڪ سٽ وڌيڪ لکي ورتي پر ساوتريءَ پنهنجي ڪاپيءَ ۾ صرف هڪ ننڍڙو ليڪو رهڙيو.
سشيلا ديز تان هيٺ لٿي ۽ ڪلاس ۾ چڪر ڏيڻ لڳي. هر هڪ بينچ وٽ هڪ به سيڪنڊ ترسي هوءَ دريءَ وٽ اچي بيٺي ۽ هيٺ نهارڻ لڳي. هيٺ، بس اسٽاپ وٽ هڪ ڇوڪرو ڇوڪري

هڪ ٻئي جو هٿ پڪڙي، لوڏائي رهيا هئا. ڇوڪرو ڇوڪريءَ جي منهن ۾ نهاري ڪجهه چئي رهيو هو ۽ ڇوڪري هر گهڙيءَ ڪنڌ پنهنجا اڇلي ٽهڪ ڏيئي رهي هئي.

ششيلا سوچي رهي هئي ته ’ڪاليجي جيون ۾ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڪيئن نه البيلا مستانا ٿي پيا گهمن ڪلن! جڏهن مان ڪاليج پڙهندي هيس تڏهن منهنجي ساهيڙي راڌڪا ۽ هو ڪارو ارجن ڪيئن نه پاڻ ۾ پيا گڏجندا ۽ گهمندا هئا! راڌڪا ته هن پنهنجي جنسي چري هئي. شام جو ارجن سان پڪچر تي وڃڻو هوندو هوس ته صبح کان وٺي سندس اکين مان رس ٽپڪڻ لڳندي هئي! ۽ هوءَ سندري؟ ڇوندا ڪاري ڪوئل هئس پر سندس ڳائڻ پنهنجا هرڪو مست هو. ڇا ته ڳرائي هوندي هيس! پر موهن کي ڏسندي ئي کهڙي نه چلولي ٿي پوندي هئي! ڳالهه ٻڌڻ کان اڳ ئي پيئي کلندي هئي.

’هڪ ڏينهن ڪلاس سان گڏ جُهو تي پڪنڪ ڪرڻ ويئون هيوسين. سڀ سمنڊ جي ڪناري تي ليڊر گيم (Leader Game) ڪري رهيا هئا. مون کي اچي اڄ ستايو. سو لنگهي ويس Palm Grove هوٽيل ۾ هال جي ڪنڊ ۾ پيل سوفا تي سندري ۽ موهن وينا هئا. ٻئي هڪ ٻئي ۾ اهڙا گم هئا جو مونکي ڏٺائون به ڪين!

گهر موٽيس منهنجي اکيان هر گهڙيءَ اهو ئي نظارو پئي ڦريو! ان وقت مان پاڻ کي کهڙي نه اڪيلي اڪيلي محسوس ڪرڻ لڳيس !‘

’هو چريو ساجناڻي منهنجي پنهنجا پيو ڦرندو هو. پر منهنجي دل تي ڪنهن مرداني شخصيت جو پاڇوئي ڪين پيو !‘

’هاڻي ته منوهر جي ڪلڻ ڳالهائڻ، اچڻ وڃڻ، اٿڻ ويهڻ، سڀ جا منهنجيءَ دل ڄڻ فوٽا ڪينچي ورتا آهن. صرف فوٽا ئي هجن ها ته به نيڪ، هنجي ته هر هڪ ادا منهنجي دل تي اڪرجي ويئي آهي. الائي هاڻي ڇا ٿيندو؟‘

ششيءَ جي چهري تي اداسي پنهنجا پر پکيڙي ويهي رهي. هوءَ دريءَ واري جاري تي نونٺ رکي ڳٽي تي هٿ رکي ڏنگي تي ٻيهي رهي. ساوتري وري به ڏانهس نهاري ڪملا جي کلهي کي ڇهي، ڪنڌ لوڏي چيو،

”ته ته ....... ته ته....... ويچاري اسان جي دادي!“

رسيس ملي. ششي ڪرسيءَ تي ويهي پنهنجو ڪنڌ ڪرسيءَ جي پٺيءَ تي رکيو ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيائين. گلي اچي سندس پرسا ويني: ”ائي، تنهنجي اها نمو آهي نه؟ تنهنکي نه ٿي چوين ته اسڪول جي فنڪشن تي ڊانس ڪري؟“

سشي پنهنجي اندر ۾ ئي گهمي رهي هئي. هن سوال ٻڌو ئي ڪين. گليءَ ڪيس ٽيلهو ڏنو.
”اڙي، مائي! هيئن ڪنڌ چو لڙڪايو اٿيئي؟ ڪهڙي خيال ۾ گم آهين؟ اسڪول ۾ پئي وسين يا اسپتال ۾؟“
”نڪو اسڪول ۾ نه ئي وري اسپتال ۾. هيءَ ته ڪنهن جي من ۾ وسي رهي آهي.“
ڪلان جي ان چرچي جو مطلب سيني ڪو نه سمجهيو پر ٺهڪ سيني گڏجي ڏنو. گليءَ ڪي سشيءَ تي تاءُ آيو. هن ڳالهه بدلائڻ لاءِ سشيءَ کي ڌونڌاڙيندي چيو، ”ٻڌين ٿي ڙي! پنهنجي نرملا کي چؤ ته هڪ Solo Dance تيار ڪري وٺي. ماستر ڪان سڪندي ته آهي ئي، هونئن سندس مائٽ مجيندا ئي ڪين. تنهنجي چوڻ کي ڏسي مجي ويندا.“
ڪلان وچ ۾ ڏيڪ ڏنو. ”پر خبر اٿيئي ته فنڪشن تي ايجوڪيشن منسٽر ڪو نه ٿو اچي؟ ان ڪري ائگريڪلچر منسٽر چتروال کي عرض ڪيو اٿن.“
”چتروال اچي يا ٻڪروال. فرق ڪهڙو پوندو؟ وزير پاڻ ٿورو ئي ٿو ڳالهائي؟ جيڪي سندس سيڪريٽري لکي ڏيندو سو ئي اچي ٻوليندو. پنهنجو ڪم اسم پيش ڪرڻ سان ڪين؟“ گليءَ گوڏي تي هٿ رکي سمرٿن لاءِ سشيءَ ڏانهن نهاريو.
سشيءَ چيو، ”سياستدانن جو شاگردن سان ٿوروئي پيار رکيو آهي؟ هنن جو مطلب پنهنجي عهدي سان آهي اسڪول ۽ ڪاليج ٻه ڪين نينيون ڏئي خوش رکي وينا آهن ۽ موٽ ۾ هو سندن ڪاروبار ۾ دخل ڏيئي ڪين جنتا ڪان ڇڏائي وينا آهن. تعليم جو ٽيو الهه واهي. نه ٻگاڙو وجي سگهي ۽ نه ويچارو سڌارو اچي سگهي.“
گليءَ ڪلي چيو، ”تنهن ڏينهن ٻڌم ته ڪامرس ڪاليج جي شاگردن پنهنجي ساليانيءَ اُتسوءَ ۾ ڊفينس منسٽر کي گهرايو هو. ڳالهه آهي ڪ ڪل آهي؟ ڪجا ڪامرس ڪجا ڊفينس!“
ڪلان پنهنجيءَ ڄاڻ جو ثبوت پيش ڪندي چيو، ”چو؟ ائين ته نه چؤ. واپار مان پئسا ڪمائبا تڏهن ته وڙهڻ لاءِ هٿيار نهندا؟ پر تعليمي سنستائن جي جشن ۾ شامل ٿي اچي تقريرون ڏجن. اهڙو رواج پنڊت جواهر لعل ئي شروع ڪيو هو. هو يونيورسٽين جي ڪنووڪشن تي ويندو هو ۽ شاگردن کي وجي صلاحون ڏيندو هو.“
”جواهر لعل نهروءَ جي ته ڳالهه ئي ٻي هئي. هو نه شاعر هو نه فيلسوف، پر سندس شخصيت شاعراڻي هئي ۽ سندس ويچار فيلسوفاڻا، هن جي تقرير تي هن جي شخصيت جي ئي ڇاپ پيل هوندي هئي. ان ڪري شاگردن کي هن وٽان ڪنهن نه ڪنهن قسم جو خزانو ملي ئي ويندو هو. ٻيو ته نهروءَ ۽ شاگرد جو رشتو صرف تقرير تائين محدود نه هو. تقرير ڪان اڳ ۽

پوءِ ٻه شاگرد ۽ نهرو هڪ ٻئي کي ويجهو هئا پر هنن وزيرن ۽ شاگردن جو پاڻ ۾ ڪو ٻه سنٻنڌ ڪونهي. تقرير ختم ٿي، وزير گم ٿيو. پوءِ نه تو ڏني سهٽي نه مون ڏنو ميهار.“
گليءَ سشيءَ جي پنيءَ تي ڏڪ هنيو، ”سشيءَ جي ٻچي! بحث کي هميشه گنڀيرتا ڏانهن گهلي وڃين! اڙي ميهار جي سکي! منهنجي سوال جو جواب ڏنءُ؟“
ڪلان معنيٰ ڀري مرڪ مرڪندي چيو، ”نمو ڊانس جاڻي اها ڳالهه شايد وٽيس ئي نه ٿي. ڇا ڪري ويچاري؟ اڇي جواهر لعل کي جهليو اٿس.“
سشيءَ ۽ گليءَ جون نگاهون ازخود ملي ويون. گليءَ ڪلان کي ڊماڪائينڊڙ نوع ۾ چيو، ”ڇوڪري! نهروءَ لاءِ ائين ڳالهائبو آهي؟ زبان جي ڪئنچي اهڙي گهرگهلي ڇو تي پئي اٿيئي ڙي؟“
گهنڊ لڳو. سڀ ٽڙي پکڙي پنهنجي پنهنجي ڪلاسن ڏانهن هلڻ لڳيون. گليءَ سشيءَ جي تمام ويجهو لنگهندي پٽڪندي چيو، ”نموءَ کير ۾ مک وڌي آهي ڇا؟“
سشيءَ ڪو جواب ڪو نه ڏنو. صرف هڪ لنبو ساهه کنيائين.
گليءَ ڏانهنس هڪ همدرد نگاهه اڇلي هلي وئي.
سشيءَ کي فري پيرڊ هيو. هوءَ وري ٻه خيالن جي دنيا ۾ ڪوهجي وئي.
’پريم ائين آهي جهڙو پارو. سندس ترل چمڪ کهڙي نه موهيندڙ آهي! پر هڪ وار جي هارجي پيو ته پوءِ ميڙي گڏ ڪرڻ ئي مشڪل! ته ڇا منهنجو پيار سچ پچ هارجي پيو آهي؟‘
سشيءَ جون اکيون آليون هيون.
’منو مونکي ڪيترو نه چاهيندو هو! هو مونکي پيار ڪندو هو ته مان جيئري هيس، نه تو ڪري ته منهنجي زندگي ختم ٿي ويئي. اهي ڪن، جن ۾ پيار پريل هو، گذري ويا! پر زندگي ته ڪن جي ئي نهيل آهي! ۽ هر هڪ پل پنهنجو پاڻ ۾ سميٽيل هڪ زندگي آهي. هڪ زندگيءَ جو خاتمو اچي ٿو ته ٻيءَ زندگيءَ جو جنم ٿئي ٿو. ڪالهه واري زندگي خوشيءَ جي اوجلتا ڪٽي چمڪي رهي هئي ۽ سيان جي زندگي غم جي دونهي سان ڪاراٽيل ٻٽجندي. ائين ڇمڻ ڪان مرڻ تائين جيڪو مفاصلو آهي، ان کي طئہ ڪندي اسين گهٽيئي زندگيون جيئون ٿا ۽ گهٽيئي موت مرون ٿا.‘
اسڪول مان موٽندي نرملا بس اسٽاپ وٽ بيٺي هئي. سندس ساهيڙي اُشا رستو ڪراس ڪري رهي هئي ۽ هيءَ ان ڏانهن ئي نهاري رهي هئي.
”اس ۾ هميشه ڪاري عينڪ پائڻ گهرجي....“ آواز ٻڌي نرملا وائڙي ٿي وئي.

منوهر سندس پرسان اچي بيٺو. ”ائين ڪرڻ سان اڪين جو بچاءُ بہ ٿيندو آهي تہ سونهن بہ وڌي بيٺي ٿيندي آهي.“

نرملا جي منهن تي خوشيءَ گاڏڙ حياءُ هلي آيو. هن منوهر ڏانهن پيار سان ڏنو ۽ چيو، ”جيڪا سهڻي نہ هجي سا ڇا ڪري پلا؟“

”ائين تہ ڪا بہ ڇوڪري سهڻي ناهي. جڏهن ميهار مليس تڏهن تہ سهڻي ٿئي.“

نرملا جو من نچڻ لڳو. هوءَ من ئي من ۾ گنگنائڻ لڳي، ”لڙهندي وڃان لڙ لهرن ۾.....“

منوهر ڏانهس نهاري مشڪي رهيو هو. نرملا چيو، ”اڄ آفيس ۾ ڪو نہ ويو آهين؟“

”ويو آهيان پر هينئر لنچ ٽائيم آهي.“

”تہ ڇا لنچ (Lunch) ڪائڻ بدران چڪر لڳائيندو آهين؟“

”لڳائيندو ناهيان پر هينئر لڳايان ٿو.“

نرملا پنهنجي ساڄي هٿ سان وارن کي ٿورو لساڙيو ۽ ڏائي سان وارن مان هڪ چڳ ڪڍي ان سان ڪيلڻ لڳي. هن کي ارمان ٿي رهيو هو تہ ’اڄ گلابي ڊريس ڇو نہ پائي آيس؟ ان ۾ کهڙي نہ سٺي لڳان ها! ٻاهر ڪڍيم بہ، پر پوءِ الائي ڇو، اندر رکي ڇڏيم.‘ هن وري چنيءَ جو هڪ پلئُ جهليو ۽ هڪ هٿ سان ان جي ڪنڊ پڪڙي ٻئي سان ان کي آڱرين تي ويڙهڻ لڳي.

منوهر هن ڏانهن متي ڪان پيرن تائين نهاريو. پوءِ سندس ڪلهي تي هٿ رکي پڇيائين، ”تنهنجي دادي گهر ويئي؟“

”الائي، مون ڏٺو ڪين.“ نرملا ائين تہ چئي وئي پر پوءِ پڇتايائين، ”ناحق ائين چيم، چوانس ها، ها ويئي هلي.“

”اڇا! پلا جڏهن تو ڪيس ڏٺو تڏهن ڪيئن تو لڳي، خوش خوش يا اداس اداس؟“

نرملا منجهي پيئي، ’اسان جي گڏجڻ سان داديءَ جي حاضريءَ يا غير حاضريءَ جو واسطو آهي، ڪين هن جي اداسي ۽ خوشيءَ جو بہ ان سان ڪو تعلق آهي؟‘

هوءَ جيستائين سوچي ڪو جواب ڏئي تيستائين منوهر ”چڱو“ چئي هليو ويو.

نرملا جي اکين ۾ جيڪا پيار جي لهر اٿي هئي، سا موٽي ويئي. ’صرف هڪ بہ سوال ئي پڇڻ آيو هو؟ ۽ سو بہ داديءَ جي باري ۾؟‘ هاڻي منجهند جي اس جڻ تہ ڪيس ڪائڻ پئي آئي. بس لاءِ ترسيل ماڻهن جي قطار بہ نهايت لنبي ٿي ويئي هئي. نرملا اوٻاسيون ڏيڻ لڳي.

شام جو نرملا سويل ئي آئي هئي. سشي بہ هن لاءِ ترسي ئي ويٺي هئي. ميز ڏانهن هلندي ئي هن نرملا جي ڪاپي ڪنئي. ڪاپي کولي ڪيس سوال ڏيکاري چيائين، ”هن جو جواب لک، تہ مان ڏسان“

نرملا ڪنڌ هيٺ ڪري لکڻ شروع ڪيو. سشي ڪيس چتائي ڏسڻ لڳي:

”نمُو! منوءَ سان ڪهڙي پڪچر ڏسي آئينءَ؟“

نرملا وسي تي ويئي.

سشيءَ جاٽي واٽي پنهنجو منهن ڪتاب ۾ وجهي ڇڏيو هو.

نرملا ڏانهنس ڏپ ۾ شڪ واري نگاهہ سان ڏسندي چيو، ”هان؟“

سشيلا منهن تي ابوجهائي پکيڙي مٿي نهاريو ۽ هڪ دفعو اڪيون ڇپيندي، همٿائيندڙ مشڪ مشڪندي چيائين: ”ڪهڙي پڪچر ڏٺئہ؟“

نرملا هٻڪندي چيو، ”ممتا توهان کي ڪنهن ٻڌايو؟ منوهر؟“

سشيءَ ڪنڌ مٿي ڪٽڻ بنان ئي چيو: ”ڇو ڀائي؟ پڪچر ڏسڻ ۾ ڪهڙي چوري آهي؟ تون ٻڌائين يا هو ڳالهہ تہ ساڳي آهي“.

”مونکي ڏاڍي وٽي. جيڪر ٻيو دفعو بہ ڏسان.“

”اڇا؟“ چئي سشيءَ سندس ڪاپيءَ ۾ نهاري، هن جي لکيل هڪ لفظ جي هِجي سڌاري.

پڪچر سني هئي يا خراب، ان ڳالهہ ۾ تہ سشيءَ جي ڪائي دلچسپي نہ هئي. منوهر ڪيس گڏجڻ لاءِ چئي نرملا سان گڏ پڪچر ڏسڻ هليو ويو هو، ان پيڙا پهچائيندڙ ڳالهہ جي سٽس هوندي بہ سشيءَ وري بہ نموءَ جي واتان اهو ڪوڙو سچ ٻڌڻ تي چاهيو. جيئن امتحان ۾ ڪنهن ٻالڪ جو حساب غلط ٿي پوندو آهي ۽ هو پوءِ ڪلپنا ڪرڻ لڳندو آهي تہ شل جادو ٿي پوي ۽ منهنجو حساب صحيح نڪري پوي، تيئن سشي بہ اڻ وٽندڙ سچ کي قبول ڪرڻ کان هٽڪندي اها ڪلپنا ڪرڻ لڳي تہ شل اهو سچ ڪُوڙ ٿي پوي!

يا شايد انسان جي سوڪيم، هن کي دک جي ڪوڙاڻ چکڻ جي چاهنا ٿيندي آهي، ائين جيئن ڪن ڪن ماڻهن جي ذائقي کي ڪريلي يا موريءَ جي سواد ونڻ جي خواهش ٿيندي آهي.

سشي پنهنجي خيالن جي وهڪري کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پر هر هر سندس نگاهون دروازي ڏانهن کڄي ٿي ويئون.

’متان اچي؟‘

’برابر مون ئي ڪيس چئي ڏنو تہ وري نہ اچ پر منهنجو منو ايتري ۾ اهڙو پرائو ٿي ويندو جو مون کي پرچائڻ بہ نہ ايندو؟‘ آس نہ هوندي بہ هڪ پاڳل اميد ڪيس هر هڪ آهٽ تي

سچيت ڪري تي چڙهيو. در تي ڪڙڪو ٿيو. سشي ٽپ ڏيئي اٿي. ڪير وارو ٻه رپيا اڌارا وٺڻ آيو هو. پئسا ڏيئي سشيءَ ڪاپيءَ تي ڪجهه لکيو. پينسل جو گورو پڃي پيو! سشي ميز تي رکيل چريءَ سان پينسل گهڙڻ لڳي.

هوءَ پنهنجوپاڻ سان خفي ٿي رهي هئي پر پاڻ تي ضابطو رکي چيائين: ”نمو! اڄ اچ ته نئون سبق شروع ڪريون!“ نرملا جي اکيان انيڪ ڳالهين جا ڌاڳا هئا. انهن کي اٽي نيڪ جڳهه تي وهاري ڪينءَ پڙهي! ٻانهون مٿي کٽي ڪر موڙيندي، آڱرين مان ٺڪاءُ ڪڍيائين ۽ چيائين: ”بس دادي! مان ٿڪجي پيئي آهيان، سڀاڻي پڙهنديس، سڀاڻي پڪ گهڻو گهڻو پڙهنديس.“

نرملا هلي ويئي.

سج جا ڪرڻا وڌيڪ ڏکيا ٿي رهيا هئا، پر سشيءَ جي من ۾ اوندهه هلي آئي هئي! هوءَ گهبرائجي ويئي. جهڙو تهڙو چوٽو ڪري. ڪُنجي پاسي واريءَ کي ڏيئي هوءَ ٻاهر آئي، ۽ اچي بس ۾ چڙهي. ڪنڊيڪٽر سندس پر ۾ آيو، ته پئسا ڏيندي هن چيو: ”چوپائي....... نه، ان ڪان ٻه ٽورو اڳتي.......چگو، ميرين ڊرائيور جي ڏي.“

بس مان لهي هوءَ پنڌ ڪرڻ لڳي. ناريمن پائنٽ ڪان ڪجهه اڳيان، ٿلهي تي ويهي رهي. من جي ٻوساٽ جڻ سندس ستيا ئي ڪڍي چڏي هئي.

سامهون واري بلڊنگ جي شيشي جي در برين تي سج جا سونهري ڪرڻا پئجي رهيا هيا. سڄو مڪان ٻهڪي رهيو هو. جڻ خواب ۾ ڏٺل راجمڪاريءَ جو سونو محل هو. گهڙيءَ پل ۾ آسمان جو رنگ متجي ڳاڙهو ٿي ويو! اولهه دشا ڳاڙهي ساڙهي پهري، سوني پينگهي تي ڪرمچي رنگ جي پلش جي چادر وڇهي ان ۾ سج کي جهولائي رهي هئي.

سج هيٺ گسڪڻ لڳو. هيٺ سمندر جون لهرون هيون ۽ مٿي آڪاش ۾ سونيون روپيون ليڪون! سشي وسمئه جي عالم ۾ ڪوهجي ويئي!

اوچتو ڪنهن ڪيس مخاطب ٿي چيو: ”معاف ڪجو اوهين مونکي سڃاڻو ٿا؟“

سشيلا جي زبان مان حيرت ڀريو آواز نڪتو، ”اڙي ڳنا گلو تون؟ ڪٿان اچي ٽپڪيو آهين؟ هيڏو وڏو ڪڏهن ٿئين ڙي؟“

”۽ تون؟ دل ۾ دڪ دڪ ٿي رهي هئي.... مٿان ڪا بمبئيءَ جي ميم هجي؟... ڳالهايان ته ٺو پر ٽڪڻ تي پراڻي سينڊل جي ڪاٺ جي ڪڙي نه اچي ٺڪاءُ ڪري! پر من پيهڙو ٻولي رهيو هو ته آهي پڪ اسان جي ٽٽري!“ سشيءَ کي سچ پچ پراڻو سينڊل پيو هو. هوءَ سنيري ته گهران نڪتي ئي ڪو نه هئي. پر ڳني جي ائين چوڻ تي ڪيس ٻنهه لڄ ڪانه آئي.

گني جو گهر ٻه شهدادپوري پاڙي ۾ ئي هو، سشيءَ جي گهر جي لڳو لڳ. سشي چئن سالن جي هئي پر اجا ٻاتي هئي. گني ماءُ کان ضد ڪري ٻيهه جي ڪچري گهرندي هئي،

”مون تي تتري ٽپي.... تتري ٽپي....“ وڏي تي چوٿين درجي تائين اچي پهتي پر گني ماءُ کيس ”تتري“ ئي سڏيندي هئي!

”تتري“! چئي سشي سمنڊ جي اڳيان وڏنڍڙ چولين جي مستيءَ سان پريل هڪ کليل ٽهڪ ڏنو.

”تو ٻه ڪمال ڪيو آهي! ههڙو سنهڙو سڪل ڪوڪلو هئين، هاڻي ته صوفي ٻير ٻڻجي پيو آهين!“

”اچا!“ ٻئي چلولن ٻارن جيان ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳا.

اوندهه ڦهلجڻ لڳي هئي. پر جتي سج ٽٻي ڏني هئي اتي اجا روشنيءَ جو شعاع ڦٽي رهيو هو.

سشيءَ کي ياد آيو...... ٻئي ننڍڙا هئاسين. اندلٺ نڪتي هئي.

گني چيو، ”هل ته ڏسون ته اندلٺ جون پڇڙيون ڪٿي آهن؟“ هٿ هٿ ۾ ڏيئي ٻئي هلندا وياسين.

اوندهه اچي تي ...مان روئڻ لڳيس... گنو پرچائڻ لڳو،

”چري! روئٽي! اوندهه ڪٿي آهي؟ سامهون ڏس، روشني ڪانهي؟ او .......... هتي!“

*

(3)

# اڇي روشنيءَ ست رنگ

## ڪرشن کٽواڻي

## ڪونج مارچ 1967ع

ان ڏينهن سشيءَ جي گهران موٽڻ بعد منوهر جي دماغي ۽ دلي ڪشمڪش عجيب هئي. پهرين ڪيس غصو لڳو هو. سشيءَ کي سندس هيتري بيعزتي ڪرڻ جو ڪهڙو اڌڪار هو. منوهر جي دل پنهنجي آهي، هو ڪنهن کي به ڏيئي سگهي ٿو. سشي ڪير آهي جا سندس هيءُ حق ڇني. ۽ هوءَ آهي به ڇا؟ هڪ ننڍي اسڪول ۾ رواجي ماسترياڻي، جا ٽيوشن ڏيئي آمدنيءَ کي خرچ تائين رسڻ جيان ڇڪڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. ڪيس ياد پيو ته سندس هڪ دوست جنهن کي سندس رومانس جي سڌس پيئي هئي، هڪ ڏينهن چرچي ۽ ساڀيا کي گڏيندي چيو هو:

”اڙي متان ڪنهن ماسترياڻيءَ جي ڦندي ۾ ڦاسين! ماسترياڻين جي ذات ئي عجيب اٿيئي. هو مڙسن کي به ائين هلائيندي آهن جڻ اهي به سندن شاگرد آهن ۽ هميشه گهڻ ڳالهائو. گهر ۾ ائين ڳالهائيندي آهن جڻ ڪلاس ۾ پاڙهي رهيون آهن.“

منوهر ڳالهه چرچي ۾ اڏائڻ چاهي هئي، پر سندس دوست گنڀير هو. هو پنهنجي آزمودي مان چئي رهيو هو. گهٽ ۾ گهٽ هن ائين چيو،

”دنيا ۾ سڀ انسان هڪجهڙا نه ٿيندا آهن. اهڙا قاعدا قانون جڙ شين سان لڳائي سگهبا آهن، نه جيئرن انسان سان“ منوهر ڪلندي چيو هو. پر سندس اندر ۾ جڻ ڪنهن ڇهنڊڙي پائي پڇيو هو، ’جو تنهنجو دوست چئي رهيو هو سو ڪنهن حد تائين درست نه آهي؟‘

’منهنجي سشي اهڙي نه آهي.‘ منوهر پنهنجي من ۾ ڪئين دفعا دهرايو هو ۽ هلندڙ ٽرين ۾ دريءَ پرسان ويني، دريءَ مان ٻاهر نهاريندي. ماضيءَ جي گهٽنائن بابت سوچيندي، سشيءَ جا ڪئين روپ سندس دل جي اکين سامهون آيا.

ٽيوشن جي پهرين ڏينهن ۾ سشي هڇڪندي هئي، شرمائبي هئي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته هوءَ ڏڄي به ويندي هئي. سشيءَ جي منهن ۾ احساس جا ڪجهه لڪل، ڪجهه ظاهر طرح طرح جا اهي جذبا ڏسي منوهر دل ئي دل ۾ مرڪندو هو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيندو هو ۽ سچ ته شاگرد ۽ ماستر جو ناتو ته نه هو هنن ٻن وچ ۾ بي اي جي ڪتابن ۾ ڪيترا اهڙا حوالا ايندا هئا جن

۾ استري پرش جي آدي سنبنڌ جا پيار ۽ ڪشش جا ڪليل ذڪر ايندا هئا. اتفاق سان سندن آڱريون ملنديون هيون، يا گوڏا ٽڪربا هئا ته ٻئي سچيت ٿي ويندا هئا. سشيءَ جي اکين ۾ گهٻراهٽ ۽ هيٺائي جاڳندي هئي. پر جيئن هفتا مهينن ۾ بدلجڻ لڳا تيئن سشيءَ جي هچڪ به گم ٿيڻ لڳي.

ان بعد جڏهن ميز هيٺان سندن گوڏا ٽڪرجندا هئا، يا ساڄيءَ ڪتاب کي جهليندي سندن آڱريون گڏجنديون هيون ته ڪير به سرکي پري ٿي ويهڻ جي ڪوشش نه ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ٻئي چور نگاهن سان هڪ ٻئي ڏي نهاريندا هئا.

منوهر کي اها سشي ڏاڍي وڻندي هئي. جڏهن چوري پڪڙ جي پوڻ تي سندس لونڊڙين هيٺان ڳل ڳاڙها ٿي ويندا هئا يا سندس چپ ڦڙڪڻ لڳندا هئا.

نه، سشي عام رواجي ماسترياڻين جيان نه آهي، منجهس ڪجهه آهي جو عام رواجي استرين ۾ نه هوندو آهي.

اهو ڇا آهي؟

پر ڪجهه آهي.

۽ اهو ئي سبب هو جنهن ڪارڻ جڏهن سشيءَ هن کي هلي وڃڻ لاءِ چيو هو ته هو ڪجهه به نه سگهيو هو.

۽ نمو، نرملا؟ نه هن بابت هو نه سوچيندو. هوءَ اهڙي نه آهي جنهن بابت سوچجي. هنن ٻن استرين ۾ هن عورت جا ٻه روپ ڏٺا هئا. هڪ گنڀير، سنجيده، فهميدو: ٻيو چلولو، سدا نچندڙ، بيپرواهه ۽ مرد جي سڀاءُ اهڙو عجيب آهي جو ڪڏهن هو عورت جي گنڀير روپ کي پيار ڪرڻ چاهيندو آهي ته ڪڏهين سندس چلولي روپ کي!

شايد اهو ئي سبب هو جو سدا سشيءَ جو گنڀير ۽ مانيٽو روپ ڏسندي ڏسندي اوچتو جڏهن هن نرملا جو چنچل ۽ سدا اچل ڪائيندڙ روپ ڏٺو هو ته هو پاڻ سنڀالي نه سگهيو هو. اهو روپ برساتي صبح جيان ڪيس نئون لڳو هو، وڻندڙ لڳو هو ۽ اٽجاٽائيءَ ۾ هو اوڏانهن ڇڪجندو ويو هو. جتي سشيءَ جي ويجهو پهچڻ ۾ ڪيس ڪي مهينا لڳا هئا، ۽ ان بعد هوءَ هڪ پرولي هئي اتي نمو ڪن ڏينهن ۾ سندس ويجهو اچي ويئي هئي، جڻ ٻالپڻ کان ساڻس گڏ رهي هئي.

منوهر کي اها سانجهي ياد پيئي جڏهين هو ٽڪڙو ٽڪڙو بس اسٽئنڊ ڏانهن وڃي رهيو هو. ان ڏينهن هن سشيءَ کي ڪملا نهرو پارڪ ۾ گڏجڻ جو وقت ڏنو هو ۽ ڪيس اڳئي دير ٿي ويئي

هئي. اوچتو هن نرملا کي پر واريءَ گهٽيءَ مان نڪرندو ڏٺو. نرملا سندس ويجهو پهچي اکين ۾ شرارت ڀري کلي چيو:

”ايڏو تڪڙو ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو.“

”ڪيڏانهن نہ“ منوهر پاڻ ڇڏائڻ جي خيال کان چيو.

”تہ پوءِ منهنجو هڪ ننڍو عرض قبول پوندو؟“

”چئو نرملا.“ منوهر بيهي چيو.

”ڀِهي چو رهيا. هلندي بہ تہ ڳالهيون ڪري سگهجن ٿيون.... ٻڌو گهٽڻ ڏينهن کان ڪا پڪچر ڪانہ ڏٺي آهي. اڄ دل کي ڪجي ٻيني آهي. ڇا داسيءَ تي اها مهر ٿي سگهي ٿي؟“ نموءَ ڪجهہ ناٽڪي ڍنگ ۾ چيو.

منوهر چيو: ”نمو پر....“

نرملا منوهر کي ڪٽيندي چيو:

”مون ناولن ۾ پڙهيو آهي مڙدن جي پر پنهنجي Superiority ڏيکارڻ لاءِ هوندي آهي، سچ تہ ان ۾ ڪا بہ معنيٰ نہ هوندي آهي. ٻڌايو تہ توهان جي ڪهڙي پڪچر ڏٺل آهي. ڏسو بس بہ اچي ويئي.“

هو بس اسٽئنڊ جي ويجهو پهتا هئا ۽ نرملا منوهر جي ها نہ ٻڌڻ کان اڳ ئي بس ڏانهن ڊڪڻ لڳي هئي.

بس ۾ ٻنهي جا هٿ مليا هئا ۽ ٻنهي هڪ ٻئي جي اکين ڏي گهوري نهاريو هو. سينيما جي اوندهہ ۾ نرملا پنهنجو ڪلهو منوهر جي ڇاتيءَ سان لڳائي ڇڏيو هو ۽ وچ وچ ۾ هوءَ چرچا ڪري رهي هئي. انٽرويل ۾ هوءَ ڪڏهن پنهنجي پيالي مان آئيس ڪريم ڪائي رهي هئي، ڪڏهن منوهر جي پيالي مان. هڪ بہ دفعو هن منوهر کي پنهنجي پيالي مان پنهنجي چمچي سان آئيسڪريم ڪارائي.

هوءَ ائين هلي رهي هئي ڄڻ پيتل هئي.

’پيار جو پهريون نشو‘ منوهر سوچيو ۽ هن فخر محسوس ڪيو جو هو هن ننڍڙيءَ ڇوڪريءَ ۾ پنهنجي لاءِ پيار جاڳائي سگهيو هو.

موٽندي نمو پنهنجو هٿ ۽ پنهنجن بدن جو سجو بوجو منوهر مٿان اڇلي ڇڏيو هو. ڄڻ هوءَ بنا آسري هلي ڪانہ ٿي سگهي ۽ هوءَ هر هر کلي ٿهڪ ڏيئي رهي هئي. ڄڻ ننڍڙي ٻار کي دل گهريو رانديڪو مليو هو.

رات جو گهر پهچي منوهر پاڻ کي هنڌ تي اڇلي ڏنو هو. هو ان رات بيحد خوش هو. سانجهيءَ جون يادگيريون ڪيس ڪتڪتايون ڪري رهيون هيون. هن سشيءَ سان گڏ ٻه ڪي سانجهيون اڪيليون گهاريون هيون، پر ڪڏهن به هن پاڻ کي اهڙو هلڪو، اهڙو ڪلمڪ ڪونه محسوس ڪيو هو. هن ڪيئن نه نرملا کي هر ڳالهه ۾ وڏاءُ ڪري ٻڌايو هو. پگهار سئو رپيا وڌيڪ ٻڌائي هئائين. ٻين به سيني ڳالهين ۾ وڏاءُ ڪيو هئائين، ۽ بيوقوف نرملا سڀ تي وشواس ڪندي ويئي هئي. سشيءَ اڳيان ائين نپٽا ڪوڙ ڳالهائڻ جي ڇا ڪيس همت ٿئي ها!

۽ جڏهن سشيءَ بي عزتو ڪري ڪيس گهر مان ڪڍيو هو ته هو رستي تي غصي ۾ سوچيندو آيو هو ته هو وري سشيءَ جي گهر نه ويندو. هو سشيءَ کي ائين وساري ڇڏيندو ڄڻ سشي سندس زندگيءَ ۾ ڪڏهين آئي ئي ڪو نه هئي. هو زندگيءَ ۾ اڳتي وڌي ويندو، پنيان نه نهاريندو، ڪنهن کي ياد نه ڪندو. پر گهر تائين پهچڻ سان ئي سندس غصو دک ۾ بدلجي ويو هو. هن محسوس ڪيو ته هو سشيءَ تي ناراض نه هو پر ناراض هو پاڻ تي هو...

گنو ٽپ ڏيئي يڪ تي سشيءَ جي پاسي ۾ تي وينو. ٻئي سمنڊ ڏانهن نهارڻ لڳا. ڇوليون اٿيون ٿي، وري سمهيون ٿي، اٿيون ٿي، وري سمهيون ٿي. افق بيحد سندر هو. ڄڻ ننڍڙي ڳاڙهي ڳٽول ڇوڪري ميرانجهڙي رنگ جو فراق پائي سامهون بيٺي هئي. اوچتو گني سان گڏجڻ ڪري سشيءَ جو من بيحد هلڪو ٿي ويو هو. هوءَ لهرن ڏانهن نهاري رهي هئي. سندس منهن تي مرڪ هئي. گلابي روشني سندس ڳلن تي ليٽيل هئي ۽ سندس اکين ۾ چمڪ هئي. گنو ڪڏهين افق ڏانهن ته ڪڏهين سشيءَ ڏانهن نهاري رهيو هو.

اوچتو سشيءَ بي مطلب ٽهڪ ڏنو. سندس من ان وقت ايترو ته هلڪو هو جو هوءَ ڇويهن سالن جي جوابدار عورت بدران سورنهن سالن جي الهڙ ڇوڪري لڳي رهي هئي. ٻالپڻ وارو نالو ٽتري ٻڌي سندس ٻالپڻ ڄڻ موٽي آئي هئي. هن گني ڏي نهارڻ بنا، پنهنجي ٽنگن کي لوڏيندي چيو،

”ٻڌاءِ گنا، اڄ ڪالهه ڇا پيو ڪرين؟ ڪٿي رهندو آهين؟ هيترا سال ڪٿي هئين؟ مون ته سمجهيو هو توکي ٽتري نالو ڪڏهين جو وسري ويو هوندو ۽ سچ پڇين ته مان ان نالي کي وساري ويٺي هئس.“

سشيءَ سمجهيو هو گنو ٽهڪ ڏيندو. گاهي به گاهي ٽهڪ ڏيڻ جي عادت گني ۾ ننڍي هوندي هئي، يا اڳلي جو هٿ پڪڙيندو هو، يا اڳلي جي ڪلهي تي هٿ رکندو هو، پر گني اهڙو ڪجهه به نه ڪيو. گنڀير منهن سان هو افق ڏانهن نهاريندو رهيو. پوءِ هن سشيءَ ڏانهن نهاريندي سڏ ڪيو،

”تتري“
سشيءَ مڙي گني ڏانهن نهاريو ۽ عجب ۾ پئجي ويئي. گني جي منهن تي ايترا ته پاوَ هئا جو سشي سمجهي نه سگهي ته ڪهڙو پاوءَ وڌيڪ پر بل هو.
”چو.“
”ڪجھ به نه.“ گني جڻ جذبات کي دبائيندي چيو: ”سوچيم جا انسان ماضيءَ ڏانهن موٽي وڃي سگهي ٿو! پر نه، اهو ممڪن نه آهي، اهو به ممڪن نه آهي ته انسان ماضيءَ جي يادگيرين تي جي سگهي. انسان کي روز ڪاڏو ڪپي ته، انڪري انسان کي محنت به روز ڪرڻي پوندي آهي.“
”مون ڪجھ به نه سمجهيو.“ سشيءَ روسامي پريل آواز ۾ چيو.
”سمجهڻ جي ڪا ڳالھ به ڪو نه هئي.“ گني کلي چيو، ”ڪڏهين ڪڏهين من جي مطلب ڳالهيون به چوڻ چاهيندو آهي.“
ٻئي ڪجھ دير سانت هئا.
گني چيو: ”تو مون بابت سوال پڇيو... سشي زندگي مون لاءِ تمام ڪنور ٻڌجي پيئي هئي. ان ڪنورتا منهنجي سياءَ کي اهڙو رکو بڻائي ڇڏيو هو جو ڪڏهين ڪڏهين مان پاڻ ڪان ڊڄڻ لڳندو هوس... پاپي بيمار هئي ان ڪري اسين توهان سنئون سنڌ ڇڏي نه سگهياسين. ان بعد هڪ ڏينهن گونڊن اسان جو گهر لٽيو. پوري ڏهين ڏينهن پاپيءَ جو مرتيو ٿيو. مان هندستان ۾ آيس ته خالي هٿين ۽ اڪيلو. ان وقت منهنجي عمر تيرهن، چوڏهن سال مس هئي. ۽ ڪنهن به مٺ مائٽ جو مون مٿان هٿ نه هو... اڪيلو، بنا اجهي، بنا پئسي.“
وري سانت ٿي ويئي.
لهرن جو آواز هو. افق ميرانجهڙو ٿي ويو هو. لهرون ڪاريون ٿيڻ لڳيون.
”پر سشي ڏکر ۾ زمين ۾ چيرون برابر پونديون آهن. زمين سڪي پٿر ٻڌجي پوندي آهي، پر جڏهين بونديون ڪرنديون آهن ته وري سلا ايرندا آهن، وري ساوڪ ٿيندي آهي. منهنجي زندگيءَ ۾ به هاڻ تبديلي آئي آهي. اڳيئين سال فلاسافيءَ ۾ P.H.D ڪيم هاڻ هت هڪ ڪاليج ۾ پاڙهيندو آهيان.“ هو ڪجھ دير سانت رهيو... ”بمبئي ۾ رستن ڪانسواءِ ڪنهن کي سڃاڻان ڪو نه اج توسان گڏجي ڏاڍي خوشي ٿي.“
سشيءَ منهن ڦيرڻ بنا تيڏين نگاهن سان گني طرف نهاريو. پوءِ دور نهاري ڪجھ سوچڻ لڳي.
”۽ تون ٻڌاءِ تتري، تون اج ڪلھ چا پيئي ڪرين؟“
سشيءَ هاڻ ڪليو ڪو نه پر گنڀير نوع ۾ چيائين: ”هڪ اسڪول ۾ ماسترياڻي آهيان.“

”چا پاس ڪيءِ؟“
”ايم اي.“
”اجا شادي ڪو نہ ڪئي اٿيئي؟“
سشيءَ مرڪيو پر گنپير ٻڌجي مختصر جواب ڏنائين: ”نہ.“
ٻئي ڪجھ دير سانت رهيا.
گنپير وايو منڊل کي بدلائڻ لاءِ سشيءَ کلندي چيو: ”۽ توکي گھڻا ٻار آهن؟“
”جيترا توکي“ گني هڪ وڏو ٿهڪ ڏنو. ”تتري شادي ڪرڻ فرصت ڪپي... ۽ هن زندگيءَ ۾ اجا فرصت آئي ئي ڪانهي.“
شاديءَ بابت ڳالهائيندي اوچتو سشيءَ کي منوهر ياد آيو ۽ سندس منهن تي اداس ريکائون ڦهلجڻ لڳيون. هوءَ هت پنهنجو دل لهرن سان ونڊڻ آئي هئي، پر لهرون هيون جي پنهنجيءَ ۾ ئي پوريون هيون ۽ سشي جا چلولي ٻڌجي پئي هئي وري گنپير نظر اچڻ لڳي.
سترهن سالن جي ڇوڪريءَ مان ڦري هوءَ وري ستاويهن سالن جي عورت ٻڌجي پيئي. هن دل ۾ ٿورو درد محسوس ڪيو ڄڻ ڪيس دل جي تڪليف ٿيندڙ هئي.
”تون ڇا سوچي رهي آهين، تتري؟“
سشيءَ ڇرڪ ڀريو. گني جي لفظن ۾ نرمائي هئي، پيار هو ۽ سشي مڙي ڪجھ دير پاسي ۾ وينل مرد ڏانهن نهاريندي رهي. هوءَ سانت هئي، ڪجھ سوچي رهي هئي ۽ هن هڪ نشچو ڪري ورتو. هن سوچيو تہ ’اگر منوهر ٻي ساهيڙي ڪري سگھي ٿو تہ ڇا مان ٻيو دوست ڪري نہ ٿي سگھان؟‘ هن سهج سڀاءُ سان چيو:
”ڪنل اسان جي گھر هلندين؟ ممي توکي گڏجي ڏاڍو خوش ٿيندي.“
ڪجھ دير بعد ٻئي بس اسٽاپ وٽ بيٺا هئا.
ناريمن پائنٽ کان بس اسٽاپ تائين ايندي صرف سشي ئي ڳالهائيندي آئي هئي. وچ وچ ۾ گنو صرف ڪي سوال پڇي رهيو هو. بس اسٽاپ تي ٻئي سانت هئا ۽ جڏهن بس جي مٿئين ڊيڪ تي ٻئي گڏ اچي ويٺا تہ بس گھڻي خالي هئي. بس جي هلڻ جو لوڏو آيو. بس جي هڪ طرف سمنڊ ۽ رات جي اونداهي هئي، ٻئي طرف شهر ۽ هزارين ٻتيون هيون. ٻئي ڪجھ دير سانت هئا. گني ڳري آواز ۾ چيو:
”سشي هڪ ڳالھ چوان، دل ۾ تہ نہ ڪندينءَ؟“
”چئہ.“ سشيءَ ساجو هٿ مٿي ڪري اڏامندڙ وارن کي ناهيو ۽ وري هٿ هيٺ ڪري گوڏن تي رکي ڇڏيائين.

”هيءَ تنهنجي مرده دلي هن کي نہ آڻڻي، توکي پنج ڇهہ سال ماستري ڪندي ٿيا آهن، پر تو ڪڏهن بہ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش نہ ڪئي...... ڇا تون ڪڏهين پنهنجي آئيندي بابت بہ نہ سوچيندي آهين؟“

”تنهنجو مطلب مون نہ سمجهيو.“ سشيءَ تمام جهيڻي آواز ۾ چيو.

گنو سشي طرف نہ پر سمنڊ طرف نهاري رهيو هو. هوجڻ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو:

”مثال طور تون M.A بعد P.H.D ڪري سگهين ها. اسڪول ۾ پاڙهڻ ڇڏي ڪنهن ڪاليج ۾ پاڙهڻ لڳين ها. راهہ تہ ڪڏهن ڪٿندي ڪانهي ۽ زندگيءَ ۾ انيڪ راهون آهن ۽ سڀ راهون بي انت آهن.“

سشي اڌ ڦاٽل وات سان گني طرف نهاريندي رهي .اها سندس نندي هوندي کان عادت هئي. جڏهن بہ هوءَ اهڙي ڳالهہ ٻڌندي هئي، جنهن تي ڪيس وشواس نہ جمندو هو تہ سندس چپ ڪليل رهجي ويندا هئا. تڏهين گنو سندس ڪلهي تي ڌڪ هڻي چوندو هو:

”اڙي پڳلي، وات ۾ مڱ پئجي ويءَ ڇا؟“

هاڻ بہ گني اهي ڦاٽل چپ ڏٺا تہ سندس منهن تي هلڪي مرڪ تري آئي. شايد ڪيس ٻالپڻ جي ياد آئي. پر هن سشيءَ جي ڪلهي تي ڌڪ نہ هنيو. مرڪندي چيائين:

”سشي، انسان بدلجندي بہ ڇا بدلجي نہ سگهندو آهي.“

سشيءَ ٺهڪ ڏيئي چيو: ”ڇا فيلسوفيءَ ۾ پي ايڇ ڊي ڪرڻ بعد تون پرولين ۾ئي ڳالهائيندو آهين!“

”خير ڇڏ ان ڳالهہ کي، مون کي پهرين جواب ڏي. تون اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڇو نہ ڪئي. هيئن موتلو ٿي وهڻ ۾ ڇا اجا بہ توکي مزو ايندو آهي.“

هيءَ پڇاڙيءَ واري سٽ گني کي چوڻ جو ڪو خيال ڪو نہ هو. پر ڪيس ان وقت ياد آيو تہ نندي هوندي راند ۾ جڏهين سشي رسندي هئي تہ هڪ هنڌ ويهي رهندي هئي، پوءِ ڪيس اتان ڪير بہ اٿاري نہ سگهندو هو.

پر سشيءَ ڪليو ڪو نہ. هن گنڀير نوع ۾ چيو:

”سڀ ڳالهيون سيني لاءِ ممڪن نہ ٿينديون آهن.“

گني ڪلي چيو: ”تو ڪوشش ئي ڪٿي ڪئي جو ممڪن ناممڪن جون ڳالهيون ڪري رهي آهين.“

سشيءَ کي جوانيءَ ۾ پهريون دفعو ياد آيو تہ سندس ٻالپڻ سچ پچ ڪيتري آنند ۽ مزي ۾ گذري هئي ۽ جوانيءَ ۾ سدا هوءَ پنهنجي زندگيءَ ۾ خال محسوس ڪندي آئي هئي. ڇڻ

تازي ٻوٽي ڪي پورو پاڻ نہ ملندو هجي ۽ اهو ڏيري ڏيري سُڪندو وڃي. منوهر جي سندس زندگيءَ ۾ اچڻ سان ڪيس نئين طاقت ملي هئي ۽ ڪيس انيئو ٽيڻ لڳو هو تہ سندس هيٺو من طاقت پائي رهيو آهي. ليڪن نرملا جي ميدان ۾ اچڻ سان سندس اندر ۾ جا باهہ ٻري تنهن جو تہُ هوءَ سهاري نہ سگهي. هوءَ هيٺي ٻٽجي پيئي. ڊرپوڪ ٻٽجي راند جي ميدان تي هوءَ شرط پڃائڻ ڪان ڪؤ ڪائڻ لڳي ۽ اڄ گنو، سندس ٻالپڻ جو ساٿي چئي رهيو هو:

”اٿ، اٿي ڊڪ پاءِ“ تو ۾ بہ اها لياقت آهي جنهن جي توکي پروڙ نہ آهي.“

سشي سانت ۾ گني ڏانهن نهاريندي رهي ۽ گنو اتساهہ ۾ ڳالهائيندو رهيو. هو ايستائين ڳالهائيندو رهيو جيستائين هو گهر پهتا.

ان بعد بہ روز نہ تہ هر ٻئي ٽئين ڏينهن گنو سشيءَ جي گهر ايندو هو. سشي P.H.D جي Thesis لاءِ Synopsis لکڻ شروع ڪيا هئا. سندس ميز تي ڪتاب پکڙيا پيا هوندا هئا. رات جو دير تائين ٽيبل ليمپ ٻرندو رهندو هو. اسڪول مان وئڪيشن هئي ۽ ٽيوشن ڏيڻ بہ هن ڇڏي ڏني هئي. گني هڪ ڏينهن چيو هو:

”ٽيوشن اهي ڏين جن ماستريءَ کي ڌنڌو ڪري سمجهيو هجي. تون سڄي عمر ماستري ٿوروئي ڪندينءَ.“

سچ تہ گني سشيءَ جي زندگيءَ کي معنيٰ ڏني. سست سست محسوس ڪندڙ سشي، ٿوريءَ گهڙيءَ هار تي نراس ٿي ويندڙ سشي، هاڻ چست ۽ همت واري ٻڻي هئي. هڪ منٽ بہ اجايو ويندو ڏسي سندس من چلائي اٿندو هو. ڪتاب پڙهڻ، نوٽس وٺڻ، ڪڏهين ڪڏهين گني سان گڏ ٻين پروفيسرن وٽ صلاح لاءِ وڃڻ يا رات جو دير تائين ويهي گني سان بحث ڪرڻ، سشيءَ جي ماءُ چانهہ ناهي ايندي هئي ۽ گنو چانهہ پيئندي ڳالهيون شروع ڪندو هو. ڳالهين ۾ ٻئي ايترو مشغول ٿي ويندا هئا جو اوچتو گنو سلسلو ٽوڙي عجب ۾ چوندو هو:

”پر سشي، تنهنجي چانهہ تہ ٺري ويئي.“

سشي پيالي کي هٿ لائي ڏسندي هئي، چانهہ سچ پچ پاڻي جيان ٺڌي هوندي هئي ۽ هوءَ پريل پيالو ئي وڃي رنڌڻي ۾ رکي ايندي هئي.

رات جو دير سان جڏهن سشي گني کي دروازي تائين ڇڏڻ ايندي هئي، تہ اوندهہ ۾ جڏهين هوءَ گني ڏانهن نهاريندي هئي تہ ڪيس ائين لڳندو هو تہ ڪنهن دور ديس جو رهواسي سندس سامهون بيٺو آهي، جو ويجهو هوندي بہ اجنبي آهي. گنو مرڪندو هو، هوءَ عجب مان هن ڏانهن نهاريندي هئي. گنو ڪجهہ دير تاڪيد ڪري اوندهہ ۾ گم ٿي ويندو هو.

سشي جڻ ننڊ ۾ هلندي اندر ايندي هئي ۽ وري ڪتابن سان پاڻ گهيري ڇڏيندي هئي.

هڪ ڏينهن صبوح جو سويل ئي اچي ڪنهن دروازو کڙڪايو. سشيءَ ئي در کوليو. منوهر جي ننڍي ڀيڻ چمپا بيٺي هئي.

سشيءَ کي عجب لڳو. پوءِ تکڙ ۾ چيائين: ”اچ، اچ اندر اچ.“

”دادا بي اي ۾ پاس ٿيا آهن، هنن توهان لاءِ مٺائي موڪلي آهي.“

چمپا ميز تي مٺائيءَ جو پيڪيٽ رکيو.

”ويهه چمپا.“

سشي رنڌڻي مان چمپا لاءِ چانهه کڻي آئي ۽ سامهون ڪرسيءَ تي ويهي رهي.

”دادا چيو ٿي ته هو توهان جي ڪري ئي پاس ٿيا آهن، ۽ هو هاڻ ايم اي لاءِ فارم ڀرڻ ٿا چاهين.“

۽ سشي سوچيندي رهي ٿا سچ پچ هڪ ماضيءَ کي ايترو پري ڇڏي آئي آهي. ڪيتريون پراڻيون ڳالهيون لڳن ٿيون اهي، جڏهن هوءَ ۽ منوهر گڏجي پڙهندا هئا. منوهر سان اڪيون ملائڻ سندس اکيون سکنديون هيون، پر تڏهين به جڏهن چمپا موڪلائڻ لڳي ته سشي چئي ويٺي:

”ڪڏهين ڪڏهين ايندي ڪجانءِ چمپا.“

واپس ڪمري ۾ اچي سشيءَ مٺائيءَ جي پئڪيٽ ڏانهن نهاريو. من ئي من ۾ چيائين:

”ڇا تو ڪان وسري ويو منوهر ته مونکي مٺي شيءِ نه وڻندي آهي؟“

هوءَ ميز تي وڃي ويٺي ۽ اڌورا ورتل نوٽس پورا ڪرڻ لڳي.

سشيءَ ماءُ جو آواز ٻڌو.

”سشي هيءَ سکو ميوو ڪنهن موڪليو آهي.“ سشيءَ ماءُ پئڪيٽ کوليو هو.

”منوهر پاس ٿيڻ جي مٺائي موڪلي آهي.“

”پر هي مٺائي ته نه آهي... اوهه... مون سمجهيو، توکي ڪارا ڪاجا ڏاڍا وڻندا آهن نه... پر تو ته هي پئڪيٽ به نه کوليو آهي.“

سشي وڌيڪ پڙهي نه سگهي. هوءَ اٿي وڃي دريءَ وٽ بيٺي ۽ دور دور آڪاس ڏانهن نهارڻ لڳي جتي ٻه پکي اڏامي رهيا هئا، آڪاس ۾ تري رهيا هئا.

شام جو وقت آرتوار جو ڏينهن، منوهر سوچي رهيو هو آرتوار جو ڏينهن سٺو، پر آرتوار جي شام خراب ڪيڏانهن نڪري وڃڻ جي لاءِ من بي چئن هوندو آهي، پر ڪيڏانهن وڃجي اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي. هو سنيري تيار ٿي وينو هو پر اجا فيصلو ڪري نه سگهيو هو ته ڪيڏانهن وڃي. اوچتو هن ٻاهرئين دروازي وٽ نرملا کي بيٺل ڏٺو. سدائين پنجابي

ڊريس يا فراڪ پائيندڙ نرملا اڄ ساڙهيءَ ۾ بہ تي سال وڏي لڳي رهي هئي. منوهر هڪدم فيصلو ڪري نہ سگهيو تہ هو نرملا کي اندر اچڻ جي نينڊ ڏئي يا پاڻ ٻاهر نڪري اچي. پر نرملا ۾ ذري بہ هچڪ نہ هئي. هوءَ مرڪي رهي هئي ۽ اکين جي اشاري سان منوهر کي ٻاهر سڏ ڪيائين. منوهر ٻاهر نڪتو تہ نرملا چيو:

”ڏاڍو سنو، توهان تيار ويٺا آهيو، اڄ ڪالهہ تہ ڏسڻ ڪان بہ مهانگا ٿي پيا آهن. سڏ ڪري منهن موڙي ڇڏائي وڃڻ تہ ڪير مردن ڪان سکي. هلو ٿورو پنڌ ڪري اچون.“

منوهر ڏٺو نرملا چڱو سينگار ڪيو هو. خوبصورت تہ هوءَ هئي ئي، مٿان وري چپن تي هلڪي لپسٽڪ، وار پنيان چوٽيءَ ۾ ٻڌل ۽ اکين ۾ هميشہ واري مستي. پهريون دفعو منوهر محسوس ڪيو تہ نرملا ڇوڪري نہ پر عورت هئي.

”توهان تہ مون کي پاس ٿيڻ جون واڌايون بہ نہ ڏنيون“ گڏ هلندي نرملا چيو.

”آفيس جي ڪمن ۾ اهڙو ڦاٿل هوس، نمو..........“

نرملا جڻ ڪيس ٻڌو ئي ڪو نہ: ”مان پورو مهينو ناسڪ ناناٽي ويئي هئس. اجا ٽيون ڏينهن آئي آهيان. توهان کي تہ شايد اها بہ خبر نہ هوندي.“

”چمپا ٻڌايو هو.“

”هلو پڪچر تي هلون. پاس ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ مان توهان کي پڪچر تي ڏيکاريان توهان تہ ڪا نہ ڏيکاري.“

منوهر جي من ۾ آيو تہ ڪنهن ڪم جو بهانو ڪري انڪار ڪري، پر انڪار ڪرڻ جي منجهس همت نہ هئي.

ڪنهن سمي هن سوچيو هو، ’نرملا هڪ ٻالي ڀولي چلولي ڇوڪر آهي جنهن جي اکيان ڪوڙ ۽ سچ کي اڻين ڦيرائي سگهبو جيئن هڪ ٻال کي ٻن هٿن ۾ نچائجي‘، پر اڄ منوهر ڄاتو نرملا اهڙي ٻالي ڀولي نہ آهي.

”ڪهڙي پڪچر تي هلندينءَ.“ منوهر ٻيهي نرملا طرف نهاري چيو.

”ٻيهو نہ، هلندي بہ سوچي سگهجي ٿو.“

ٻئي بس اسٽئنڊ تي اچي بيٺا.

منوهر ان ڏينهن پهريون دفعو ڪليءَ روشنيءَ ۾ نرملا کي چڱيءَ طرح ڏٺو. هنن ٻن ٽن مهينن ۾ هوءَ چڱو بدلجي ويئي هئي.

سندس آواز اڳي کان وڌيڪ گهرو ۽ لرزش ڀريو هو. منجهس پاڻ ۾ وشواس بہ اڳ کان وڌيڪ هو.

”هيءَ پڪچر مان صرف پاس ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ ڪو نه ڏيکاري رهي آهيان. مون هڪ ٻي به فتح حاصل ڪئي آهي ان جي خوشيءَ ۾ پڻ.“

”ڪهڙي جيت؟“

”ڪالهه گهر ۾ مهاڀارت ٿيو هو. مميءَ ۽ ڊيڊيءَ جي مرضي نه آهي ته مان ڪاليج پڙهان، ان بدران هنن منهنجي لاءِ هڪ ڇوڪرو ڳولهي رکيو هو. سٺي آکهه جو ۽ سيڪريٽريٽ ۾ ڪلارڪ، پڪي نوڪري، پر مون سندن سڀني اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو.“

جنهن انداز ۽ جنهن نموني نرملا هيءَ ڳالهه ڪئي تنهن ڪي ٻڌي منوهر ڪلي ڏنو. هن ڇوڪريءَ ۾ ٻيا گڻ هجن يا نه پر هڪڙو گڻ ضرور آهي ته اڳلي جو ڪوماٽيل منهن ۾ خوشي پري ڇڏي.

منوهر ڪلي نرملا جي اڏامندڙ وارن کي ٺاهيندي چيو: ”جيت تنهنجي نه ته ٻئي ڪنهن جي ٿيندي....“

نرملا مرڪيو ۽ هن هينئين چپ کي هلڪو چڪ پاتو. هن لڪل نگاهن سان ڇپر مٿي ڪري منوهر ڏانهن نهاريو ۽ دل ئي دل ۾ پاڻ کان پڇيائين: ’منوهر ساڀيا ۾ چئي رهيو آهي يا ٺٺولي ڪري رهيو آهي‘، پر ڪيس ڪو به پڪو جواب نه مليو ۽ هن ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.

منوهر ڪلي چيو: ”سانت جو ٿي ويئينءَ نمو؟“

نمو ڪجهه سوچي رهي هئي. ڪيس اها بيعزتي ياد پيئي جا سندس بس اسٽئنڊ تي منوهر ڪئي هئي. سندس من ۾ ڪنهن بغاوت ڪئي. هن بس اسٽئنڊ تي منوهر سان گڏجي بيهڻ ڇڻ پنهنجي هار سمجهي.

”اچ ٽئڪسيءَ ۾ هلنداسين.“ هن هڪ عجيب آواز ۾ چيو ۽ منوهر جي جواب پائڻ کان اڳ هڪ ٽئڪسيءَ واري کي اشارو ڪري ٽئڪسيءَ ڏانهن هلڻ لڳي.

منوهر به نرملا جي پٺيان هلڻ لڳو.

*

(4)

# پيو دفعو

## ايشور چندر

### ڪونج اپريل 1967ع

ٽئڪسيءَ ۾ ويهڻ بعد ڪجھ دير لاءِ ٻنهي ڪجھ ڪو نہ ڳالهيو. ڳچ وقت بعد نرملا چيو:
”منو چپ چو آهين؟....... ڪجھ ڳالهاءِ نہ......“
”ڇا ڳالهايان؟“
”ڪجھ بہ.......! جيڪي توکي وڻي!......“
پر منوهر وري بہ چپ رهيو. تڏهن ڪو نہ ڪو سلسلو جوڙڻ جي خيال کان نرملا چيو،
”سشي داديءَ جا ڪهڙا حال آهن؟“
”خبر ناهي!.........“
”خبر ناهي؟....... منو تون شهر ۾ آهين يا جهنگ ۾؟... سچ ٻڌاءِ!....... توکي سڀ خبر هوندي.........“
”ڇا جي؟“
”تہ.......... تہ.........، نہ منو! توکي ضرور خبر هوندي.“
عجب مان منوءَ هڪ دفعو نرملا ڏانهن نهاريو. منوهر جي ان نهار مان نرملا کي لڳو تہ هن جيڪي ڪجھ منوهر کي ٻڌائڻ چاهيو ٿي، تنهن جي شايد منوهر کي سچ پچ ڄاڻ ڪا نہ هئي، ان ڪري ٿورو آهستي راز ڀرئي آواز ۾ نرملا چيو، ”ناسڪ مان اچڻ بعد ڪالھ ڀهريون دفعو مان سشي داديءَ وٽ ويئي هئس...“
” ....پوءِ بہ مون کان پڇي رهي آهين تہ سندس ڪهڙا حال آهن؟“
”اهو تہ ائين ئي ڪٽي پڇيو هوم،“ ساعت رکي نرملا وري چيو،
”ٻڌو اٿم، اڄ ڪالھ سشي داديءَ جا ڪنهن سان افيئر پيا هلن.“
”ڪنهن سان؟“ نرملا ڏٺو تہ اهي لفظ چوندي منوهر جي چهري ۾، آواز ۾ ڪو بہ فرق نہ آيو هو. نرملا وري چيو، ”.... ڪو نديپڻ جو ساٿي اٿس شايد چون ٿا، سشي اڄڪلھ ڪافي ڪافي دير تائين ان سان گڏ گهمندي رهندي آهي.“
”هون!“ منوهر هون ائين ڪيئي، ڄڻ ان ڳالھ سان سندس ڪو خاص واسطو ڪو نہ هئو. ڪجھ دير لاءِ وري ٻئي چپ ٿي ويا.

ٿوري دير بعد منوهر چيو، ”نمو! تو پنهنجن مائٽن جي مرضي چو نه رکي؟“
”مرضي!...... منو! تون اهو سوچ ته منهنجي زندگيءَ تي ٻئي ڪنهن جو ڪهڙو حق آهي. ٺيڪ آهي.... ’فرض‘ جهڙو هڪڙو چست ۽ سهڻو ’لفظ‘ هنن سماج وارن کي مليل ويو آهي ۽ هميشه انهن ’فرض‘ لفظ کي Exploit پئي ڪيو آهي!.....“
منوهر ٿورو بور ٿيڻ لڳو، اِن ڪري چيائين،
”نمو! مونکي لڳي ٿو ته مهيني ٻن ۾ تون ڪافي بدلجي ويئي آهين. شايد سياءَ جي لحاظ کان به! اڳي تون اهڙيون ڳالهيون ڪو نه ڪندي هئينءَ!“
ان ڳالهه جو نرملا ڪو به جواب ڪو نه ڏنو.
ڪجهه دير بعد نرملا وري چوڻ شروع ڪيو،
”منو! اڄ مان هڪڙو مزيدار تجربو ڪرڻ تي چاهيان!....“
”ڪهڙو؟“
پنهنجي پرس مان به لالي پاپس ڪڍي نرملا چيو،
”منو! تون هيءَ لالي پاپ ڪجهه دير چوسڻ بعد منهنجي چپن تي گهماءِ مان به ائين ئي تي ڪريان.... ۽ پوءِ مان احساس کي پوڳڻ تي چاهيان، مان ڏسڻ تي چاهيان ته ائين ڪرڻ کان پوءِ هڪ ٻئي جي چپن جي مٺاس ۾ ڪهڙو مزو ٿو اچي!“
منوهر کي اهو سڀ عجيب عجيب لڳو. پر تڏهن به هن ائين ڪيو.
ڪجهه دير بعد نرملا چيو، ”توکي ڪيئن لڳو؟“
منوهر چيو، ”منهنجي منهن ۾ لپ اسٽڪ جو عجيب عجيب سواد ڦهلجي ويو آهي.“
تڏهن هلڪو ٽهڪ ڏئي نرملا چيو، ”....... ۽ منهنجي منهن ۾ تماڪ جي بدبوءِ ڦهلجي ويئي آهي...... منو! تون سگريٽ چڪيندو آهين ڇا؟ مون ته توکي ڪڏهن چڪيندي ڪو نه ڏٺو آهي.“
”ها! ڪڏهن ڪڏهن چڪيندو آهيان.... پرسشيءَ جي سامهون ڪڏهن به نه چڪيو اٿم.“
”چو، سشيءَ کان ڊڄين ٿو؟“
”نه، ڊڄڻ جهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي. پر سشيءَ جي سامهون ايندي ڪڏهن ڪڏهن، مان هن جي اڳيان پنهنجو پاڻ کي ”شاگرد“ محسوس ڪرڻ لڳندو هوس ۽ تڏهن پنهنجو پاڻ کي مان هڪ ڪوڪلي آدرش جي آڪٽوپس ۾ جڪڙيل محسوس ڪندو هوس.... هاڻي ته خير ائين ڪونهي... ڊئم اٽ!....... هاڻي نمو! ڪڏهن ڪڏهن مان سوچيندو آهيان ته سماج ڪهڙا نه

عجيب عجيب ٻنڌن جوڙيا آهن ۽ انهن مٿان آدرشن جو ليبل لڳائي ’هئنڊل وٿ ڪيئر‘ جهڙي وارننگ ڏيئي ڇڏي آهي.“
تڏهن نرملا چيو، ”منو! مان سمجهان ٿي، اڄ پڪچر جو پروگرام ڪئنسل ڪيو وڃي. هل، ڪنهن پارڪ ۾ ڪجھ دير گڏ گذاريون. اڄوڪي شام مان ائين ئي وڃائڻ نه ٿي چاهيان.“
۽ پوءِ هن ڊرائيور کي ٽئڪسي روڪڻ لاءِ چيو.
پارڪ ۾ بينچ تي ويهندي نرملا چيو، ”منو! توکي هڪ ڳالھ ٻڌايان. پر قسم کاءُ ڪنهن کي نه ٻڌائيندين!...“
”ٻڌاءِ!...“
”ڪالھ مان سشي داديءَ جي گهر ويئي هيس.... پاس ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ تو ڪيس ڪجھ موڪليو هو ڇا؟“
”ها!“
”ڇا موڪليو هئس؟“
”نمڪين ڪاجا!“
”هون!“ ۽ هڪ هلڪو ٽهڪ ڏيئي نرملا چيو، ”پر سشي داديءَ اهي اڃا ڪو نه کاڌا آهن!“
”ڇو؟“
”منو! مون کي لڳي ٿو ته سشي دادي اڄڪلھ ڪجھ ڪجھ ائبنارمل ٿيندي ٿي وڃي. چيائين پئي مان اهي ڪاجا رکي ڇڏينديس، ٽيستائين، جيستائين انهن ۾ ڪي ڪينئا (سرا) نه پيا آهن.... ۽ پوءِ جڏهن اهڙي حالت ايندي، تڏهن هوءَ هڪ هڪ ڪاجو ڪٽي، ان مان هڪ هڪ ڪينئو ڪڍي ماريندي.“
”هون!“ منوهر به هڪ هلڪو طنزيہ ٽهڪ ڏنو ۽ چيائين،
”اهو ٻيو ڪجھ ڪونهي. اڪيلائپ جو احساس ۽ ان سان ودروھ آهي.“
”پر منو! هوءَ اڪيلي ڪٿي آهي؟ ساڻس هو سندس نندپڻ جو ساٿ گنو جو وٽس ايندو ويندو آهي.“
”خير، ڊئم ديم، نمو! ڪنهن ٻئي ٽاپڪ تي ڳالهاءِ. سشي، سشي، سشي، مان هميشه ئي سشيءَ بابت سوچڻ ۽ ڳالهائڻ پسند نه ٿو ڪريان... آءِ وانٽ سم ٿنگ نيو.... مونکي حياتيءَ ۾ ڪجھ ’نئون‘ کپي، ڪجھ ’نئون‘...“
تڏهن نرملا چيو، ”چڱو پلا! ٻڌاءِ ڪهڙي ٽاپڪ تي ڳالهايون.“
”ڪهڙي تي به!... چڱو اهو ٻڌاءِ، ناسڪ ۾ ڪهڙو خاص شغل هو تنهنجو؟“

تڏهن خوشيءَ مان اڇل ڪائي نرملا چيو، ”اهو منو! تو سني ياد ڏياري... منو! اتي بہ شام ڏاڍي وڻندڙ ٿيندي آهي. مان اتي روز نديءَ ڪناري هلي ويندي هئس. اتي زالن ۾ مون هڪ عجيب ڳالهہ ڏٺي. هو پپر جي پنن تي ڏيئا ٻاري پاڻيءَ ۾ وهائي ڇڏينديون آهن... توکي چا ٻڌايان منو! پاڻيءَ ۾ پپر جي پنن تي ترندڙ اهي ڏيئا انگلش پڪچرس جي ساموندي لڙاين جو احساس ڪرائيندا آهن. ۽ تڏهن منو! مان چاهيندي هئس تہ ڪاش اهي ڏيئا ورهين يگن تائين جلندا رهن.. مون، ياد ناهي ڪٿي پڙهيو هو، منو! تہ انسان جون اکيون جوت جون ٻُڪيون ٿينديون آهن ۽ جي اها جوت يگن تائين جلندي رهي تہ هوند انسان جي هڪ ٻڪ متجي وڃي!...“

تڏهن ڳالهہ کي مذاق ۾ اڏائيندي هڪ ٽهڪ ڏيئي منوهر چيو،

”۽ مان مڃيندو آهيان تہ اکين جي ٻڪ ڪان وڌيڪ انسان جي پيٽ جي ٻڪ پر ٻل ٿيندي آهي ۽ انسان کي جي اناج گهربل انداز ۾ ملي وڃي تہ....“

نرملا مذاق سمجهي ويئي. ان ڪري پاڻ بہ مذاقي انداز ۾ چيائين،

”ها... پوءِ اهو اناج ڀلي آمريڪا يا روس يا آسٽريليا مان ايندو هجي.... ۽ اکين جي ٻڪ متائڻ لاءِ جوت جي نالي تي گهٽائي اليڪٽرڪ بلب تہ آهن ئي!..“

ٻئي ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳا.

ٿوري دير لاءِ ٻئي چپ رهيا. ان بعد منوهر چيو، ”نمو! اتي، هاڻي هلون!“

”چو؟“

”دير ٿي ويئي آهي... ۽ مون کي اجا ڪنهن ٻئي هنڌ بہ وڃڻو آهي. ڪو خاص ڪم اٿم.“

هڪ ٽهڪ ڏيئي نرملا چيو، ”اوهہ منو! يُو سِلي! پرشن جي جا حالت شاديءَ کان پوءِ ٿيندي آهي، سا حالت تنهنجي هينئر ئي ٿي ويئي آهي. هن عمر ۾ تو ۽ مون جهڙن کي ڪو ’ٻيو ڪم‘ هئڻ ئي نہ کپي. بس پاڻ ۾ گڏجڻ ۽!..........“

تڏهن ڦڪو مرڪي منوهر چيو، ”مان ڪوشش ڪندس، جيئن پاڻ کي اهڙين حالتن سان نهڪائي سگهان.... چڱو، اتي هلون!“

هڪ عجيب ادا سان نرملا چيو، ”اوهہ نو! تون پاڻ پنهنجن هٿن سان مون کي اٿار!....“

نرملا جي ننگين ٻانهن ۾ هٿن جون آڱريون کپائي منوهر کيس پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو. هلندي هلندي منوهر چيو، ”نمو! سِليوِليس بلائوز ۾ تنهنجون ٻانهون ڏاڍيون سنيون ٿيون لڳن. تون هميشہ ائين رهندي ڪر. سچ تہ نمو! اسپنچ جهڙيون تنهنجون اگهاڙيون پرپور ٻانهون ڏسي

ڪڏهن ڪڏهن منهنجي دل ٿيندي آهي ته تنهنجي ٻانهن ۾ چڪ پائي تنهنجي ڀرپور ٻانهن جو ماس ڪڍي کائي وڃان.“

اڪيون پوري، چپ گول ڪري نرملا چيو، ”پلي ڪاءُ! جڏهن ميهار سهڻيءَ لاءِ پنهنجي سرير جو ٽڪرو قربان ڪري سگهي ٿو ته سهڻي به پنهنجي ٻانهن جو ماس ڏيئي سگهي ٿي....“

جواب ڏيڻ بدران هن نرملا جي ڪمر ۾ ٻانهن وڌي. ڪيس لڳو ته نرملا جي ڪمر ڪافي گرم هئي.

نرملا کان موڪلائي، منوهر سڌو سشيءَ جي گهر آيو. دروازو کليل هو. هن ڏٺو ته سشي چپ چاپ ويٺي هئي. ڪجهه ڪتاب سندس پير ۾ رکيا هئا ۽ پاڻ اکيون ٻوٽي وات سان ننهن ڪٽي رهي هئي.

سشيءَ جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ منوهر چيو، ”مان اندر اچي سگهان ٿو؟“

سشيءَ کان هلڪو ڇرڪ نڪري ويو. اکيون کولي هن دروازي ڏانهن نهاريو. منوهر کي اتي بيٺل ڏسي ڪنَ... ٻن لاءِ هوءَ ٽٻيءَ ۾ پئجي ويئي. هن سوچيو ته منوهر اندر اچڻ لاءِ صرف پڇيو آهي، پر هو بنا اجازت جي اندر هليو ئي ايندو. پر منوهر اتي بيٺو رهيو. تڏهن سشيءَ سهج ڀاءَ سان چيو، ”اچ، اچ، اندر اچ!“

منوهر اندر وڃي چپ چاپ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

سشيءَ ئي پڇيو، ”ڪٿان پيو اچين؟“

”نرملا ڏٺ هئي، گهمڻ نڪتا هئاسين، ڪانئس موڪلائي سڌو تو وٽ هليو آيو آهيان.“

اداس لهجي ۾ سشيءَ چيو، ”مونکي اڄ ڪيئن ياد ڪيو اٿيئي؟“

”اڳئين دفعي تو مون کي اوڙي پاڙي ميڙڻ جي ڌمڪي ڏيئي ڪڍي ڇڏيو هو. اڄ مان پاڻ کي ان جي لائق بڻائي آيو آهيان ته اهڙيءَ ڪنهن به حالت جو مان مقابلو ڪري سگهندس.“

ڦڪو مرڪي تڏهن سشيءَ چيو، ”....... مان اهڙي ٻاراڻي ڪرڻ واري ناهيان، هاڻي مان پنهنجو پاڻ ۾ ايڏي همت رکان ٿي ته جي مان چاهيان ته توکي پنهنجي هٿن سان ڌڪو ڏيئي ٻاهر ڪڍي سگهان ٿي. پر افسوس.. مان ائين به نه ڪنديس. مهمان ۽ ميزبان جي ڪن روايتن ۾ اڃا منهنجو وشواس آهي.“

جواب ڏيڻ بدران منوهر چپ چاپ سشيءَ جي اداس چهري ڏانهن نهارڻ لڳو.

تڏهن وري سشيءَ چيو، ”ها ٻڌاءِ! ڪيئن آيو آهين؟“

”....صرف توکان اهو پڇڻ، ته پاس ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ موڪليل منهنجا نمڪين کاڌا تو چو نه کاڌا آهن؟“

ٿوري دير لاءِ سشيءَ منوهر جي اکين ۾ نهاريو ۽ پوءِ چيائين، ”منهنجي مرضي!.....“
”تنهنجي معنيٰ تو ڪي اهو سنو ٿو لڳي ته پيار مان موڪليل ڪنهن جي سوڪڙيءَ جو تون ايمان ڪرين... ۽ پوءِ تون شايد ان فلسفي سان به سهمت ٿي وڃين ته جنگ ۽ پيار ۾ سڀ روا آهي!.........“
”پيار........... پيار........ پيار........ ڇا جو پيار؟ ڪنهن جو پيار؟ ڪنهن سان پيار؟...... ۽ سڀ ڪان پهرين ڳالهه ’ڇا‘ پيار؟ پيار جهڙو جي سو ڪالڊ (So Called) لفظ آهي... ته پيار مون توسان ڪڏهن نه ڪيو آهي... تون اهو ڇو ٿو پلجين ته تون منهنجو شاگرد ٿي رهيو آهين... ۽ هڪ شاگرد ڪي ان حد تائين نه پهچڻ کپي. ڊونٽ مِس بِهيو! ڊونٽ بي سِلي!“
ساعت رڪي سشي جڻ سهڪندي چيو، ”اڄ ٻيو دفعو هڪ غير پرش جي حيثيت ۾ پنهنجي من ۾ ڪا پنهنجائپ جي پاونا، ڪو پنهنجائپ جو حق ڪٽي تون مون وٽ آيو آهين... ۽ هاڻي ڪڏهن ڪڏهن مان سوچيندي آهيان ته شاديءَ جي تنهنجن ڪوڙن واعدن ڪي مان ڇو سچ سمجهي ويٺس!“
ساڌارڻ لهجي ۾ منوهر چيو، ”مون منو وگيان ۾ ڪٿي پڙهيو آهي ته جنهن انسان جي من ۾ ودروهه جي ڪا پاونا هوندي آهي ۽ جنهن سان هو ودروهه ڪرڻ چاهيندو آهي، اهو جي سامهون نه هوندو آهي ته ڪي شخص پنهنجا ننهن وات سان ڪٽي، من جي ان ودروهه ڪي ٽٽو ڪندا آهن... ۽ اڄ جڏهن مان آيس تڏهن تون شايد مون بابت ئي ڪجهه سوچي وات سان ننهن ڪٽي رهي هئيئن!“
تڏهن هڪ طنزيه ٽهڪ ڏيئي سشيءَ چيو، ”ائين تون پنهنجو پاڻ ڪي غير واجبي اهميت ڏيئي رهيو آهي. تون هرويرو ايڏي اهميت جي لائق ناهين!....“
”منهنجي وجود لاءِ اها اهميت ڇا گهٽ آهي ته منهنجن موڪليل ڪاڄن ۾ ڪينئان پئجي وڃڻ جي لنبي عرصي تائين تون انتظار ڪندينءَ ۽ جيستائين تون اهو انتظار ڪندي رهندينءَ، تيستائين سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح مان تنهنجي ذهن ۾ هوندس!“
تڏهن ڪاوڙ مان اٽندي سشيءَ چيو، ”جيڪڏهن اهو سڀ تنهنجي اهم ڪي خوش ٿو ڪري ته مان تنهنجي ان اهم ڪي چوٽ به هڻي سگهان ٿي.“
۽ ڪاوڙ مان منيون پيڪوڙيندي تڪڙي تڪڙي هوءَ ٻئي ڪمري ۾ وئي ۽ ڪاڄن جو باڪس منوهر جي سامهون ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏيائين، ڪاڄا سڀ زمين تي ڦهلجي ويا.

هلڪو سهڪندي سشيءَ چيو، ”.....۽ هاڻي مون کي لنبي عرصي تائين ڪنهن به ڳالهه جو انتظار ڪرڻو نه پوندو!.....!“

منوهر چپ چاپ سپ ڏسندو رهيو. سشي جڻ تڪجي ڦان تي ڪرسيءَ تي ويهي رهي. منوهر چتائي سشيءَ ڏانهن نهاريو. ڏنائين، سشيءَ جي اکين ۾ ڪجهه ڳوڙها تري آيا هئا.

ٿڌي آواز ۾ منوهر چيو، ”پوءِ هاڻي؟“

”هاڻي تون هتان هليو وڃ!“

”ايتري ۾ تون ’مهمان ۽ ميزبان‘ جي روايت پلجي وئيئن؟“

”ها، ائين ئي روايتون بدلجنديون آهن.“

ڪرسيءَ تان اٿندي منوهر چيو،“وري ڪڏهن اچي سگهان ٿو؟“

”نه!..“

”ڪڏهن به نه؟“

”چيم نه! نه، نه، نه!!“

آهستي آهستي منوهر دروازي ڏانهن وڃڻ لڳو، ويندي ويندي زمين تي ڪريل ڪاچن تي سندس پير پئجي ويو. ڪجهه ڪاچا ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويا. ويندي ويندي هڪ دفعو وري منوهر ڪاچن ۾ چتائي نهاريو. ڪيس لڳو ته جي اجا به ڪجهه ڏينهن هو سشيءَ وٽ نه اچي ها، ته پڪ ئي پڪ ڪاچن ۾ ڪيننائن (سرا) پئجي وڃن... ۽ پوءِ شايد ڪيس وري هن طرح سشيءَ وٽان بي عزتو ٿي نه نڪرڻو پوي ها.

........۽ چانئٺ تائين ايندي ڪيس لڳو ته سشي سڏڪا ڀري روئي رهي هئي.

*

(5)

# بي انت راهن جو انت

## وشنو ڀاٽيا

سڌڪن ۽ آنسن جي چڪ، ٻه ترڪندڙ پير، ٻه اڪيون اَيمان پريون. هڪ چهرو، تناءُ.........،
جو ڪڏهن ٻه نٿو پگهرجي. چهرو، جنهن ۾ پنهنجهائيءَ جو ڪو ٻه پاو ڪونهي. پنهنجي،
پرائي. پرائي پنهنجي.
مٽيءَ ۾ پکڙيل نمڪين ڪاچا. ڪاچن ۾ جيت. نه، ڪاچا نه خود جيت. عجيب عجيب، .......
ٽٽل دل جا پرتيڪ، اَچو اَچو بي ڊولو هر ڪن وڏندڙ ڪاچي جو آڪار ڪيئيرن جيان تعداد ۾
وڌندا ٽا رهن. تنهنجو پريم هڪ نمڪين ڪاچر آهي جو ڏتڪارجي زمين تي پيو آهي. صبح
تائين اُن ۾ ضرور ڪينئان پئجي ويندا. ڪينئان نه پئجي ويندا، ته خود ڪيئان ٿي ويندا. چو
جو زمين تي پيل چيز جو نصيب مٽيءَ ۾ ملي وڃڻو آهي، زمين تي پيل ڪاچن جو نصيب
ڪچرو ٿي ٻهارجي وڃڻو آهي.
اِهو سڀ تنهنجي اَهم ڪي خوش ٿو ڪري، ته مان تنهنجو اِهو اَهم ڪاچن جيان زمين تي اُڇلي،
ڪينئن جي، ڪچري جي حوالي ڪري سگهان ٿو.
چيهون چيهون!
هي ڪاچا منهنجي دل جا ٽڪرا آهن.
ڏسين نٿو اُهي زمين تي ڦهلجي پکڙجي ويا آهن.
اِهي منهنجي ٻوٽ جي هينان چيپاٽجي ويندا. چوٽ اَچڻ تي هو ضرور چلائڻ چاهيندا.
پر ڪيئن چلائيندا؟ بي زبان جو ٽيا! بي زبان جي ڪهڙي زبان؟
ها، اِئين روايتون بدلجنديون آهن. مهمان ۽ ميزبان جون، پريمي ۽ پريمڪا جون، ....... ۽
دماغ جون،
وري ڪڏهن اَچي سگهان ٿو؟ نه، نه، نه، نه، نه، نه، نه، نه، نه، سيڪڙن ۾ لنبي ٽيندڙ، نه.
ها، ٻڌاءِ ڪٿي آيو آهين؟
نٿي چاٽين تنهنجو پيار مونکي هيستائين گهيلي آيو آهي؟
....پيار....... پيار....... پيار....... چا جو پيار؟
ڪنهن جو پيار؟ ڪنهن سان پيار؟

۽ سڀ ڪان پهرين ڳالهه ”چا“ پيار؟ پيار جهڙو جيڪڏهن ڪو سو ڪالڊ لفظ آهي... ته پيار مون توسان ڪڏهن به نه ڪيو آهي... تون شاگرد ۽ مان ماسترياڻي... ڪوڙا وعدا، سچ سمجهيل...

چو؟...

اِئين تون پنهنجو پاڻ کي غير واجبي اَهميت ڏيئي رهيو آهين. تون هرويرو ايڏي اَهميت جي لائق ناهين.

تنهنجي نظرن ۾ ڪچي مان ”مان“ تي ويو آهيان.

تنهنجي نظرن ۾ ڪچي مان ”مان“ تي ويئي آهيان.

تنهنجي نظرن ۾ اَچي مان ”تون“ تي ويو آهيان.

تنهنجي نظرن ۾ اَچي مان ”تون“ تي ويئي آهيان.

مون کي ڪئن ياد ڪيو اَٿيئي؟

هڪ وسريل باب پڇي ٿو.

هڪ مئل باب پڇيو!

ياد نه ڪر......

نه ته مان اوڙو پاڙو ميڙي ڏکي ڪينديسانءِ. چا سمجهيئه؟

تلخ چهرو. ڊونٽ مس بيهيو! ڊونٽ بي سلي!

اَڙي هوڏانهن ڏسين ٿي؟

چا؟

ڪجهه به نظر نٿو اَچيئي؟

ها، به عڪس آهن.

گهوري ڏس!

ها، هڪ عورت آهي، هڪ مرد آهي.

پر تنهنجون نگاهون اتي ڪئن پهتيون؟

فئملي روم جو کهرو شيشو. به عڪس.

چا آهي اُتي؟

اِهو نارمل آهي.

ڊونٽ بي سلي!

به چپ+ به چپ= هڪ سواد، جنهن ۾ نه ليستڪ آهي، نه تماڪ.

ڊونٽ مس بيهيو!
ٿو، ايڪسپريس اي لو، از مس بيهيوير؟
نو!
دين ، ڪم آن! ماءِ هني! ماءِ لو! ليٽ يس...
ٻاهر ڏسن ٿو؟
بيئر رس جون ٽنگون آهن.
هو اُسان کي ڏسي رهيا آهن.
تو کي سمجهڻ کپي، هنن جي ٽنگن ۾ اکيون ڪونهن.
هي...... هي ...... هي......
غلط چيم؟
ٻه چپ ۽ ٻه چپ، ڳل ۽ چپ، ڪنڌ ۽ چپ، نمڪين ڪنڌ، ڄڻ ڪاڄو چوسي رهيو آهيان...
مون کي ڪاڄا ياد ٿا اچن... ته اهي وڃي ڪاڏُ!
بلائوز ڏانهن رڙهندڙ هٿ.
ڊونٽ بي سلي! ڊونٽ مس بيهيو!
اوهه!.... اُف!...... اُف! هي ته رواجي ڳالهيون آهن.
مان اِنهن تي هريل ناهيان.
اِهو ته ”سياءُ“ آهي، سياويڪ آهي.
اِهو اَسياويڪ آهي، ”اَ وهنوار“ آهي.
پوءِ ٻه هٿ اڳيان وڌي ٿو....
سي، سي، سي...... هٿ ڇڪي ٻاهر ڪڍيو ٿو وڃي.
هڪ شاگرد اِيترو وڌي آيو ۽ هڪ ماسترياڻي.......
نارمل ڪورس... اِنٽر ڪورس، سرير جو سرير ۾ سمائڻ....
شادي ڪانپوءِ........اڳ، نه، نه، نه بلڪل نه.
ڀارتي ناريءَ جي لڄ.... حياءُ.... شرم.
ڀارتي ناري ئي، رنڊي نه؟ ڇا سمجهيئهُ؟ رنڊي توکي ڪٿي به ملندي، ڪڏهن به ملندي. ها، اُها ضرور تنهنجي واسنا کي ٿڌو ڪندي. مان نه ڪنديسانءِ. ٽرمس ۽ ڪنڊيشن ڪليئر آهن. اِهو سڀ شاديءَ ڪان اڳ نه. ڪس ۾ پويترتا آهي، ڇهائن ۾ پاڪيزگي تي سگهي ٿي.
انٽرڪورس عورت ۽ مرد ۾ هڪ محدود – مقرر ٻنڌن ڪانپوءِ ئي ٿيندو آهي.

اِنٽر ڪورس مرد ۽ رنڊي جو ٻہ هڪ محدود – مقرر ٻنڌن ۾ ٿيندو آهي...
ٻئي جي ڪري، هوءَ پنهنجو سرير ڪوليندي آهي، هو پنهنجي واسنا.
پر واسنا ۾ ٻہ هڪ "ڪامنا" هوندي آهي. پنهنجي لاءِ "ڪامنا". جيڪڏهين مون ڪامنا ڪئي، تہ ڪهڙي اربع خطا ڪئي؟
چيم، تہ هر ڪامنا لاءِ "وقت" ٿيندو آهي. هي "وقت" اُن ڪامنا لاءِ ڪونهي، ڪونهي، ڪونهي، ڪونهي – چا سمجهيئہ؟
توکي پيو سڏي.
ڪير؟
ناريل جو ڍگهو وڻ
ناريل جو ڍگهو وڻ جڻ هڪ گلن جو ٻوٽو ٻڻجي ٿو وڃي.
گل! جنهن تي يونئر جي گنجار– تون —- اون ——— تون ——— اون،
ڪن کي ڇهندڙ- چپ. چيلهہ ۾ ٻيل ٻانهن. ڪمر جون نرمايون. هي گداز سرير.
ڪتابن ۾ ايندڙ عورت ۽ مرد جي آدي سنٻنڌن جا بيان، ڪليا ذڪر، بي پردي- رشتا.
اِتفاق سان ملندڙ آڱريون- ٽڪرائجندڙ گوڏا.
چور نگاهون- ملن ٿيون آڱريون، تہ ملن. ٽڪرائجن ٿا گوڏا، تہ ٽڪرائجن. چو تہ ٽڪرائجن؟
پيار اظهار بہ نہ پائي؟ اهو پنهنجو ماڏيم بہ نہ ڳولهي؟
ڀهريون دفعو!
تون هليو وڃ هتان مهرباني ڪري.
اعتبار ڪر، سشي!
نہ ويندين تہ اوڙو پاڙو ميڙيندين.
.....................
وري هتي ڪڏهن بہ نہ اَچجانءَ.
ٻيون دفعو!
نمڪين ڪاچا تو چو نہ ڪاڏا؟
منهنجي مرضي.........!
پيار مان موڪليل سوڪڙيءَ جو ايمان. چا جنگ ۽ پيار ۾ سڀ روا آهي؟
پيار.......... پيار................ پيار........ چا جو پيار؟
................

منهنجو وجود ۾ لنبي عرصي جو اِنتظار.
هي وٿ زمين تي هاريل تنهنجو وجود ۾ منهنجو ختم ٿيندڙ اِنتظار. باءِ، باءِ، باءِ، باءِ، باءِ......
گڊ باءِ به نه؟
گڊ چا رهيو آهي؟
تنهنجو هتان هلي وڃڻ. وري ڪڏهن به، ڪڏهن به نه اَچڻ. متان پنهنجو منهن ڏيکاريو اَٿئي. ڏيکاريندين، ته منهن تي ايمان جي ڪارنهن هٽنديسانءَ.
اَڙي، متان ڪنهن ماسترياڻيءَ جي ڦندي ۾ ڦاسين. ماسترياڻين جي ذات ئي عجيب اَٿئي. اُهي مڙسن کي به ائين هلائينديون آهن، جڻ اُهي سندن شاگرد آهن ۽ هميشه گهڻ ڳالهائو. گهر ۾ به ائين ڳالهائيندديون، جڻ ڪلاس ۾ پاڙهي رهيون آهن.
پچاڙيون سبق ياد ڪر ڪڪا!
چئو دادي؟
”وري هتي ڪڏهن به نه اَچجانءِ.“ ڪڏهن به نه؟ نه، نه..... ايندين ته مون وٽ تو لاءِ اَيمان آهي، اَيما. اُن جي..... آهي. جلڻ چاهين، ته هليو اَچج.
اِها تون آهين، سشي؟ سڀ ڪان پهرين تون سشي! منهنجي نه، هينئر ته منهنجي ناهين. غير، بلڪل غير مان کهڙي پنهنجائي ڪٽي تو وٽ آيو هئس ۽ تو ڌڪاري ڪڍيو.
مون سامهون بند دروازو آهي. مان ڪڙڪايان ٿو ڪٽ، ڪٽ، ڪٽ نتو کلي. بند، بند، بند.
ڪئن کلندو هي دروازو؟ جنهن ٻن زندگين جو ورهاڱو ڪيو آهي. جنهن منهنجي راهه کي بند ڪيو آهي.
۽ نمو، نمي، نرملا؟ چلولي، سدا نچندڙ، بي پرواهه، چنچل، اچل ڪائيندڙ، برساتي صبح جيان، چڪيندڙ، جڻ ٻالپڻ مليو هو ڪيس.
ذهن ۾ ڪملا نهرو پارڪ ۽ اُن ڪان وڏي چٽي سشي. سشي.
تڪڙا تڪڙا قدم، بس اِسٽئنڊ ڏانهن وڌندڙ.
ايترو تڪڙو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين
ڪيڏانهن نه.
ته منهنجو ننڍو عرض قبول پوندو.
چئه؟
ڪا پڪچر نه ڏني اتم. مهر ٿيندي.
نمو پر...

ڏس بس اَچي ويئي.
بس ۾ بہ هٽ مليا. سئنيما جي اونده، چاتيءَ تي ڪلهو. موٽندي، ٻنهن جو سڄو بوجو ۽ هٽ. اُن جي ”هٽڻ“ جو اَحساس پوڻ.
فرق ٻن سانجهين جو، هڪڙيون ياري، ڪنور، نہ مڙندڙ. ٻيون، هلڪيون، ڪل پريو، چنچل ۽ هاڻي هلڪيون، ڪل پريون، چنچل.
هو سشي وٽ نہ ويندو. هو ان کي ائين وساري ڇڏيندو، ڄڻ هوءَ ڪڏهن سندس زندگيءَ ۾ ئي نہ آئي هئي.
اِن ۾ ڪهڙي جيت آهي؟
جيت. وڏي جيت آهي.
ڪالهہ گهر ۾ مهايارت ٿيو هو. ممي ڊئڊي جي مرضي ناهين تہ مان ڪاليج پڙهان. اِن بدران هنن مون لاءِ هڪ ڇوڪرو ڳولهيو آهي. سٺي آکهہ جو ۽ سيڪريٽريٽ ۾ ڪلارڪ پڪي نوڪري. پر مون سيني جي اُميدن تي پاڻ ڦيري ڇڏيو.
ڪوماٽيل منهن ۾ پرجندڙ خوشي، اِهو منهن منوهر جو هو.
سانت ڇو ٿيئن، نمو؟
اَڄ ٽئڪسي ۾ هلنداسين.
بس جي رفتار بہ ڪا رفتار آهي؟ ڏهن اسٽاپن تي بيهندي. ماڻهو اوتيندي، ماڻهو ڊوئيندي. بيهندي هلندي. هلندي بيهندي. رفتار.... گڏهہ گاڏي ائين هلندي آهي، جئن بيسٽ جي بس. اِن ڪري بس کي سلام.
۽ ٽئڪسي ۾ رفتار آهي، زندگيءَ جي رفتار.
منو چپ ڇو آهين؟ ڪجهہ ڳالهاءِ نہ!
ڇا ڳالهايان؟
...........
نمو، تو پنهنجي مائٽن جي مرضي ڇو نہ رکي؟
مون فرض لفظ کي ايڪسپلائيٽ ڪرڻ نٿي چاهيو. مون فرض جو حق ماڻڻ ... ڏيڻ نٿي چاهيو.
برو نہ لڳو کين؟
اُهم ڪنهن جي هٺ جي پهرين نشاني آهي!
مزيدار تجربو!

لالي پاپ کي چوسيندڙ چپ. سواد لپسٽڪ جو، سواد تماڪ جو.
جڏهن هڪ ٻئي کي چمنداسين ته اِهي ٻئي سواد ملي هڪ عجيب سواد جو سرجڻ ڪندا. ڪندا نه؟
هل ڪنهن پارڪ ۾ گڏ ويهون!
پر منو! هوءَ اَڪيلي ڪٿي آهي؟.، هاٽي سندس ننڍپڻ جو ساٿي گنو جو هن وٽ ايندو ويندو آهي.
خير، ڊئم ديم.. نمو! ڪنهن ٻي ٽاپڪ تي ڳالهاءِ. سشي، سشي، سشي. مان هميشه سشي بابت سوچڻ ۽ ڳالهائڻ پسند نٿو ڪريان.... آءِ وانٽ سم ٿنگ ”نيو“ مون کي حياتي ۾ ڪجهه نئون کپي، نئون....!
هيءَ وٽ منهنجي ڪمر، ڪافي گرم اَٿئي. آهي نه؟
جهڳٽن ۾ لهي آيل اوندهه.
سرين ۾ ڇهاءُ
پارڪ مان ويندڙ ماڻهو.
چپ ۽ چپ. ڪلهي کي ڇهندڙ آڱريون. گهرا پوندڙ سرير. دوريءَ کي مٽائيندڙ لپسٽڪ ڏوپجي ويئي آهي... چو جو ”چمين“ جو اَحساس رنگ جيان چپن تي چڙهي ويو آهي.
ڪجهه آهٽ قدمن جي ويجهو پوندڙ...
سشي تي سگهي تي. پلي هجي پرواهه ناهي.
سشي ناهي، هڪ جوڙو پاڻ ۾ گم ... وجي پيو... وجي.
هو هڪ ٻئي کان اَلڳ ٿين ٿا.
اِقرار ۾ ڊبجندڙ هٿ وري سياٽي ملنداسين. ملنداسين نه؟
سشيءَ وٽان مليل اَپمان جي چماٽ. چماٽ
نموءَ وٽان مليل پيار جو ڇهاءُ. ڇهاءُ.
چماٽ، درد ڏئي ٿي، پيڙا ڏئي ٿي، ويدنا ڏئي ٿي. ڇهاءُ اننت اَحساس جو اَحساس.
فيصلو ڪرڻو ئي پوندو.
ڪر فيصلو!
سشي تون منهنجي ناهين، ناهين. ۽ نمو، تون فقط منهنجي آهين، منهنجي
۽ هو نموءَ اڳيان پنهنجي رٿ رکندو.
***

ماءُ چيو، ”ڏيءَ سشي! منوهر ۽ منوءَ جي شادي تي نہ وينديئن؟“
سشيءَ هٿ مٿي ڏانهن وڌائيندي چيو، ”ممي! مٿي ۾ سور اَٿم.“
ماءُ وڌيڪ رڙهي آئي. ”بام هڻ! گولي گاءُ!“
”پاڻيهي ڪائينديس.“
ماءُ هتي ويئي. ڪٽا تي هلي ويئي.
سشيءَ خالي اکين سان ٻاهر ڏٺو. زمين تي توري اُس بچيل هئي سج بلڊنگن سان ٽڪرائجي ٽٽي ويو هو. سج جا ٽڪرا آهستي آهستي گم ٿيندا تي ويا.
هن جو پريم بہ تہ ائين ٽٽو هو.
پريم؟....... ڇا جو پريم؟....... ڪنهن سان پريم؟....... ڇا پريم؟.....
هوءَ اُٿي وڏندڙ انڌيرو هن جي ذهن ۾ ... اُس جا چند ٽڪرا ئي ٻاهر هئا. ڪجهہ دير ۾ اُهي بہ نہ رهندا.
ڪٻٽ کوليائين، ”چندو“ جي منائي جي خالي پيتيءَ ۾ ڪجهہ چيزون اَنيڪ سلپون.
-1ماءِ سويٽ هارٽ! اَڄ ميٽرو تي ڇهين بجي ضرور اَچج: فقط تنهنجو ئي منوهر.
-2ماءِ لو! فائوٽنين تي — 5 30:جو اِينديئن نہ؟ فقط منوهر.
-3ڪملا نهرو پارڪ تي ضرور اَچج ڊارلنگ سشي، تنهنجو منوهر.
-4ماءِ ڪُوئين! اِينديئن نہ. لبرٽي تي، فلم اَٽئي، منوهر.
اِهي ۽ اِن طرح جون اَنيڪ سلپون، جيڪي اَنيڪ شامن جون شاهد آهن، منوهر جي ننڍي ۾ ننڍي چيز سشيءَ وٽ سلامت رکي آهي، گهٽا ئي پيرا هن جي دل تي هئي تہ اُهي ڦاڙي ڇڏي، پر پوءِ سوچيندي آهي، ڦاڙينديس تہ دل کي اَجائي چوٽ ايندي، سلپس، سئنيما ٽڪيٽن جا اَڌ ٽڪرا، بس جون ٽڪيٽون، چيوگم جي پني، ڪئڊبري جو ليبل، نمڪين ڪاجن جا خالي پڙا، ربينون، ڪانٽا، رومال. ڪو وقت هو جڏهن هوءَ اِهي سڀ چيزون پنهنجي پرس ۾ رکندي هئي. هڪ پيرو پرس منوهر جي هٿ لڳو. سشي ڪائنس کسڻ جي ڪوشش ڪئي، منوهر پرس کولي چڪو هو، چئي رهيو هو، ”ڏسان تہ سهين اَندر ڪهڙو خزانو آهي؟“
ڏسي هو دير تائين ٺهڪ ڏيندو کلندو رهيو.
هوءَ سسي ويئي.
”اِها ڪهڙي مئڊنيس آهي؟“
”منهنجي مرضي.“
”ٻار آهين ڇا، بيبي؟“

”تنهنجو تنهن ۾ ڇا وڃي؟“
”ڦٽي ڪري ڇڏ!“
”منهنجي مرضي.“
”ميڄٽو پوندو. تون پاڻ سان هڪ ميوزم کڻي گهمندي آهين!“
هينئر سشيءَ مشڪيو. جوڙيو، ”اِتهاسڪ يادگار.“
ها، ميوزم ئي، يادگار ئي. جنهن اتساهه سان جمع ڪيو هئائين ... جلائيندي ... ڪٿي آهي ماچيس؟ هي رهيو اونداهو رنڊٽو... شمشان گهاٽ!
هن ڊير ناهيو.
ڪاڻ، ڪاڻ، ڪاڻ، سرپٽ، سرپٽ، اُڏامندڙ ڪاڻءُ ۽ ڪنپ ڦڙ ڦڙائيندڙ لامارا هڻندڙ ڳجهون.
دير تائين ماچيس هٿ ۾ پڪڙي ويٺي رهي. ڇا ڪريان؟ جلايان، يا نه جلايان؟
جلاءِ، جلاءِ، جلاءِ. منوهر جون اِهي نشانيون به جلائي ڇڏ. جئن اُهي ياد ٻڻجي نه ڏنگين!
مان جلائيندس!؟
جلاءِ!
ڍير کي باهه وڪوڙڻ تي لڳي. اٽندڙ ڇٽڪون. جلندڙ ٽڪرا. جلڻ ڪان بچڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن اڏامندڙ. سشيءَ جو انهن کي ڳتر ڪان پڪڙي وري باهه جي حوالي ڪرڻ.
هڪ باهه ٻاهر آهي، ڍير تي. ٻي باهه اَندر ۾ آهي، سشي جي. اتي سمرتين جو ڍير آهي. اهي نٽيون جلن.
ڪهڙي سمرتي جلائي، ڪهڙي جلائي؟ ڪاغذ لاءِ باهه آهي، اهي جلي رک تي ويندا.
ليڪن ذهن ۾ حق جمائي ويٺل سمرتيون ڇا جلي سگهنديون؟
ڪارا پوندڙ ڪاغذ، رک ٿيندڙ. آخر باهه جا چند آلا. هوءَ رک ڪٺي ڪچري جي بالٽيءَ جي حوالي ڪرڻ لڳي.
ها، اِن طرح سان ئي هن نمڪين ڪاڄا زمين تان ڪٺي ڪچري جي بالٽيءَ ۾ اڇلايا هئا. تڏهن هوءَ اَندر ئي اَندر ۾ ايترو ته رني هئي، جو هن جي پيڙا آنسو ٻڻجي وئي هئي، منوهر جو ٻيو دفعو اپمان ڪندي هن کي لڳو هو، ته هن جيڪو ڪجهه ڪيو، سٺو نه ڪيو. هن جي دل ٿي هئي ته ويندڙ منوهر کي واپس سڏيان. ڪانئس معافي گهران. ليڪن اُن وقت هوءَ اپمان جي آگ ۾ جلي رهي هئي. هي مرد سمجهن ڇا ٿا؟ خود پونئر ٿيندا وتندا ٻين پنيان ڦرندا ۽ عورتون ستيون ٻڻجي هنن جي حق ۾ پوري زندگي گهاريندون؟ اَصل نه، سندس آهم ڪيس

روڪيو هو. منوهر جيڪڏهن نموءَ اڳيان هن جي وجود کي ڪنهن ليکي ۾ نٿو آڻي، ته هوءَ پنهنجي وجود کي ائين گهايل ٿيندو نه ڏسندي. هوءَ به منوهر کي ڌڪاري هن جي اَهم کي چوٽ رسائي سگهي ٿي. مان ڪا جهڙي تهڙي آهيان! وڃي ته، وڃڻ ڏينس. پيار هوندو، پاٽيهي هلي ايندو. مون کي خبر هئي، هو نموءَ پٺيان چريو آهي.
سنو ٿيو، اَسان جو سنبنڌ اِتي ئي ٽٽو. سياڻي اَسين ڪري شادي ڪريون به ها. پوءِ به هن کي هر وقت نمو ئي ياد رهي ها. ۽ مان سڄي زندگي حسد جي، اوشواس جي آگ ۾ جلندي رهان ها. تنهن ڪان بهتر ٿيو جو مون فيصلو ڪري ورتو.
هاڻ مان منوهر کان آزاد آهيان، هو مون کان آزاد آهي. پلي هو نرملا کي اپنائي... مونکي اپنائي ۽ نرملا کي به اپنائي اِهو منهنجي سهڻ کان ٻاهر آهي. سڄي زندگيءَ جي جلن کان هينئر ڪجهه ڏينهن جلنديس زخم سڪي ويندا. پراڻي ڪل لهي ويندي. نئين چمڙي هلي ايندي. نه ته هر روز جا زخم ۽ لاعلاج! تڙقڻ، تڙقڻ، تڙقڻ
جو ٿيو، سنو ئي ٿيو.
سشي اَڄ به وساري نٿي سگهي.
ڪملا نهرو پارڪ ۾ هوءَ اِنتظار ڪري رهي آهي. ٻتيون ٻري چڪيون آهن. پارڪ ۾ چهل قدمي گهٽبي گهٽبي ختم ٿي ويئي آهي. دور مرين لائينس ۽ اونداهو عربي سمنڊ. جڳهين جو سمنڊ، اُنهن جي وچ مان وهندڙ گهٽيون ۽ سڙڪون. جنهن ۾ ماڻهو پاڻيءَ جيان تري رهيا آهن. اُنهن جا ڪارا ڪارا آڪار اکين ۾ جهولن ٿا. ليڪن هن جو من پريشان آهي، اَجا به وڌيڪ پريشان ٿي رهيو آهي. پوءِ به هوءَ ويٺي آهي. آس جو پلئه پڪڙي جڏهن پارڪ ۾ ڪو به ٻني بشر نٿو رهي، تڏهن هو گهبراجي اٿي ڪڙي ٿئي ٿي.
بس ۾ هن جو هردو ئي نٿو روئي، هن جي شڪل به روئڻهارڪي ٿي وڃي ٿي. بس مان لهي هوءَ ڊانواڊول من ۽ لڙڪڙائيندڙ قدمن سان پنهنجي ڪالونيءَ ڏانهن وڌندي ٿي رهي. پل جي هينيان لنگهي ٿي جو پٺيان ڄاتل سڃاتل ٺهڪ جو آواز ڪن تي پويس ٿو. هوءَ پل جي هيٺان اَنڌيري ۾ منهن ورائي ڏسي ٿي. پل پرسان نيم انڌيري کي چيري منوهر ۽ نرملا ڪالونيءَ طرف اچي رهيا آهن. سشيءَ ڪان چرڪ تو نڪري وڃي. هوءَ پل جي ديوار سان لڳي ٿي بيهي. گويا هوءَ چور آهي ۽ هن جي چوري پڪڙجڻ واري آهي.
منوهر چيو، ”اَڄ اَڄ نرملا.“
”دادي ڪٿي آهي؟“
”ويهه دادي رنڌڻي ۾ آهي.“

ٻئي ڳالهائيندا ئي هوندا. زبان سان ڪٽي نہ، اکين سان اکين معرفت دليون تہ ڳالهائي سگهنديون آهن.

ہ چانهہ جا ڪوپ، ہ پيئندڙ.

هڪ سوال!

اِيوري ٿنگ از فيئر اِن لو ائنڊ وار.

سشي ٿارڻ چاهيو هو، ”پهرين چانهہ پي.“

۽ جواب ڏيڻو پيو، ”جنگ ۾ سڀ روا ٿي سگهي ٿو، پيار ۾ نہ.“ چو جو ان وقت هوءَ منوهر سان وڏي جنگ لاءِ سنيري هئي.

منوهر کي بي عزتو ڪري هن پاڻ ئي پنهنجا آنسو اگهيا. سوچيائين، وري جيڪڏهن منوهر آيو تہ هوءَ ڪانئس پنهنجي اهڙي وهنوار لاءِ معافي وٺندي. پر ٻيو دفعو منوهر ڪانئس جڏهن ڪاڄن بنسبت پڇڻ آيو، تڏهن هن جي اندر جو ودروهہ جڻ ڀڙڪي اُٿيو.

”هاڻي تون هتان هليو وڃ.“

”ايتري ۾ تون مهمان ۽ ميزبان جون روايتون پلجي وئيئن؟“

”ها، ائين روايتون بدلجنديون آهن.“

”وري ڪڏهن اچي سگهان ٿو؟“

”نہ!“

”ڪڏهن بہ نہ؟“

”چيم نہ! نہ، نہ، نہ!!“

منوهر ڄ وڃڻ ڪانپوءِ هوءَ وري رني هئي.

پر هاڻ ڇا رهيو آهي؟

منوهر فيصلو ڪري ئي ورتو آهي.

اَڄ منوهر ۽ نرملا شادي جي ٻنڌن ۾ ٻڌجي رهيا آهن. خوش رهن.

ٻنهي دفعن ۾ هن سوچيو هو، مون برابر ڪيس ڇيو، تہ نہ اَچج. پر منهنجو منو ايترو پرائو ٿي ويو آهي، جو مون کي پرڇائڻ بہ نہ ايندو؟

بس اها هڪ پاڳل آس هئي. هاڻ هوءَ خود کي پرڇائي رهي هئي.

سشيءَ جي ذهن ۾ هڪ ٻيو منظر ابري ٿو.

”منهنجي تتري.“

”گنا!“

لهندڙ سج وقت، ايرڻ جي آس ڪنيو آيل گنو، ڪيس ياد اَچي ٿو.
گني چيو، ”هل ڏسون اندلٺ جون پڇڙيون ڪٿي آهن؟“
هٿ ۾ هٿ ڏيئي ٻئي هلندا ٿا وڃن. سامهون اوندهه اَچي ٿي. هوءَ روئڻ ٿي لڳي. گنو ڪيس پرچائي ٿو. ”چري! روئٽي! اوندهه ڪٿي آهي؟ سامهون ڏس روشني ڪونهي؟ اوهه.... هتي!“
ڪٿي آهي روشني؟ هوءَ چو طرف نهاري ٿي ته خود کي انڌيري سان گهيريل پائي ٿي.
اوندهه فقط گهر ۾ نه لهي آئي آهي. هن جي من ۾ به لهي آئي آهي. اُتي بجليءَ جو بٽڻ دٻائي گهر ۾ روشني پري، اِهو به ڪانئس نٿو پڄي. رهي ٿي اوندهه، ته رهي.
هن ميز تي نوٽنيون ٽڪايون ۽ هٿ جي ترين تي ڪاڏي ٽڪائي ڏنائين ته سندس اکين ۾ نجاڻان آنسون ڪيئن هليا آيا هئا. هن آنسن کي سڪڻ لاءِ ڇڏي ڏيڻ چاهيو. رومال سان اُگهڻ جو اِرادو به لاهي ڇڏيائين. دور اسپيڪر تان فلمي گانا هلي رهيا هئا ۽ منوهر مون کي بلڪل سمجهي نه سگهيو. اِهي مرد.......
گهر جون چيزون عجيب آڪارن ۾ بدلجي ويئون. ڪٿي ڪٿي گهر جي ننڍين چيزن جو آڪار وڏندو تي ويو. ڪيس لڳو، ديوار ۾ ٽنگيل گهڙيال به گرڻ لڳو آهي. ڪجهه دير ۾ هوءَ به اوندهه ۾ گري ويندي. هوءَ ميز به، هي سرير به، هي ديوارون به، نه هيءَ ڇت به. شور هوندو، پيڙ هوندي. هڪ نه هونديس، ته اَڪيلي مان. منهنجي اُتي ضرورت به ڪهڙي آهي؟ منوهر پنهنجي اَيمان جو بدلو مون کان چڱي طرح چڪائي ورتو. مون کيس ٻه دفعا به عزتو ڪيو، ته هن مون کي سڄي عمر لاءِ ڇڏي ڦٽو ڪيو.
هاڻ ڇا رهيو آهي، باقي؟
پر هو جيڪڏهين مون کي ڇڏي نموءَ کي اَپنائي سگهي ٿو، ته پوءِ مان هن جي ويچار کي دل مان نيڪالي ڏيئي، گني ڏانهن ڇو نٿي وڃي سگهان؟
گنو- ٽتري — ششي- مان.
مان ڇو نٿي منوهر لاءِ پيدا ٿيل پاونائن کي ماري، گني لاءِ پيار رکي سگهان؟
”ششي!“
ششيءَ کي محسوس ٿئي ٿو، نه ڄڻ ڪوهن جي دوري تان اِهو آواز آيو آهي،
”ششي!“ ڪوهن کان پنڌ ڪندو اِهو آواز هن تائين پهتو آهي.
”اَڙي، آهين يا نه؟ اوندهه ۾ ڇو ويٺي آهين؟“
گنو ئي ته آهي.

هو، سئچ ڏانهن وڌندي چوي ٿي، ”بس ويني ويني جهوٽو اَچي ويو. سوچيم پئي تون اَچي ويندين. دير ڪيئه؟“

”هڪ دوست گڏجي ويو هو.“

روشني ٿي ته اَنڌيرو ڀڄي ويو. هر شيءَ کي پنهنجو آڪار مليو. ششيءَ جي چهري تي ويدنا به چٽي ٿي آئي.

”تون اَڄ اداس آهين؟“

”بس ائين ئي.“

”ڪجهه ته آهي؟“

”ڪجهه به نه.“

”ڪجهه ته آهي، جو تون مون کان لڪائي رهي آهين؟“

ڪجهه آهي، ششيءَ جي من ۾ چا اُن کي اظهار ڪري؟

”ڳنا منهنجي چهري ۾ڏس!“

”ڏٺم!“

”ڇا مون ۾ ڪا به ڪشش باقي نه رهي آهي؟“

”هي ڪهڙي قسم جو سوال آهي؟“

”جئن پڇان ٿي ٻڌاءِ؟“

”آهي.“

”ڇا مان سني جيون ساٿڻ ثابت ٿي نٿي سگهان؟“ چوندي چوندي هن جو چهرو روڻهارڪو ٿي اٿي تو.

”ٿي سگهين ٿي. پر اَڄ....“

”ڇا مان تنهنجي....“

”هي توکي ڇا ٿي ويو آهي، تتري؟ هي بهڪيل بهڪيل ڳالهيون ڇو ڪَري رهي آهين؟ ها، توکي مون هميشه هڪ متر ڪري پئي سمجهيو آهي. تون مون لاءِ عزيز آهين. پر جيستائين شاديءَ جو سوال آهي، مون اُن تي گنڀيرتا سان سوچيو ڪونهي ۽ تولاءِ اِها ڳالهه مان سوچي به نٿو سگهان. تولاءِ منهنجي من ۾ جيڪي ڀاونائون آهن.... اهي فقط هڪ متر جون آهن.“

ششي روئندي رهي. گني ڪيس پرچائيندي چيو، ”ائين ڪو روئبو آهي، تتري؟ پر اَڄ توکي ڇا ٿو ويو آهي؟ ها، جيڪڏهين جيون ساٿيءَ جي ضرورت اَٿيئي، ته مان تو لاءِ مميءَ کي چوان. هوءِ تولاءِ جلد ئي ڪو نه ڪو ڇوڪرو ڳولهي وٺندي.“

ششي چپ،
گنو چپ
رات گهري ٿي ويئي هئي. اُن ڪان بہ وڌيڪ گهري پئجي ويئي هئي ششيءَ جي ويدنا. گنو هن جي اکيان رڙهي آيو. سندن مٿي تي ممتا پريو هٿڙو گهمائيندي پڇيائين،
”ڇا ٿيو آهي، آخر؟“
ششيءَ ناڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو.
”مون ڪي بہ نہ ٻڌائيندين؟“
پت ٻٽي ويني رهي، ششي. دل ۾ آيس، تہ گني ڪي چوي ”هليو وڃ هتان!“
اِهو تہ منوهر هو، جنهن منهنجي سَني هئي. هن مون ڪي پيار ڪيو هو. جو چپ چاپ بي عزتي جهوليءَ ۾ پري هيلو ويو. گنو ڪيترو نہ ويجهو وينو آهي، پوءِ بہ ڪيترو نہ دور. منوهر هاڻ مون ڪان ڪيترو دور آهي، پوءِ بہ لڳيم ٿو، منهنجو ويجهو وينو آهي. هاڻ ڇا رهيو آهي؟
***
شاديءَ ڪان چند روز پوءِ
هڪ صبح!
صبح جا ڪرٽا دريءَ مان اَندر گهڙي آيا هئا. زمين تي ليٽڙڻ لڳا هئا. منوهر جي ننڊ ٽٽي. هونئن هميشہ نمو ڪيس چمي ڏيئي جاڳائيندي هئي. اَڄ هن مون ڪي ڇو نہ جاڳايو؟
”نمو!“
”نمو!“
”نمو!“
ڪچن مان اِسٽو جو آواز اَچي رهيو هو. سليپرس پهريل قدم منوهر ڏانهن وڌي رهيا هئا. نرملا آئي. منوهر هن جي اکين ۾ اکيون پائي پڇيو، ”اَڄ مارننگ ڪس نہ ڪيئہ؟“
”منهنجي مرضي!“
”ڇو؟“
”اَڄ مان توسان جنگ ڪرڻ ٿي چاهيان.“
”ڪر! مان تيار آهيان. جيڪو ڪٽي، ان کي هاراپل ڏھ چميون ڏي. منظور؟“
”نہ، سچ پچ جنگ!“
”ڪر!“

”مون تنهنجي ڪوٽ ۾ اَج سئلري سلپ ڏٺي. تو مون کي پنهنجو پگهار سو رپيا وڌائي ڇو ٻڌايو؟ ڇا سچو پگهار ٻڌائين ها، ته مان توکي پيار نه ڪريان ها؟“
نرملا جي نظرن ۾ منوهر خود کي چور محسوس ڪيو.
”ٻي ڳالهه، ڪالهه رات هڪ دفعو منهنجي ننڊ ٽٽي هئي. ڏٺم، تون پٽڪي رهيو آهين. ششي... ششي... ششي... ڇيو ته هو تو، ششيءَ کي مان بلڪل وساري چڪو آهيان. ۽ هينئر من، وچن، ڪرم سان فقط تنهنجو آهيان.“
منوهر ڏٺو، نرملا اَج گنڀير هئي. هوءَ ڪانئس هڪ وڪيل جيان آڏي پڇا ڪري رهي هئي.
”نمو، اَچيتن من ۾ ششي رهي هجي، شايد... مان نٽو ڄاڻان... پر جيستائين چيتن اَوستا جو سوال آهي: جيستائين چيتنا مون ۾ آهي، اُتي فقط تون آهن، تون.“ چئي منوهر نموءَ جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي ڪيس چمڻ چاهيو... ليڪن هوءِ پاڻ ڇڏائي هلي ويئي.

*

(6)

# پرن قطبن جي وچ جي ڊوڙ

## هريش واسواڻي

'ڪونج' سيپٽمبر 1967ع

شور! هڪ شهري شام بيوقوف پاڙيسرڻ، سشيءَ جي گهر گهڙي آئي آهي. سشي ان مان خفي آهي. اها ڪيس ايڪانت ۾ پائي ساٿس پنهنجي ۽ پرائي پچار ڪندي ۽ سندس مٿو ڪائيندي. ان جي وڃڻ ڪان پوءِ به ان جي ڳالهين جي درگنڌ وايو منڊل ۾ ڪيتري دير تائين وياپت رهندي. خالي رهي هوءَ ان ڪان بچي نه سگهندي. مڪتيءَ لاءِ ضروري آهي هوءَ پاڻ کي مصروف رکي. هوءَ اٿي پنهنجي اسٽڊي ٽيبل تي اچي ويٺي.

ڪتاب، نوٽس، ڪوٽيشنس، ٽائيپ ڪيل ڪاغذ ۽ ڪتاب. سڀ جڙ.

سشيءَ پنهنجي گهور وسيلي زبردستي انهن ۾ چرپر پيدا ڪئي. اڪر ڪاغذ ڪان ڇڄڻ لڳا ۽ ڏيري ڏيري ڪاراڻ جو هڪ ڏنڌ ڪنو تي ويو. سشيءَ چاهيو ته هوءَ ان ڏنڌ کي متائي ڪاغذن کي هڪ دفعو وري سفيد ڪري ڇڏي. پر ائين ٿي ڪو نه سگهيو. ڏنڌ سمائجي ويو. اڪر متجڻ جي بجاءِ سميٽجي سٽر تي بينا. سشي نراش ٿي ويئي. سندس زندگيءَ جي پني تي به ڪي اڪر اڪري ويا آهن، ڪارا ڪارا. اهي به ڪڏهن ڪڏهن ڏنڌلا پئجي ٿا وڃن، پر متجن ڪو نه ٿا. هوءَ وري اچي اجري ڪو نه ٿي سگهندي. سندس من ۾ ڊپ آهي ته اها ڪاراڻ ڪٽي ڪلنڪ جو روپ نه وٺي.

پر ڪلنڪ ڇا آهي، اهو سوال بجليءَ جي ڏار وانگر سندس مشڪ کي ڇهي ويو. هوءَ پل لاءِ شونيه ٻڌجي ويئي، ڪيس لڳو ته سندس ڌڙ جي مٿان هڪ مستڪ جو لاش يا لاش جو مستڪ رکيل آهي. شايد شرير جي نسن مٿي خون پهچائڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. هوءَ اٿي ڪڙي ٿي. هن بي آراميءَ وچان پنهنجون ٻانهون لوڏيون، سر کي جهٽڪو ڏنو ۽ اچ وڃ ڪرڻ لڳي.

چپ............ چپ.................چپ............. چپ.

نه، هوءَ ان ڪاراڻ کي ڪلنڪ ٻڌجڻ ڪو نه ڏيندي. هر ڪاري چيز ڪلنڪ ڪو نه ٿيندي آهي، نه هر ڪلنڪ ڪارو ٿيندو آهي.

چپ............ چپ.................چپ............. چپ.

هينئر هنجي بدن جو خون تيزيءَ سان مستڪ ڏانهن وڌڻ لڳو. وڏيو ڪو نہ تي ٻوڙيو تي. سشي پنهنجي خون جي ٻوڙ جو آواز ٻڌڻ لڳي. شايد سمورو خون وڃي مستڪ ۾ جمع ٿيندو. جي ائين ٿيو تہ سندس ڌڙ مردهہ ٿي ويندو. هڪ زندهہ سر جي هيٺان هڪ مردهہ سرير!

سشي رڪجي ويئي.

نہ، نہ زندگي هنجي سر کي بہ ڪپي سرير کي بہ ڪپي.

هوءَ ان کي ٻنهي لاءِ ڳوليندي ۽ ائين ڪندي ڪاري نہ ٿيندي نہ ڪلنڪ ٿيندي. بس زندهہ رهندي. زندگيءَ جو بنيادي طرح ڪو رنگ ڪو نہ ٿيندو آهي. هوءَ مٿس ڪو رنگ چڙهڻ ڪو نہ ڏيندي.

ها، سشي ويهي رهي. هوءَ هيلتائين غلط ڏسائن ۾ سوچيندي رهي آهي، ۽ غلط ئي ڪندي رهي آهي، ورنہ هيتري دکي ڇو هجي ها اچ؟ هن منوهر سان پيار ڪيو ان ۾ ڪا غلطي ڪو نہ هئي، پر ان ڪانپوءِ جيڪو ٿيو يا جنهن نموني ٿيو اهو غلط هو.

سشي ڪجهہ ائين سوچڻ لڳي جيئن ڪا فلمي هيروئن پنهنجي رول کي نقادي نگاهن سان ڏسندي آهي. ڏسي سوچي سگهندي آهي پر ان کي، پنهنجي رول کي وري ڪري نہ ڪو نہ سگهندي آهي.

مون منوهر کان باقي ڇا ٿي چاهيو، هن پاڻ کان پڇيو.

شادي؟ گهر؟ بس؟ ائين ڪرڻ سان ڇا سندس زندهہ رهڻ جو مقصد پورو ٿي وڃي ها جي هن ائين چاهيو هو تہ ان ۾ نئون ڇا هو؟ ڇا هوءَ سشي ڪو نہ هئي، صرف ڇوڪري هئي، هڪ ڪمزور ڇوڪري؟

ڪيس شنڪا ٿيڻ لڳي تہ سچ پچ هن منوهر سان پيار ئي ڪيو هو يا اهو سڀ ڪجهہ ڪنهن ٻئي مقصد جو واهڻ هو. منوهر جي شاديءَ سان اهو سڀ ڪجهہ ٺٺي پيو. پيار سان اها شادي ڇا آهي، ڇو آهي؟

سشي گونگي ٿي ويئي. وٽس اڄ ڪجهہ بہ نہ آهي، نہ پيار، نہ شادي. بس انهن ٻن قطبن جي وچ جو مفاصلو آهي جتي ڪيس لڳاتار جوڙڻو آهي. پر صحيح راهہ ڪيس شروع کان ئي ڪو نہ ملي آهي. سندس من ۾ پنهنجا کي ڪمزور ڪڻ اپرڻ لڳا.

”منوهر تون مونکي ڇڏي تہ نہ ڏيندين؟“ هڪ ڏينهن سشيءَ منوهر کان اهو سوال ڪيو هو جيڪو هر استري پرش کان ڪندي آهي.

منوهر پل لاءِ رڪجي ويو، ”اهو سوال مان توکان پڇان تہ؟“

”مان تہ مور ڪونہ ڇڏينديس.“

منوهر کلي چيو، ”مان جي ساڳيو جواب ڏيان ته لڳندو تنهنجو نقل ٿو ڪريان.“
”ته تون مون کي ڇڏي ڏيندين؟“
”تون مون کان ڇڏائجي سگهين ٿي.“
”ته ڇا ٻين جي چوڻ تي مون کي ڇڏي ڏيندين؟“
”نه.“
سشي نشچن ٿيڻ لڳي هئي. هاڻ سشيءَ کي لڳي ٿو سندس نشچت ٿيڻ ڪيڏي نه وڏي بيوقوفي هئي.
وري ڪڏهن:
”سشي تون اسان جي پيار جي ڪلپنا ڪيئن ٿي ڪرين؟“
”هڪ چترڪار وانگر، مونکي لڳي ٿو ته هڪ چتر جون ريکائون اسان جوڙي ورتيون آهن. رنگ ڪو نه ڀريا اٿئون. رنگ اجا ڀرڻا آهن. پر ٿي سگهي ٿو رنگ ڀرڻ وقت اسان مان ڪنهن جو يا ٻنهي جا هٿ ڪنبي وڃن. ۽ چتر، چتر نه بڻجي ڊبو بڻجي وڃي.“
”ان ڪان پوءِ ڇا تون چترڪار نه رهندينءَ؟ هٿ ته هر چترڪار جا ڪنبندا آهن.“
سشي جواب ڪو نه ڏيئي سگهي هئي.
وري ٻه، هڪ فلم ڏسڻ ڪان پوءِ
”سشي توکي ڪامڪ فلمون وڻنديون آهن يا ٽرئجڪ.“
”ٽرئجڪ.“
”پنهنجي پيار جي فلم بنائڻ لاءِ توکي ڪوئي چوي ته تون ان جو انت ڪهڙو رکندينءَ؟“
سشي بنا ڪجهه سوچڻ جي چيو ”ٽرئجڪ“، چئي پوءِ ڇرڪي ٿي وڃي،
۽ اهو ٽرئجڪ ئي ٿيو. سشيءَ ڳوڙهو ساهه ڪنيو.
هينئر جيڪڏهين هوءَ پاڻ کي دلاسو به ڏئي ته اهو ٽرئجڪ انت هن نه پر منوءَ جوڙيو ته اهو وئرٿ آهي. عجب آهي ته فلم ۾ آڪاٽيءَ جو ٽرئجڪ انت هن کي پسند آهي، پر زندگيءَ جي آڪاٽيءَ جو ٽرئجڪ انت هن کي ٽوڙي ٿو ڇڏي. شايد پردي تي ڏک جي چاهنا پنهنجي ڏک پاونا سان بدلو آهي، نه ته هن پڻ زندگيءَ ۾ آڪاٽيءَ جو ڪامڪ فارمولو ئي چاهيو هو. هن جو پيار دراصل فرمولي ڪان مٿي ڪو نه ڪجيو تنهن ڪري ٽٽي پيو.
سشيءَ کي ياد آيو هڪ ڏينهن منوهر شرير جي گهرج ڪٽي سندس اڳيان آيو هو. هن اها اَسويڪار ڪئي. دليل اِها ته شاديءَ کان اڳ اها واجب نه آهي. استري ۽ پرش جي وچ ۾ اها شادي ڇا آهي؟ شايد سماج آهي. نه ته استري پرش صرف سرير آهن ۽ ان ڪري ئي استري

پرش آهن. انهن جي وچ ۾ جيڪا سماج آهي اها شايد استريءَ جي وڏي ۾ وڏي مجبوري آهي. استريءَ جي شڪل اهائي آهي جيڪا سماج جوڙي ٿو. جي اها نه آهي ته هوءَ بعزيتي آهي، بدشڪل آهي. شاديءَ جو بنڌن به هن لاءِ ان ڪري ضروري آهي چاڪاڻ ته سماج ان لاءِ اهو لازمي قرار ڏنو آهي. استري شاديءَ جي تلاش ۾ پيار شروع ڪندي آهي. ڪڏهن ڪيس ٻئي کو نه ملندا آهن، ڪڏهن شادي ملي ويندي آهي، پيار ڪو نه ملندو آهي. سماج لاءِ استري زندهه رهجي ويندي آهي، پنهنجي لاءِ استري مري ويندي آهي.

سشيءَ جي اکيان ڪي سرير گهمڻ لڳا:

استريءَ جا، پرش جا وسترميه، وسترهيڻ، سرير، سرير، سرير.

پل لاءِ هوءَ انهن ۾ ڪوئجي وئي. اچانڪ کيس لڳو ته استري ڪڏهن پيار ڪو نه ڪندي آهي، ڪونه ڪري سگهندي آهي، کيس ڪو نه ڪرڻ ڏنو ويندو آهي. پيار جي نالي سان پرونچنا جو هڪ ڍانچو جڙيل آهي، جنهن ۾ سندس نالو زبردستيءَ جوڙيو ويندو آهي. پيار خود هڪ ستنترياو آهي، ستنتر فيصلو آهي. سمجهوتي جي ڪا به ورتي پيار جي دشمن آهي. اها پرونچنائي ته آهي جو سشي منوهر ڪان شڪست ڪائي ترت گني جي اکيان جهڪي ويئي. هن شايد نه منوهر کي پيار ڪيو نه گني کي، سشي هراسجي وئي اهو سويڪار ڪندي ته سندس نسبت ڪنهن خاص پرش سان نه پر هڪ عدد پرش سان هئي. اڄ به جيڪڏهين ڪو پرش سندس هٿ پڪڙڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ته هوءَ شايد ئي انڪار ڪري سگهندي ۽ گذريل سڀ ڪجهه پلجي ويندي... ۽ ...... ۽...... ۽ هوءَ منوهر کي ڪهڙو ڏوهه ڏئي؟

سوچيندي سوچيندي سشيءَ جو سر ڪرسيءَ جي ٻانهن تي لڙڪي ويو. ٽنگون ڪجهه اڳيرو ڦهلجي ويس. چاتيءَ جون گولايون ساڙهيءَ جي ڍڪ ڪان قدري مڪت ٿي ويون. پر اهو سڀ ڪجهه ڪو ئي ڏسي ڪو نه ٿي سگهيو. انڌڪار ڍيري ڍيري سشيءَ مٿان سانوري چادر وجهي ڇڏي هئي.

ماءُ ڪتا تان موٽي آئي هئي. سشيءَ کي اپياس ۾ مشغول ڏسي سندس ڪم ۾ رخنو وجهڻ واجب ڪو نه سمجهيو هئائين ۽ سشيءَڪي سڏ ئي ڪو نه رهي هئي ته ڪڏهن سندس بيوقوف پاڙيسرڻ سندس مٿو ڪائي هلي وئي هئي. هن جو مٿو سچ پچ سور ڪرڻ لڳو هو پر هوءَ ايڏي ته سست ٿي وئي هئي، جو اٿي ان جو اپچار ڪرڻ به ڪانئس ڪو نه ٿي پڳو. هن کي درد به ان وقت عزيز ٿي لڳو. ياڻيائين انهيءَ ڪري وڏيڪ سوچي ڪونه سگهندي.

”تتري“، انڌيري چادر اندر توري هلچل ٿي. سشيءَ چاهيو ته هوءَ اٿي چادر لاهي سئچ آن ڪري روشنيءَ کي اچڻ ڏئي. پر نه ڄاڻ ڇا سوچي هن اها چادر وڏيڪ چڪي پاڻ کي ان ۾ ڍڪي

ڇڏيو، گويا ان اندر هوءَ گهري ننڊ ڪري رهي هجي، ”تہ تہ ري ي ي“ گني جي آواز ۾ گونج هئي.
موت نہ پائي هو اڳتي وڌي آيو ۽ اوندهہ ۾ سشيءَ کي ڳولهي ان جي ڪلهن تي هٿ رکڻ چاهيائين. پر اهي سشيءَ جي ڇاتين تي وڃي پيا. گني ڇرڪي هٿ پري تي ڪيا، پر سشيءَ انهن هٿان پنهنجا هٿ رکندي انهن کي روڪي ورتو.
”سشي“
”ها، گنا.“
شانتي.
سشيءَ جي اڃا تي، هوءَ پنهنجي هٿن سان گني جا هٿ پنهنجي ڇاتين تي زور سان دٻائي، پر هن ائين نہ ڪيو. ڇاتين جي مٿين حصي تي گني سپرش پائي سندس سڄي شرير ۾ سينيئڻ جي سنهڙي لهر ڊوڙي وئي. اها لهر هن کي انتڪار ۾ روشنيءَ جي هڪ از غيبي ليڪ وانگر تي لڳي.
هن ان کي ڪوئڻ ڪو نہ تي چاهيو نہ ئي هن گني جو چهرو ڏسڻ تي چاهيو. هن اهو بہ وشواس ڪرڻ ڪو نہ تي چاهيو تہ ڪو گنو وٽس بيٺو آهي. هن کي ائين لڳو ڄڻ هوءَ ڪنهن سينيٽوريم ۾ سڄ جي ڪرڻن تي علاج ڪرائي رهي هجي...
پر اهو علاج گهڻي دير ڪو نہ هليو. گني پنهنجا هٿ سشيءَ جي جڪڙ مان آزاد ڪرائي ورتا. وڃي سئچ آن ڪيائين. سشيءَ ۽ گني جي وچ ۾ هلندڙ فلم ڪٽجي ويئي ۽ ڪمرو روشنيءَ سان پرجي ويو ۽ هتان هتان جون سٽول ڇيزون نظر اچڻ لڳيون. گني سشيءَ ڏانهن نهاريو. هن جي نظرن ۾ گناهہ جي ڪاڇا يا ڪو نہ هئي صرف هڪ شونيتا هئي، بيڪسي هئي. گنو ڪجهہ ڇوي ان کان اڳ ئي سشيءَ ڇيو،
”گنا تون مون کي P.H.D ڪرڻ جي پريرڻا جو ڏني؟“
گنو ڪجهہ سمجهي ڪو نہ سگهيو سندس هٿن جي ترين تي سشيءَ جي ڇاتين جو نرم سپرش چنبڙيو پيو هو. اهو سوال ڪيس ائين لڳو جيئڻ ڪنهن سندس ترين تان ڇهاءُ ڪرڙڻ شروع ڪيو هجي.
”سشي، ان ۾ منهنجي پريرڻا جو ڪهڙو سوال آهي، آتم وڪاس جو هر ڪنهن کي حق آهي ۽ تو کي بہ...“
”۽ آتم هتيا جو بہ“ سشيءَ جو پاو تکو هو پر سندس سر بلڪل ٺڏو هو... موت جهڙو .. گنو ڇرڪي ويو.

”سشي تون نيڪ تہ آهين P.H.D ۾ آتم هتيا جو ڪهڙو سنبنڌ آهي .“

”آهي، گنا آهي.“ سشيءَ جي سرير ۾ هينئر جنبش هئي ”P.H.D “ .منهنجي چهري تي ڪي ليڪون آٽي سگهندي آهي. اکين جي هيٺان ڪي داغ آٽي سگهندي آهي. منهنجي متي ۾ ڪي اجا وجهي سگهندي آهي... ها، اهي اجايا ڪو نہ ويندا. منهنجو عقل وڌندو، منهنجي ويچار ۾ ترڪ شڪتي وڌندي مان هر ڳالھ تي بحث ڪنديس هر ڳالھ مان نقص ڪينديس پنهنجي معصوميت ۾ وشواس وڃائي ويهنديس ۽ پوءِ هن هيڏي ساري دنيا ۾ اڪيلي پئجي ويندس.... بلڪل اڪيلي.“

گني لاءِ اهي ڳالهيون نيون هيون، جيتوڻيڪ هو پاڻ فلاسافيءَجو ڊاڪٽر هو.

هن تہ ائين سوچيو هو تہ سشي P.H.D ڪان پوءِ ماستري ڇڏيندي ۽ سندس عهدي ۾ اضافو ٿيندو ۽ وڌيڪ سکي زندگي.......

”مون بہ تہ P.H.D ڪئي آهي. پر منهنجي اڳيان تہ اهي سوال پيدا ئي ڪو نہ ٿيا. مون هن ڪان وڌيڪ وديا وڌيڪ آتمڪ ستنترتا جو ساڌن ڪيو آهي. زندگيءَڪي سجاڳ اکين سان ڏسڻ جو هڪ طريقو.“

”اڄ تائين ڪنهن استريءَ آتمڪ سوتنترتا پوڳي آهي، جو مان پوڳينديس. ستنترتا لفظ استريءَ لاءِ فريب آهي. استريءَ جو وڪاس اڄ تائين ڪنهن ڪو نہ چاهيو آهي. استريءَ جي سجاڳ عقل پرست عورت ٻٽجي وڃي تہ پرش ان ڪان ڪنارو ڪري ويندو. ذهين ۾ ذهين مرد جي نگاهہ عورت جي روپ ۾ جوانيءَ تي هوندي آهي. نہ تہ نرملا ۾ مون ۾ ڪهڙو فرق هو؟ تنهنجو ڇا خيال آهي تہ پڙهي پوڳي، جفاڪشي ڪري، انتظار ۾ انتظار ڪري مان پرش لاءِ هميشہ ناقابل ٻٽجي وڃان.“

گنو پل شانت رهيو،

”تنهنجي من تي نرملا جي شاديءَ جو گهرو اثر ٿيو آهي، سشي... جو سياويڪ آهي، ان ڪان مون ڪي انڪار ڪونهي، پر تنهنجي انهن ويچارن جي پنيان استري سلڀ ايرڪا جو هڳاءُ آهي. روپ ۾ جوانيءَ ڪان پوءِ بہ ڪجھ اهڙو رهجي ٿو وڃي، جنهن جي پرش ڪي ضرورت ٿئي ٿي، جيڪو هو نرليپ ڀاوَ سان ناريءَ وٽان چاهي ٿو.“ گني پنهنجي آواز ۾ متضاد ڪوملتا ڀري ڇيو.

”ٿي سگهي ٿو، پر ان ڪي پائڻ لاءِ سندس راهہ ڏکي نہ آهي. استريءَ ۾ جي ايرڪا آهي تہ ان لاءِ روايتي بندوبست ئي جوابدار آهن. ڇو اوهان شاديءَ ڪي اهڙي قيمتي چيز ٻڻايو آهي جنهن لاءِ هڪ استري ڪي ٻيءَ استريءَ ڪان ايرڪا ڪرڻي پوي. ڇا اهو سچ نہ آهي تہ هيڏو اڳتي اچڻ ڪان

پوءِ بہ استريءَ لاءِ هڪ چت ۽ چار پتين جي ڊيسينٽي وجي باقي بچي آهي. جڏهن ڪ پرش جي زندگي خود بہ هڪ سهوليت پري دوستي آهي.“

”سشي تون دکي آهين. ڏک ڪڏهن ڪڏهن انسان کي صحيح سوچڻ کان روڪيندو آهي. استريءَ ۽ پرش جي وچ ۾ جيڪا سهوليت جي ديوار آهي ان لاءِ پورو اتهاس جوابدار آهي. اهو هڪ اهڙو چڪر آهي جنهن کي التو ڦيرائي نٿو سگهجي، نہ تہ سماجي بندوبست هر شخص جي زندگيءَ ۾ هڪ الجهن آهن. اڄ چئني طرفن اختلافن جو هڪ اهڙو پول پلئيان جڙيل آهي، جنهن جي ڏنگن ڦڏن رستن تي هڪ دفعو چڙهڻ کان پوءِ انسان ڪڏهن صحيح منزل تي ڪو نہ تو پهچي. مجبورن جتي ٿڪجي رڪجي تو وجي ان کي ئي منزل چوڻ شروع تو ڪري. تون ٿڪجي پيئي آهين سشي، تون ٿڪجي پيئي آهين.“

”چڱو“ سشي گني ڏانهن وڌي آئي ۽ سندس ٻانهن پڪڙي چيائين، ”مان برابر ٿڪجي پيئي آهيان مان ان ڏک کان ڇوٽڪارو پائڻ جي ڪوشش ڪنديس جيڪو مون کي صحيح سوچڻ کان روڪي ٿو. پر اڄ تون ڪيڏانهن نہ ويندين. مون سان گڏ هلندين. اسين ڪنهن ريسٽورنٽ ۾ ماني کائينداسين ۽ خوب گهمنداسين رات جو دير دير تائين سمنڊ جي ڪناري.“

گني چپ چاپ سر لوڏيو. گويا سندس ها يا نہ ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪو نہ هئي. سشيءَ جي موڊ تي ڪيس گهڻو عجب ڪو نہ لڳو. سوچيائين جي ائين ئي سندس من بهلجي وجي تہ ٺيڪ آهي.

سشي تيار ٿيڻ لاءِ هلي ويئي. گنو هڪ ويچارڪ جيان سوچڻ لڳو تہ ٽتريءَ جو ڇا ٿيندو! پر سندس سوچ جو سلسلو ترت ئي ٽٽي پيو تڏهن جڏهن سندس ڪنن تي هيءُ پڙلاءِ پيو.

”مان ٻاهر ٿي وڃان، ماني بہ ٻاهر کائينديس. دير سان موٽنديس، خوب دير سان. تون خيال نہ ڪج. گنو پهچائي ويندو جي نہ بہ پهچائي ويو تہ ڇا هي تہ تہ تہ...“

سشيءَ جي ماءُ لاءِ اهو سڀ ڪجهہ ايترو تہ ناٽڪي هو جو سندس وات مان هڪ اکر بہ ڪو نہ اڪليو. جڏهن سشي گني سان ٻاهر نڪتي تڏهن ماءُ کي وشواس ئي ڪو نہ آيو تہ اها ڪا سندس ڌيءَ سشي آهي. هوءَ ڪين ٻاهر ويندو ڏسندي رهي. ڪيتري دير تہ در پائڻ بہ ڪانئس ڪو نہ پڳو.

”خيبر“ مان ماني کائي ٻئي سمنڊ جي ڪناري هڪ سانتيڪي ڪنڊ ۾ اچي ويٺا. ڪافي دير هو شانت هئا، صرف هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيا هئا. آڪاش جي ميرانجهڙي چنڊ ڏانهن بہ... ڪجيو ڪير بہ نہ ٿي.

پوءِ گنو ليٽي پيو واريءَ تي، ڪپڙن جو خيال ڪرڻ ڪانسواءِ. سشي واريءَ ۾ آڱريون ڪپائي ان جي اندر جي آلاڻ ڳولهڻ لڳي ۽ من ئي من ۾ ڪجهه لفظ تلاش ڪندي رهي. اوچتو هن سر اوچو ڪيو،

”گنا مون کي توکان ڪجهه گهرڻو آهي، ڇا تون انڪار ڪندين؟“

گني جي اڳيان پهريون نظارو گهمي ويو جو سندس مک صرف نڪتو، ”ڇئه“

”نه واعدو ڪر ته تون انڪار نه ڪندين.“ سشيءَ محبت ڀرئي نوع ۾ چيو.

”واعدو ڪري جي پورو نه ڪري سگهيس ته مون کي شرمندو ٿيڻو پوندو.“

”تون ڏڃين چو ٿو مان تو کان شادي ڪو نه گهرنديس.“

”پر.........“

”پر مون کي تنهنجو پيار گهرجي“ چئي سشي اڳتي وڌي آئي. گني جي ڪلهن کي ٻانهن سان پڪڙيندي ان جي ڳل تي پنهنجو ڳل رکيائين ۽ پوءِ آهستي پنهنجي چپن سان ان ڳل کي چميائين. ڏيري ڏيري هوءَ پنهنجو منهن مٿي ڪٽي گني کي چمڻ لڳي. پوءِ جڻ ڪا ٻوڏ اچي وئي هجي، هوءَ لڳاتار تيزيءَ سان گني کي چمڻ لڳي. سندس چپ، ڳل، پيشاني، هٿ، ٻانهون، ڪلها....... چپ، نرم چپ، گرم چپ. ڪي جهيٽا آواز جڻ ڪو ملاح نهايت تيزيءَ سان لهرن تي ونجهه هلائيندو هجي ۽ ٻيڙي سرندي وڃي، هيڏانهن، هوڏانهن....

”گنا مون کي پيار ڪر، پيار ڪر. مون کي تنهنجو پيار گهرجي، شادي نه گهرجي.“

گنو پل لاءِ پٿر ٻڻجي ويو. پوءِ ڪيس لڳو ته سمنڊ جون لهرون متانئس گذري ويون آهن. هو سڄو آلو ٿي ويو آهي. ايتري پيار ڪرڻ ڪانپوءِ سشي اچي سڏڪن ۾ ڇٽڪي. ٻيڙيءَ ۾ پاڻي ڀرجي ويو هو. اها شايد لهرن ۾ لڙهي وڃي ها، جي ان وچ ۾ گني جي ٻانهن وري سشيءَ جي سر کي پنهنجي ڇاتيءَ ۾ نه لڪائي ها..

سشيءَ جي وارن ۾ آڱريون اٽڪائي ڇڏڻ بعد گني سوچيو هيءَ سشي ساڳي سشي نه آهي.

*

(7)

# پريم جو چوڪنڊو

## منوتولا رام گدواڻي

## ’ڪونج‘ آڪٽوبر 1967ع

نرملا جيئن ئي منوهر جي ڪمري مان سوساڙو ڪري نڪتي، تيئن سڌو رنڌڻي ۾ هلي ويئي. اَچي ڏنائين ته اسٽو وساڻو پيو هو. هن اسٽو جي سوراخ ۾ سئي هڻي تيلي لڳائي. اسٽو سو ساٽ ڪري ٻرڻ لڳو ۽ ان جي شور سان سڄو رنڌڻو ئي پرجي ويو.... مگر وڏو شور هن جي دل اندر هو.

سوچڻ لڳي، هوءَ ٻالي ڀولي معصوم هئي، هن کي ڪا خبر ڪا نه هئي ته منوهر ۽ سشيلا جو آمهون سامهون پيار هو. ايڏو ويونگ ته هوءَ ڪري ڪانه ٿي سگهي. هڪ دفعو نه، پر ڪيترائي دفعا سشيلا هنن ٻنهي کي گڏوگڏ ٽيوشن ڏيندي هئي ۽ نرملا پنهنجي نوٽ بڪ ۾ نظرن اٽڪيل هوندي ٻه پنهنجي داديءَ جون منوهر سان ڪجهه انوکي پيار جون جهانڪيون ته ڏسندي ئي هئي. ايترو ٻه ضرور هو ته هوءَ اهو ٽيڻ ڏيندي هئي، يعني جيڪڏهن ان وقت سچ پچ پڙهڻ ۾ ڪا مشڪلات ڪٽي ايندي ٻه هيس، جنهن لاءِ داديءَ ڪان پڇي سمجهڻ جي درڪار هئي، يا ڏنل سوال لکي پورو ڪيو هوندائين ۽ داديءَ کي ڏيکارڻ جو سمو هو تڏهن ٻه هوءَ جاٽي پرجهي پنهنجو منهن ڪتاب ۾ قاتل رکندي هئي، هن کي ان ۾ ڪو حسد ڪو نه ٿي ٿيو مگر رشڪ اوس هئي، جنهن ڪري ته هوءَ تيڏين نگاهن سان تنهن هوندي ٻه، هن جي اکين جا پيبر ۽ هٿن آڱرين جو ادائون گهٽي غور سان جاچيندي رهندي هئي.

هينئر ڏينهن آيا هوا جڏهن جواني هن ۾ ڪرموڙي رهي هئي. نه ته ڪو سمهڻ لاءِ پر جاڳي اٿڻ لاءِ برابر هوءَ الڙ هئي، ايستائين جيستائين ڪ استري پرش جو سنبنڌ آهي. مگر جوانيءَ جي امنگن واري دور ۾ هوءَ پرويش ڪري چڪي هئي. جيڪڏهين منوهر ۽ سشيلا پاڻ ۾ ڪجهه عجيب طرح جي پيار سان ڳالهائيندا ٻولائيندا يا موڙا مچڪا ڏيندا هئا ته انهن کي ڏسي خبر ناهي ته ڇو هوءَ پنهنجي شرير ۾ ڪجهه عجيب طرح جي روبڪاري محسوس ڪندي هئي.

سچ ته ائين آهي ته ان ئي پيار وچان سشيلا پنهنجي شاگرد؟ منوهر کي خوش رکڻ ۽ هن جي دل بهلائڻ خاطر نرملا کي هن سان گڏجڻ مسجڻ ۽ گهرو پوڻ جو موقعو ميسر ڪري ڏيندي هئي ته پلي هو ان ڪيڏوٽي سان پاڻ کي ريڊل رکي، ۽ سمجهي ته سشيلا جي ڪارڻ ئي هن

ڪي هيڙا ڪيڏوٽا نصيب تين ٿا...ليڪن ويچاريءَ ڪي سپني ۾ به نه هو ته ڪو هو ان ڪيڏوٽي تي ايترو ريجهي ويندو جو ماڳهين ڪيڏوٽي ميسر ڪندڙ ڪي پلائي ڇڏيندو. اهائي ته حالت منش جي ٿي ٿئي جو هن سنسار ۾ اچڻ بعد جهڙن تهڙن رانديڪن ۾ ئي مست ٿيو وڃي ۽ انهن مڙني رانديڪن جي مالڪ کي ڪڏهن ياد به نه ڪري. ترڪڻ بازي ته آهي ئي، تنهن ۾ ڪو شڪ ڪونهي.

ائين ڪڏهن ڪين ٿيندو ته منوهر جو نرملا ڏانهن ڇڪجي ويو، تنهن لاءِ ڪو فقط منوهر ٽلاهي هو، مگر نرملا پاڻ ڪي ڇڪجڻ ڏيندي هئي ۽ گهڻو ڪري هر وقت هوءَ اهڙي انداز ۾ پيش ٿيندي هئي جو آخر به منش منوهر لاچار ٿي ويندو هو. اهو درست آهي ته پهريون قدم پرش تو کڻي پر اهو ڪنهن سوچيو ئي ڪونهي ته ان ڪان اڳي جو مبهم ۽ ڇپيل قدم استري ٿي کڻي سو ڪيترو نه پلوان ۽ خطرناڪ ٿيندو آهي. ڪچ به هجي مگر نرملا ڪي اهي پنهنجا قدم صاف هري آيا. دل تي تري آيا ۽ باربار ڇيڻ لڳا. نيڪ آهي ته منوهر آويزن جو جواب نرملا ڏنو پئي مگر نرملا جي نخرن ۽ نازن جي وراڻي ته منوهر وڌيڪ پرپور ٿي ڏني. پهرين ته ائين هو جڏهن منوهر چانهه جي پيالي ڏانهن نرملا کي صرف اشارو ڪري چور نگاهن سان نرملا ڏانهن نهاري، پاڻ چانهه جو پيالو کڻي چپ چاپ پيئڻ لڳو تڏهين نرملا حيران ٿيڻ ڪان وڌيڪ هراسجي ويئي هئي. جڏهن هن جو هٿ چانهه ڏانهن نه وڌيو ۽ بند ٻڌجي ويني رهي، تڏهن منوهر کي به همت نه هئي جو چانهه پيئڻ لاءِ چوَيس. ڪيڏو نه حجاب در حجاب آهي. سمجهه ۾ ئي ڪو نه ٿو اچي. بس اسٽئنڊ تي جا بيعزتي منوهر هن جي ڪئي هئي. سا وري تازي ٿي ابري.

پلا شاديءَ جي پروپوزل به ته پهرين منوهر ئي نرملا اڳيان رکي هئي، جو ته ٻيو ڪين ته به پنهنجيءَ داديءَ سان ايتري گستاخيءَ جو ساهس هوءَ ڪيئن ٿي ڪري سگهي، جيتوڻيڪ پنهنجي سڄي اپياس ۾ ڪيس اهو ئي خيال اچي ڪٽڪيو ته پيار ۽ جنگ ۾ سڀ روا ڪيئن آهي.

جڏهن بس اسٽاپ تي منوهر پريان ئي ايندي نرملا کي ڇيو هو ته ڪاري عينڪ پائڻ سان اکين جو بچاءُ به ٿيندو آهي ته سونهن به وڌي بيٺي ٿيندي آهي. ته هن جي منهن تي خوشيءَ گاڏڙ حياءُ هلي آيو هو ۽ اتيئي ڪيس ڇئي ڏنو هئائين ته جيڪڏهين ڪا ڇوڪري سهڻي نه به آهي ته ميهار ملندي سهڻي ٿيو وڃي. هوءَ اهڙي وسوڙل هئي جو جڏهن منوهر سشيلا نسبت سوال وڌس ته هيءَ منجهي پيئي ته هن جي گڏجڻ سان داديءَ جي حاضريءَ يا غيرحاضريءَ جو واسطو ته آهي، پر هنجي اداسي يا خوشيءَ جو ان سان ڪهڙو تعلق آهي. وري جڏهن سشيلا

هن ڪان منوهر سان گڏ پڪچر وڃي ڏسڻ جي باري ۾ شڪي آڏي پڇا ڪئي ته هوءَ پنهنجي اڳيان آيل انيڪ ڏاگن ڪي نيڪ جڳهه تي اُٽي نه سگهي هئي، پر تڏهن به ته ڪيس اها پر پڪتا ڪا نه تي هئي ته پرش هڪ پونر مثل آهي، جو هن ۾ هن گل جو واس وٺندو آهي: اهو ڪڏهن هڪ گل تي نهريو آهي يا ڪنهن هڪ ئي اڪتفا ڪئي اٿس؟ ڪاش! هنن سيني ڳالهين جو مرم هوءَ هوند ان وقت سمجهي ها! ته اڄ هن جل پڇ جو احساس چو ٿئيس ها!

”ڪيئن چانهه ۾ اڃا دير آهي؟“ اڃا به نرمائش سان آواز آيو.

”اڃها ڪٽي تي اچان.“ نرملا اوٻاڪ ماري جواب ڏنو.

نرملا چانهه ڪٽي منوهر جي اڳيان ٽپائيءَ تي رکي آئي، تنهن وچ ۾ منوهر برش ڪري وار سنواري چانهه لاءِ تيار ٿيو وينو هو. نرملا اڃا پيالي مان هٿ ڇڏايو ئي مس هو ته منوهر ڦڙتي سان نوڙي نرملا جي ٻانهن کي ٻنهي هٿن سان پڪڙي ورتو. هڪ هٿ ته اصل ڪڇ وٺان جيئن پختو ڦٻي وڃي، پر تنهن هوندي به نرملا اهڙي چوهه مان جهٽڪو ڏنو جو منوهر جا هٿ نڪري ويا ۽ نرملا تڪڙو تڪڙو ڪمري کان ٻاهر نڪري ويئي. خود منوهر دنگ رهجي ويو.

هن نٿي ڀانيو ته نرملا ڪو ايڏو رساهو ڪندي.

هن ڪيو ئي ڇا هو؟ جڏهن پيار جي پڙ ۾ پير ٿو پائجي تڏهن سارو مستقبل ڪجهي اچي ٿو اکين کي اوڏڙو ۽ سيني آشائن جو آڪار ساڪار تي ٿو بيهي. پيار جي پهچ جڏهن چيهه وڃي ڪري ته ان اڳيان ٻيون آسائون ته تڇ آهن. جڏهن نرملا کي هن هر ڳالهه ۾ وڏاءُ ڪري ٻڌايو هو ته تڏهن هوءَ اهڙي الهڙ هئي جو سڀ تي وشواس ڪندي ويئي هئي. موقعي تي جيڪو مناسب ڳالهه ڪري ته اها هن جي لياقت ليکبي آهي. واستو ۾ اهو سندس چلولو، چنچل، سدا نچندڙ ۽ سدا اچل ڪائيندڙ ۽ بي پرواهه روپ ته هو! جنهن ڪيس لاچار ڪري وڏو جو هڪڙي گل تي اجايو پورو وينو به ڪين هو ته چڪجي بيئي ڏي ويو. بانولي، ايترو نٿي سمجهي ته اهو ئي روپ ڪيس برساتي صبح جيان نئون ۽ وٽندڙ لڳو جو جتي سشيءَ جي ويجهو پهچڻ ۾ ڪيس ڪي مهينا لڳا ها، اتي هيءَ هن جي ويجهو ڪن ڏينهن ۾ اچي وئي هئي. اها نرملا ئي ته آهي جنهن ”ننڍو عرض، ننڍي مهر.“ وغيره وغيره لفظ ناٽڪي ڍنگ ۾ چئي ته ڪيس وڪوڙي پڪچر ۾ گهلي وئي هئي جو هو سشيلا سان واعدي شڪني ڪري وينو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو سشيلا دير دير تائين ڪملا نهرو پارڪ ۾ هن جو انتظار ڪندي پريشان ٿي وئي هئي.

منوهر کي وويڪ جو چڪ پيو ته هو ان سانجهيءَ جو برابر گنهگار هو جو هڪ ٻيوس ڇوڪريءَ نه، نه خود پنهنجي ماسترياڻيءَ کي وقت ڏيئي، ان جي رتيءَ پر جو به پرواهه نه

ڪري هڪ وات ٻاڙهيءَ چوڪريءَ سان روانو ٿي هليو ويو. اڄ هو سشيلا جي قابليت کي داد ڏيڻ لڳو جڏهن هن محسوس ڪيو ته سشيلا اهو سورهن آنا سچ چيو هو ته ”ايوري ٿنگ از فيئر ان لو ائنڊ وار“ جو اڌ صحيح آهي ۽ اڌ غلط. جڏهن هن کي درسي سطح تي آڻڻ لاءِ چيائين تڏهن سشيلا کهڙي نه فلسفانه ويا ڪئي هئي،

”جنگ ڌڪار جي پيدائش آهي جنهن ڪري ان ۾ سڀ ڪجهه روا آهي، پر پيار! اهو ته ڌڪار جو ضد آهي. تنهن ڪانسواءِ پيار انسان جو سني ۾ سنو جذبو آهي، ان ۾ سڀ ڪجهه نه روا آهي ۽ نکي ٿيڻ کپي. جنگ هڪ تموگڻي وهنوار آهي جنهن ۾ ته اهو ئي ڪٽندو جيڪو تامشي ڪرم چوٽ چاڙهي چلندو. اتي تامش جي چٽا پيٽي آهي. اهو هڪ اونداهو پاسو آهي، جنهن ۾ جيڪڏهن ڪو مجبورن پئجي به وڃي ته هن کي تموگڻي سپاوَ ۽ وسيلا اپنائڻا تا پون. مهاڀارت جي پڌر ۾ ڪرشن چا نه ڪيو هو. هن کي نه فقط ڪرم يوگي، پر آدرشي ڪري به نه تا مڃون.

هوڏانهن پيار، پيار هڪ نرمل، ڪومل، پويتر ۽ ستوگڻي وهنوار نه، بلڪ سنبنڌ آهي، جنهن ۾ ڪاميابي تڏهين ئي حاصل ٿي سگهندي جڏهن ستوگڻ چوٽ چاڙهبو. تنهنڪري ان ۾ ڪا نيتي آهي، مريادا، انسانيت آهي، ڪا پرمپرا آهي ان لاءِ... جيڪڏهين سشيلا پانپي سگهي ٿي ته جو پونر هڪ گل ڪان بئي گل مٿان ڦيرا پائڻ لڳو هو. سو چا اتي بس ڪندو؟.... ته نرملا ايترو اجاڻ هئي؟

چانهه نري برف ٿي ويئي ۽ منوهر ان ڏانهن نهاريو به ڪين هو. هو پنهنجن خيالن ۾ ئي ٿپ، اتي ڪڙو ٿيو ۽ ڪپڙا سنيرڻ لڳو. نرملا کي به ڪو چين ٿوروئي هو: هن ور ور ڏئي پئي پردي جي وٿيءَ مان ڏٺو ته منوهر چا ڪري رهيو آهي. جيئن ئي هو تيار ٿي ٻاهر نڪتو ته نرملا ٻانهن کي ٻنهي هٿن سان قابو پڪڙي پڇيو..

”اڄ سويل ئي ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟“

منوهر ٻانهن ڇڏائڻ جي ڪرڻ لڳو پر نرملا لڙڪي پيس. هوءَ ائين در جي چانئٺ تائين گهلجي وئي جڏهن هن کي هٿ ڇڏڻو ئي پيو ۽ منوهر ٻاهر نڪري هليو ويو.

اهو ئي سمنڊ جو ڪنارو ۽ پنل واري، جيڪا جيئن وئي رات وِلندي تيئن اها به وئي تڏي ٿيندي. گنو پنهنجي چاتيءَ ۾ سشيءَ جي سر کي لڪائي ان واريءَ تي ڪجهه دير تائين ليٽيو رهيو. جڏهن هن محسوس ڪيو ته هن جي چاتي آلي ٿي وئي آهي ته هو چرڪ پري اٿيو ۽ تنهن سان گڏ سشيلا جو سر به ڪجهي مٿي آيو. هن چنڊ جي روشنيءَ ۾ چٽو ڏٺو ته هوءَ روئي نه، مگر گونگا ڳوڙها ڳاڙي رهي آهي. هن سامهون سمنڊ ڏي نهاريو. سيتل چانڊاڻ تي سمنڊ به

سيتل ٿي ويو هو. هوا سيتل، لهرون سيتل، ساري فضا سيتل. اتان نظر ڪٽي وري جي سشيءَ ڏي نهاري ته ان جو شرير سيتل، ابرو سيتل، اکيون سيتل، پلڪون سيتل ۽ اهي موتين مثل چلڪندڙ ۽ جرڪندڙ لڙڪ سيتل: يعني اهي نهايت ڏيمي اکين مان ايري اچن، ۽ بنهي اکين مان ايري اچن. بنهي اکين سان هڪ وقت، هڪ ئي انداز ۾، ٻاهر نڪري ڏيمي وهي هلن ۽ ائين اشڪبار لهي وڃي، جيڪا شايد سڪڻ جي نه آهي. متي گول سشي هئي ۽ هيٺ!.....

گنو ڪجهه دير ڳالهائڻ کان قاصر رهيو مگر هن جي اندر ۾ هڪ طوفان بپا ٿي ويو هو. هو سوچڻ لڳو،

سشي جڏهن ننيڙي هئي تڏهن هن کي بيهه جي ڪچري گهٽي وٽندي هئي ۽ پنهنجي طوطلي زبان ۾ ان کي تتري ڪري گهرندي هئي. اڄ اها تتري وڏي ٿي آهي ۽ هڪ ٻتيهر جي پر ۾ آئي آهي، چونچ ۾ چونچ ملائڻ ٿي چاهي تڏهن هن جو ساٿي بيرحميءَ سان هٽي پري ٿو ٿئي. هن پنهنجي جيون ۾ ڪي سڌانت جوڙيا هئا، جن مان گهڻا هن واٽ اٿوت ۽ اٽل هئا. گنو پنهنجيءَ ان ٻي رخيءَ کي انهن جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ لڳو. سشيلا چوي ٿي،

”مون کي تنهنجو پيار گهرجي، شادي نه گهرجي.“ ٿي سگهي ٿو ته ان لاءِ هن جي من ۾ سچائي آهي (Mechanics of Love) پيار جي ينترڪا جي اصولن موجب اهو هن کي اهو ممڪن نه لڳو. پيار بنا شادي ٿي سگهي ٿي مگر شاديءَ بنا پيار هن بلڪل ڪو ورلي ڀڏو هو. پوءِ هو انهن هڪ ٻن مثالن ۾ پاڻ ڳڻائي نٿو سگهي؟ ڪيس پاڻ ۾ شڪ هو يا سشيلا ۾؟ جواب جو انتظار هوس.

اندر جي سيا ۾ رڳو مجرو ڪين ٿيندو آهي پر سوپيا جو سير ٻه هوندو آهي. جڏهن ننڍا هوندا هئا ته آسمان تي ستن رنگن واري اندلٺ ڏسي هو ٻئي هٿ هٿ ۾ ڏيئي نڪري پوندا هئا. ڇا لاءِ؟ اهو ڏسڻ لاءِ ته اندلٺ جون پڇڙيون ڪٿي ٿيون وڃي سنگم ڪن. ائين ته ڪينهي ته جئن سرسوتيءَ جو تروينيءَ ۾ هڪ خيالي سنگم آهي. تيئن هن جو؟ ڀلا آخر هئن ڪڏهن ڪٿي لٿو؟ افق تي انڌارو ڏسي جڏهن ننيڙي سشي نراس ٿي روئڻ لڳندي هئي تڏهن گنو ئي ته ڪيس پرچائيندو هو.

”چري روئٽي! اوندهه ڪٿي آهي؟ سامهون ڏس! روشني ڪانهي؟ او هتي !“

”پوءِ چو ڪيس اها روشني نٿو ڏيکاري؟“

چرڪي ٿو ته ڳالهه مان ڳالهوڙو نه ٿي پوي؟ گني جي خيال مطابقت شاديءَ ڪرڻ لاءِ فرصت ڪپي، ته پوءِ جڏهين زندگيءَ ۾ شرڪت ملي ٿي وڃي تڏهين ڇا شادي زبردستيءَ مٿان سر تي اچي ڪڙڪندي....

پوءِ چاهنا هجي يا نہ؟
اهي سڀ سوال هنجي ذهن ۾ گهمڻ لڳا.
اهو پاڻ ئي هو جنهن سشيلا جي جيون ۾ ورهين جي سستيءَ بعد هڪ چستي آندي هئي. گني ٻڌايو هوس تہ راهہ ڪڏهن ڪٿندي ڪانهي. زندگيءَ ۾ انيڪ راهون آهن ۽ سڀ راهون جي انت آهن تہ پوءِ انهن انيڪ راهن ۾ هڪ اها راهہ ڪا نہ آهي ڇا؟ پاڻ ئي تہ سشيءَ کي ٻڌايو هئائين تہ انسان بدلجندي، سڀ بدلجندو آهي. تڏهين گهٽ ۾ گهٽ هن کي سشيلا تي وشواس ڪرڻ گهرجي تہ جيڪي هوءَ چئي يا گهري رهي آهي، سا بہ هڪ شدني آهي. هن جي ئي چوڻ تي سشيلا ٽيوشن ڏيڻ ڇڏي ڏني هئي. سست محسوس ڪندڙ سشي، ٿوري گهٽيءَ هارجي نراس ٿي ويندڙ سشي، هاڻي چست ۽ همٿ واري بڻي هئي. هوءَ گني سان گڏ اپياس ۾ ايترو تہ محو ٿي ويندي هئي جو هن جي چانهہ ئي ٺري پاڻي ٿي ويندي هئي. هن کي سشيلا جي زندگيءَ ۾ معنيٰ بخش هئي گني پنهنجو سنبنڌ ايستائين محدود رکيو جنهن ڪري پاڻ ۾ ويجهي هوندي ۽ ويجهي ٻيهندي بہ سشيلا هن کي ڪنهن دور ديس جو اجنبي پائيندي هئي. ان ڪري گني کي وشواس ٿيڻ جو سبب هو تہ سشيلا جيڪي ڪجهہ حجت رکي گهريو هو، سو گهٽي سوچ ويچار بعد هو.
هن جي سامهون سشيلا ويٺي هئي. رات ڳپل گذري چڪي هئي ۽ آخر گني کي ئي چوڻو پيو،
”سشي! هينئر هلڻ گهرجي، ماڻهين کي تنهنجي انتظار ۾ ننڊ ئي ڪانہ آئي هوندي.“
سشي پنهنجي خوابي دنيا ۾ گهمي رهي هئي ۽ هن خوابي لحضي ۾ ئي وراڻيو،
”هلو“! ائين چئي هوءَ اٿي ۽ ٻئي ڄڻا ڪپڙا چندي هلڻ لڳا.
**
سشيءَ جي ماءُ اٿي در لاٿو. جيئن ئي سشي اندر گهڙي تہ گنو ڪائنس موڪلائي هليو ويو. ڪيتري دير تائين هنڌ تي سشي پاسا اٿلائيندي رهي. گني جي طرفان تہ حال ڪيس نراسائي هئي، خاص ڪري جڏهن هن کي اهو ڪٿڪيو پئي تہ دروازي تي ڇڏڻ ويل هر دم گنو اهو ئي تاڪيد ڪندو هوس تہ اپياسيءَ کي صرف پنهنجي اپياس جو ئي خيال ڪرڻو آهي ۽ ٻيا سڀ خيال پاسيرا ڪري ڇڏڻا آهن.
تنهنڪري هن جو خيال وري بہ هڪ وار منوهر ۾ وڃي اٽڪيو.
منوهر کي اجا هوءَ وساري نہ سگهي هئي، جو تہ هن کيس شادي ڪرڻ جو واعدو ڏنو هو، هڪ دفعو ئي نہ الاهي دفعا. ڪيترا دفعا هن پاڻ منوهر کي نرملا ڏانهن مائل ٿيل ڏنو هو... بلڪ منوهر کي ائين بہ پڪڙيو هئائين تہ هو هن کي در گذر ڪري نرملا کي اڳرو ڪندو هو... پر

تہ بہ ايترو هن ڏنو هو تہ منوهر ڪڏهن ساڻس بي وفاداريءَ جو دم نہ ڀريو هو. اهو ئي سبب هو جو هن جي شرمائڻ تي منوهر ”آءِ ايم ساري“ وغيره چئي عذر معذرات ڪئي هئي، پر تڏهن ڪيس من ۾ آيو هو تہ پرش جتي اڏڻ نہ چاهيندو آهي تتي ڇڏڻ بہ نہ چاهيندو آهي. تنهنڪري جيتوڻيڪ ڀڄاڙيءَ تائين منوهر گويا ٻاڏائيندو رهيو تہ بہ سشيلا هن جو ايمان ڪري ئي ورتو. ان وقت هن جو اهڙو تہ ڀوائتو روپ ڏٺو هو جو منوهر کي وڏيڪ ڳالهائڻ جو نڪو ساهس ٿيو نڪو موقعو ئي مليو.

هن کي هڪ وار وري بہ وشواس جاڳيو تہ:

”برابر مون ئي ڪيس چئي ڏنو تہ وري نہ اچ پر منهنجو منو ايتري ۾ اهڙو ڀراٽو ٿي ويندو جو مون کي پرچائڻ بہ نہ ايندو.“

جيئن ئي ڪيس پاس ٿيڻ جي خبر پيئي تہ پنهنجي پيڻ هٿان منائي ڏياري موڪليائين ۽ ان پئڪيٽ ۾ وڏائين ڪارا ڪاڇا. جيڪي هن کي خبر آهي تہ مونکي گهٽو وٽندا آهن ۽ مني شيءَ مون کي نہ وٽندي آهي. اهو پرچائڻ جو نمونو آهي؟ بلڪ وڏيڪ! جو هن منهنجي پسندگين جو بہ ويچار رکيو آهي. منش آهي. نيٺ بہ جذبي وهيٽو: ڪنهن وقتي جذبي هيٺ جيڪڏهين ڪو ڪچ ڪري ٿو وجهي ۽ هن جو ڪو پڪو ارادو ائين ڪرڻ جو نہ آهي تہ پوءِ هو پوريءَ ڦتڪار جي مستحق نہ آهي. انهيءَ جو مطلب تہ ڀڃتاءُ طور منوهر کي نرملا جي پچر ڇڏي ڏيڻ گهرجي تہ هن جي سچائيءَ جي سڌ پئجي وڃي ها: مگر هن ائين تہ بلڪل نہ ڪيو. تنهن ڏينهن هن پاڻ قبول ڪيو تہ نرملا سان گڏ گهمڻ نڪتو هو، جنهن ڪان موڪلائي پوءِ ئي مون وٽ آيو هو. وري هن جي من ۾ ودروهہ جاڳيو،

”سو تہ صرف مونکان دريافت ڪرڻ آيو هو تہ مون سندس منائي جو اجا ڪين چکي آهي. پر ڪيس خبر ئي ڪيئن پئي تہ مون هنجا موڪليل ڪاڇا اجا نہ ڪاڏا آهن. پڪ ئي پڪ اها ان نرملا چوريءَ جي شرارت آهي چو تہ هوءَ جڏهين مون وٽ آئي هئي، تڏهين ساڻس جل وچان اهڙي ڳالهہ ڪدي ويني هيس. چئبو تہ واقعي هوءَ منهنجي ڪير ۾ مک وجهڻ تي سندرو ٻڌي بيني آهي. جيئن ڪ ان ڏينهن اسڪول ۾ گليءَ بہ چيو هوم. اهڙيءَ طرح خبر ناهي تہ چا چا چئي بہ هن منوهر کي مون ڏانهن بدظن ڪيو هوندو. کهڙي نہ ناخلف چوڪري آهي؟ پاس ٿي آهي تہ ان جو فقط هوءَ ٻڌائڻ بہ ڪا نہ آئي اٿم، جيتوڻيڪ اهو منهنجي ٽيوشن جو نتيجو آهي: ۽ هوڏانهن منوهر جي سعادتمندي تي ڏسان جو هن نہ رڳو مون کي منائي موڪلي پر اهو بہ مڃي ٿو تہ هو منهنجي ڪري ئي پاس ٿيو آهي: ۽ جيئن ئي ڪيس معلوم ٿيو تہ مان اها منائي نٿي ڪاوان تہ هڪدم مون وٽ لنگهي آيو. سياويڪ ان لاءِ تہ جيڪو هن نسبت غير اٿم سو

ڪڏي ٻاهر ڪريان ته هو انهن جي هوند مون کي سمجهائي ڏيئي غلط فهميون دور ڪري. اهو به هڪڙو سرچاءُ جو طريقو نه آهي؟ پر هي ودروهي هن هڪ دفعو ٻاهوڙي اٿيو آهي ته سنئون نٿو ٿئي.

هن جو اهو چوڻ ڪيترو واجبي هو ته هن جي پيار مان موڪليل منائيءَ جو مان ايمان ڪريان ۽ پوءِ به اها مت رکان ته جنگ ۾ سڀ ڪجهه روا آهي. پر پيار ۾ نه. آءٌ ڏسان ٿي ته مون ۾ ودروهه گهڻو گهرو ٿي ويو آهي، جو هن جي پيار فقط ڳنهندي ئي مون کي اهڙي بخيلي وني ويئي، جو مان ان حقيقت کان ئي انڪاري ٿي ويس ته مون هن سان ڪڏهن پيار ئي نه ڪيو هو.

ڪهڙو نه سفيد ڪوڙ؟

پوءِ مان ان پاپ جو ڪيتو ڪين ڀوڳيندي‌س؟

نه رڳو ايترو مگر ٻاهه وچان مان اتس ايترو اتاولي پئجي ويس جو اٿلندو هن تي الزام رکيم ته هو مون سان بي فضيلتو هلي رهيو آهي ۽ بيوقوف آهي. هو هڪ غير پرش جي حيثيت ۾، پنهنجي من ۾ ڪا پنهنجائپ جي پاونا، ڪو پنهنجائپ جو حق ڪٽي مون وٽ آيو آهي. واقعي مون هن کي پيار ڪيو ۽ هن جي پيار جي طالبو رهيس، تنهن ۾ جيڪڏهين هو ڪا پنهنجائپ جي پاونا يا حق ڪٽي آيو، ته اها منهنجي ئي طلب رهي! اها به حقيقت آهي ته مون منجهه ودروهه جون پاونائون هيون...

۽ ودروهه ڪنهن سان؟ منوهر سان،

ته پوءِ ان ۾ شڪ ئي ڪهڙو رهيو ته منهنجي لاءِ هو اهميت وارو آهي، چاهي ٻاهران مان ڪيترو به ڪٽي چوان ته هو ايتري اهميت جي لائق نه آهي ۽ پاڻ کي غير واجبي اهميت ڏيئي رهيو آهي.

ان ۾ به ته سچ ئي پريل آهي ته اهي ڪاڇا جيڪڏهين ثابت رکي چڏيا هئم ته سڌيءَ يا اٽسڌيءَ طرح هو منهنجي ذهن ۾ رهيو. جي مون هن جا ڪاڇا زمين تي ڪري اڇلايا ته هن جي اهم کي ڪهڙي چوٽ رسايم؟ هن جي سڪ جنهن کي غلطيءَ وچان اهم به ڪٽي چئون... انهن ڪاڇن ۾ پريل هئي. جيڪا منهنجي انهيءَ ئي زمين تي ڦهڪائڻ .... انهن ۾ قائم رهي، ويتر مون طرفان گويا اها مانيتا ٿي ته مون برابر انهن ڪاڇن کي سڪ پري سوغات سمجهيو هو. وري جي منهنجي طرف کان روايتون بدلجي سگهجن ٿيون ته منوهر جي طرف کان به ائين ٿي سگهي ٿو. مان جي چاهيان ٿي ته هو اهي منهنجون ارڏايون برداشت ڪري ته مون

ڪي بہ سمجهڻ يا در گذر ڪرڻ جڳائي. مان اها هن جي سهن شيلتا چوان يا هن جو بنيادي در ۽ پيار چوان جو هيتري ايمان هوندي بہ هو مون وٽ وري اچڻ لاءِ التجا ڪرڻ لڳو.

افسوس! ان خود بخود آچ ڪي بہ مون ڪهڙي نہ بيدرديءَ سان نڪرائي ”نہ“ جو نار ڪري چاڙهيم“ سشيلا ڪي هاٺي تسلي ٿي چڪي هئي تہ هوءَ منوهر جا ڪاچا پيرن هيٺ لتاڙي پينهين پٺي ڪري سگهي ٿي مگر جيترو باريڪ آهي پيسجي ويندا اوتري زياده سڪ انهن ۾ پريل هوءَ پنهنجي دل اندر محسوس ڪندي، جيئن روهيءَ ۾ پينل ڪنهن اُوشٽيءَ سان ٿيندو آهي.

ڪاچا تہ چا، پر هن منوهر سان تعلق رکندڙ هڪ هڪ چيز نشٽ ڪري ڇڏي. انيڪ شامن جون شاهديون ڍير لڳائي جلائي ڇڏيون... پر ذهن ۾ حق جمائي وينل سمرتيون چا، ائين جلي سگهنديون آهن؟ هن ڪي ان جو چٽو احساس ٿيڻ لڳو تہ هوءَ هيلتائين غلط ڏسائن ۾ سوچيندي رهي آهي ۽ غلط ئي ڪندي رهي آهي. هن منوهر سان پيار ڪيو، ان ۾ ڪا غلطي ڪا نہ هئي پر ان ڪان پوءِ جيڪي جنهن نموني ڪيائين، سو سراسر غلط هو، تنهنڪري اچ هوءَ دکي هئي. منوهر جي پهرين پنهنجائپ ۽ پنهنجائپ جي بہ حد تہ اها هئي جڏهن هو سندس سرير جي گهرج ڪٺي اڳيان آيو هو. تحقيق هن جي پيار ۾ واسنا هئا ۽ واسنا ۾ بہ هڪ ڪامنا هوندي آهي. سشيلا اها مانگ اَسويڪار ڪئي ۽ دليل اهو ڏنائين تہ شاديءَ ڪان اڳ اهو واجب نہ آهي چو تہ نرسنديهہ، هر ڪامنا لاءِ وقت ٿيندو آهي. چهائن ۾ پاڪيزگي ٿي سگهي ٿي، پر تنهن لاءِ ڪي شرط آهن. ترمس ۽ ڪنڊيشن ڪليئر آهن.

شاديءَ جو بنڌن بہ استريءَ لاءِ سماج ڪي تنهنڪري لازمي قرار ڏيٺو پيو جيئن اهو سنبنڌ نرمل، پويتر، اِستر، سريشٺ، سنگم، سک، ميهہ ۽ سورگي رهي. ڪي ڪندون نہ نهن. وواهہ سنستا اتينت اتم آهي، تڏهن اسان ۽ حيوان ۾ باقي فرق ئي ڪهڙو رهيو؟ برابر خود پيار ۾ هڪ سوتنتر ڀاو آهي، پيار هڪ سوتنتر فيصلو آهي. مگر نہ تہ ملن پيار يا ڪو واسنا پريل پيار. اهو غلط آهي تہ اچ تائين ڪنهن آتمڪ سوتنترتا ڪا نہ ماڻي آهي: جي ائين هجي تہ سيتا ۽ مندو دريءَ جا نالا صفح هستيءَ تان ميٽجي وڃن ها. ائين بہ برابر آهي تہ اچ ڪالهہ بلڪل جزوي حالتن ۾ شادي ملي ويندي آهي، پر پيار ڪو نہ هوندو آهي، ۽ ائين سماج لاءِ استري زندهہ رهجي ويندي آهي پر پنهنجي لاءِ استري مري ويندي آهي. ليڪن اهڙين ستيتن ڪي متائٿو آهي، چو تہ انهن جا ڪارڻ ڪريتا ۽ ڪنيتا هوندا آهن. سماج نٽي چاهي تہ خود مرد بہ پونر ٿيندا وتن بين پنيان قرندا جنهن بعد تہ بيو ڪو سوال ئي ڪو نہ اٿندو. پٽني ورت ڪي بہ ايترپائي اهميت آهي جيتري پتي ورت ڪي. اها تہ هيڪاري گهٽي گورو جي ڳالهہ سمجهي ويندي، جيڪڏهين ساري سنسار ۾ فقط پارت اڪيلو ديس رهجي وڃي، جتي شاديءَ جو پراچين سرشتو ائين ئي قائم آهي. واسنا ڪي جنهن نگاهہ سان ڏٺو ٿو وڃي، سا برابر هڪ

وئيشا ئي ٿڌو ڪندي؛ پر پيار ڪو صرف واسنا نہ آهي، اهو تہ ان جي بلڪل تري وارو حصو آهي. اهو سوچيندي سشيلا ڪي من ۾ آيو تہ هوءَ منوهر ڪان انهن غلطين لاءِ معافي گهري! جو هن پنهنجا هي خيال هن ڪي ٽڏي سيني ڪين ويهي ٻڌايا ۽ ان جي بجاءِ ڏمرجي هن ڪي بيمانو ڪري ڪڍيو.

سشيلا ڪي نيٽن ۾ نند ڪا نہ هئي. هوءَ تارا تڪيندي رهي. هن ڏٺو تہ آسمان ۾ تارا ٽم ٽم ڪري رهيا هئا. جڏهن هيڏن ستول آڪارن ۾ بہ ٽم ٽم ٿي ٿئي، تہ انسان جي زندگي ڪيئن نہ ٽمٽائيندي؟ هن جي ڏٺي ڏٺي ڪيترا تارا ۽ نڪشتر هڪڙي ڪان ٻيءَ ڪنڊ تي وڃي پهتا هئا. جيڪڏهين هيئن تارا منڊل بدلجي ٿو تہ هن سنسار ۾ ڇا نہ ٿو بدلجي سگهجي؟ گهڻي دير سان مس اک لڳس ۽ بلڪل ڇرڪو هنڊ ڇڏيائين تہ بہ مٿو گهوماٽيل هوس. بس، ٽڙتڪڙ ۾ سنيري اسڪول هلي وئي؛ هن جي منهن تي اداسي ۽ نراسائيءَ جو سنگم هو.

منوهر گهران رسي نڪتو ۽ باغ ۾ ڇپر تي اچي سمهي پيو. هن سوچيو تہ واسنا پريا پيار ڪي جڏهين سوتنترتا ملي ٿي تڏهين هي حال ٿا ٿين. منش وچ ۾ لٽڪيل رهي ٿو، پيار نڪري ٿو وڃي ۽ باقي وڃي ٿي واسنا رهي. پيار جو جيون سک ميہ تڏهين ٿو ٿئي، جڏهين ان ۾ واسنا ڪي مناسب درجو مليل آهي، ۽ اهو آهي گرهست جيون، ڪوڙ، حرفت ۽ ڪپت ڪنهن بہ صورت ۾ پيار جا انگ ڪين آهن. مان جي ڪوڙ نہ ڳالهايان ها تہ اڄ هي مهاپارت نہ ٿئي ها. ڇوڪريءَ جو پهريون حياءُ جڏهن ڀڃي ٿو پوي، تڏهن بدلجي هوءَ هڪ عورت بڻجي ٿي وڃي. منوهر ڪي ان جو پورو انيو مليو هو جڏهن هڪ آرتوار شام جو نرملا نهي سنيري هن وٽ آئي هئي ۽ پڪچر تي هلڻ لاءِ مجبور ڪيو هئائينس. ڪنهن سمي جو هن سوچيو هو تہ نرملا هڪ ٻالي ڀولي ۽ ڇلولي ڇوڪري آهي، جنهن جي اڳيان ڪوڙ ۽ سچ ڪي ائين ڦيرائي سگهبو جيئن هڪ ٻال ڪي ٻن هٿن ۾ نچائجي، پر تنهن وقت هو ڄاڻي ويو تہ نرملا اهڙي ٻالي ڀولي نہ آهي. اڄ تہ وري هوءَ اهڙي چست ٿي وئي آهي جو مون سان جنگ ڪرڻ تي چاهي. انسان ڪي صحيح سوچڻ ڪان صرف ڏک نہ روڪيندو آهي، پر انتظار ۽ اوسيڙي ۾ بہ اها حالت وڃي ٿيندي آهي ۽ سيني ڪان وڌيڪ تہ غصي جي حالت ۾ تنهنڪري تہ سياڻو وڪيل پنهنجي مخالف ڪي پهرين چڙ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ڇري نرملا ايترو بہ نٿي سمجهي تہ مون ڪيس چيو هو تہ: ”هن، وچن ۽ ڪرم سان فقط تنهنجو آهيان“ تہ نند جي اوسٽا انهن سيني ڪان مٿي آهي. هو ائين سوچيندو رهيو ۽ پوءِ آفيس جو ٽائيم ڏسي ريسٽورنٽ مان ٿيندو وڃي بس ۾ چڙهيو.

آفيس ۾ اڳيان گهٽو ئي ڪم پيل ڏنائين مگر اجهيس ئي نہ! ڪجھ وقت ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ وجايائين ۽ ڪجھ فائيلن کي اٿلائڻ ۾. من کو نہ لڳس ۽ آخر متي جي سور جو بهانو ڪري، موڪل وٺي ڪاليج ۾ آيو. هن بہ ايم اي ۾ داخلا ورتي هئي، پر هن جا ڪلاس شام جو لڳندا هئا. ڏينهن واري ڪاليج ۾ هن جو ڪهڙو دوست پڙهندو هو، جنهن فلاسافيءَ ۾ ايم اي ڪنئي هئي. ڪيترا ڀيرا جڏهن هن کي ڪا ويدنا ٿي هئي تہ هن سان گفتگو ڪندي اها هلڪي ٿي ويندي هيس. ڪاليج ۾ ايشور چندر جي پڇا ڪيائين تہ معلوم ٿيس تہ هن جو ڪلاس هلي رهيو هو. هو ڏيري ڏيري ڪلاس ۾ لنگهي وڃي ايشور جي پرسان وينو.

منووگيان جو فرجو (Period) هو ۽ پروفيسر پيار جو منووگيان سمجهائي رهيو هو:

”پيار هڪ وسيع لفظ آهي. پيار آهي من جو لاڙو ڪنهن بہ ٻئي ڏانهن، هن جي من سان سنبنڌ هئڻ سبب. اهو سنبنڌ شڌ، سندر، مڌر ۽ نرمل هوندو آهي، چاڪاڻ تہ اهو ناتو ٻن منن جي وچ ۾ آهي، تہ بہ ائين ڪو نہ چئبو تہ اهي چيتن هجن. جنهن کي پيار ڪجي، سو جڙ بہ ٿي سگهي ٿو. مگر پيار ڪندڙ هميشہ چيتن هوندو آهي. چاهي اهو منش هجي يا پسون! جو تہ پيار ڪرڻ بہ چيتنتا جي هڪ علامت آهي. پيار جي پاونائن جا گهڻا پاڳ ۽ اپپاڳ آهن، جن مان ئي ان جي گڻ جي پروڙ پوي ٿي. ماتا، پتا، ڀاءُ، ڀيڻ، پتي، پتني، اتيادي! ڪئين اهڙيون پاونائون آهن. بنيادي ريت اهي پويتر ۽ نرمل آهن. دڪاندار بہ گراهڪ کي پيار ڪندو آهي. عام طرح اهو شڌ نہ هوندو آهي چو تہ ان ۾ آپسوارٿ جو مادو وڌيڪ آهي. در حقيقت عشق معنيٰ بہ پيار ئي آهي پر چالو ٻوليءَ ۾ ان جي معنيٰ واسنا پريل وڃي ٿي آهي. اهڙي ويڌن ”پريم“ شبد سان بہ ٿي آهي. ائين هلندي پريم گويا پيار جي هڪ شاخ ٿي ويو آهي. ٻن مخالف جنسن جو، پريم آد جڳاد کان هلندو آيو آهي ۽ اهو شفي (Positive) ۽ نفي (Negative) جي سبٻان آهي. جڏهن ان پريم جي پرسنگ ۾ ٽي اداڪار اچن ٿا تہ اهو تڪندو ٻڌجي پوي ٿو. اهڙن تڪندن جا بہ مکيہ پاڳ آهن، هڪڙي ۾ پرش بہ ۽ استري هڪ، مگر ٻئي ۾ استريون بہ ۽ پرش هڪ ٿيندو آهي. هر هڪ جا ٽي اُپپاڳ آهن: هڪ ۾ هڪ پرش هڪڙيءَ استريءَ کي پريم ڪري ۽ ٻي استري ساڳئي ئي پرش سان پريم ڪري ائين ٻئي پاڳ جا بہ آهن. اهڙيءَ طرح پريم جو چوڪندو ٿيندو آهي، جنهن ۾ چار ڪرمچاري ٿا اچن. ان جا ٽي مکيہ پاڳا آهن: هڪڙي ۾ هڪ پرش تہ ٽي استريون، ٻئي ۾ بہ پرش ۽ بہ استريون، ٽئين ۾ ٽي پرش ۽ هڪ استري. انهن ۾ هر هڪ جا اپپاڳ.........“

اتي گهنڊ لڳو ۽ پروفيسر ليڪچر بند ڪري هليو ويو. منوهر پنهنجي دوست ايشور چندر سان گڏجي ٻاهر آيو ۽ ڪاليج جي باغ ۾ ئي ويهي ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳا. ان مان هن

ڪي سڏ پئي ته اهو ليڪچر ڏيڻ وارو گنو ئي هو، جنهن لاءِ نرملا کيس ٻڌايو هو ته سشيلا جو نندڻ جو ساٿي آهي، جنهن سان ڪافي دير تائين گڏ گهمندي آهي ۽ ٻڌڻ ۾ آيو ته هن سان افيئر اٿس. ٻنهي دوستن کي ان پيار جي وشيه تي سوچ ڪندي هڪ مشڪلات آئي. ٻئي اتي گني وٽ آيا ۽ پنهنجو مسئلو پيش ڪيائون:

”توهان جڏهن ٽڪنڊي وغيره جي ورگي ڪرڻ جو ذڪر ڪيو. تڏهين اهو توهين فرض ٿا ڪريو ته هڪڙو پريم ٿو ڪري ته موت ۾ پيار ٻيءَ ڌر جو پائي ٻه ٿو، مگر حقيقتن ڏٺو ويو آهي ته بعضي فقط هڪ طرف جو پريم هوندو آهي ۽ ٻئي طرف کان جواب (Response) نه ملندو آهي....“

”ها، اهو الڳ پر سپر پريم جو باب آهي، جنهن حساب سان ٽڪنڊي خواهه چوڪنڊي جا ڪئين ياڳ ۽ اُپياڳ ٿي ويندا، جن جو وستار ڪنهن خلاصي وقت ۾ توهان کي سمجهائي سگهندس.“

”ائين ٻه ته ٿي سگهي ٿو جو مثال هڪڙي استري هڪ پرش جو ڦيرو ڏسي پنهنجو پريم لوڏي وجهي ۽ ائين وچ ۾ ئي جهلي ته هوءَ اوڏانهن وجي جتان پورو جواب ملي..“

”چو، ائين ٻه ٿي سگهي ٿو ته ٻيو پرش هن کي مترتا وارو رشتو ٻتائي ۽ پهرين پرش جو موت شڪي هجي ته اها استري ڪيئن نه بدظن ٿيندي. وڏي ڳالهه ته ان کي پريم جو ٽڪنڊو ڪوٺيون يا نه، چاڪاڻ ته پريم جا ڏاڳا ٽٽي پيا آهن.“

”ته اهو چئبو ته ان استريءَ جو پريم ڪنهن خاص پرش سان نه، پر هڪ عدد پرش سان آهي، يا هن پهرئين پرش سان پيار ئي نه ڪيو هو يا اهو سڀ ڪجهه ڪنهن ٻئي مقصد جو واهڻ هو؟ توهين ڪولي سمجهائيندا“

”اهي ٻئي انومان درست آهن. اهي باريڪيون ٻه مان توهان کي ٻئي وقت ٻڌائيندس. اشارو ڏيئي ٿو ڇڏيانو َته ناريءَ ۾ روپ ۽ جوانيءَ کان پوءِ ٻه ڪجهه اهڙو رهجي ٿو وجي جنهن جي پرش کي ضرورت ٿئي ٿي؛ ايلاڪا آ، بلڪ بک لڳي ٿي، جيڪو هر نرليپ ڀاوَ سان ناريءَ وٽان چاهي ٿو:“ ايترو چئي گنو هليو ويو. واقفيت ڪرائيندي ئي گني کي ائين لڳو ته اهو ساڳيو منوهر آهي جنهن نرملا سان نئون پريم رچائي سشيلا کي نراس ڪيو هو.

هوڏانهن ٻئي دوست ڪيتري وقت تائين هڪ ٻئي سان ڳالهائيندا گهر ڏي موٽيا. منوهر پنهنجي گهر اچي. ٻنا ڪنهن ڳالهائڻ جي ڪپڙا بدلائي پلنگ تي ليٽي پيو. نرملا چپ چاپ ماني ڏيئي ويس، جا هو ڪائي وجي سمهيو.

*

(8)

# ٿيان يا نہ ٿيان!

## ڪيرت ٻاٻاڻي

## ’ڪونج‘ جنوري 1968ع

گنو لئبريريءَ مان من وڳيان جا ڪتاب کڻائي اچي پنهنجي روم ۾ وينو. ڪتابن کي هيٺ مٿي اٿلايائين پر من نہ لڳس. سندس متا، جن کي سالن کان دل ۾ سانڍيو رکيو هئائين. سي ڪيس اڄ پت پاسڻ لڳا هئا. تازو ڪلاس ۾ پريم جي مهما ۽ ينتر(Mechanics) ، تڪندن ۽ چوڪندن تي هڪ لنبو ليڪچر ڏيئي آيو هو، پر اندر ئي اندر ۾ پاڻ تي ڪلي رهيو هو، سندس من ئي انهن اصولن جي تائيد ڪرڻ يا گواهي ڏيڻ کان ودروهہ ڪري رهيو هو.

ڇا هو جيڪي چئي آيو هو، سو اڄ ساڳي دل جي گهرائي ۽ وشواس سان محسوس ڪري رهيو هو؟

ڪداچت نہ.

ڪيس تہ ائين لڳو هو تہ هن گويا درسي ڪتاب تان تيار ٿيل هڪ ٽيپ چاڙهي ڇڏي هئي، جا 45 منٽ گول ڦيرا پائي، هڪ گنل ۽ آتمارهت پاشڻ اوڳاري بند ٿي ويئي هئي.

اڄ سندس اندر خالي خالي هو. هڪ کنڊهر جيان! هن جي اندر جوڙيل هڪ عمارت جي ٿنڻ جا پڙلاءَ اچي رهيا هئا. جيڪا عمارت ڏهن سالن کان کڙي ڪئي هئائين، سا بنياد کان ڏڏي رهي هئي. ڪامون ڪِري رهيون هيون، ٿنيا ٿتي رهيا هئا، ديوارون لڏي رهيون هيون. ڪٿي ڪو جذبو سر هينان دٻيو پيو هو، ڪٿي ڪو وشواس ڪنهن ڪام هينان چٿجي ويو هو.

ڪالهہ رات وارو واقعو سندس ذهن تي هڪ عجيب ڪيفيت ناهي بينو هو.

جيئن نہ اوچتي ڌڌڪي سبب ڪڏهن دل ۽ دماغ تي سن طاري ٿي ويندو آهي. گني جي حالت هوبهو ساڳي هئي. ڪالهہ رات اهڙو طوفان آيو هو، جنهن جو هو ڪڏهين تصور بہ نہ ٿي ڪري سگهيو. هڪ استريءَ پنهنجو جسم سندس اڳيان ائين کٽي ڦٽو ڪيو هو گويا ان ديهہ کي ڪا قيمت ئي ڪا نہ هئي، ان کي ڪن سنسڪارن جا ٻنڌن ۽ ليڪا ڪو نہ هئا. اها ديهہ ڄڻ ڪن مريادائن ۽ روايتن ۾ جڪڙيل ڪا نہ هئي... ۽ اگر جڪڙيل هئي بہ تہ اهي صدين جون روايتون ۽ سالن جون مريادائون هڪ ئي چڪ سان ٽڪرا ٽڪرا ٿي، اتي سمنڊ ڪناري سندس آسپاس ٽڙيون پکڙيون پيون هيون.

هڪ استريءَ جي سپرش، گرم سواسن ۽ منين ڪيس لرزش ۾ آڻي ڇڏيو هو. سپاويڪ هو. سرين جو ان نموني هڪ ٻئي ۾ لپٽجي وڃڻ رت ڪي ضرور لرزش ۾ آڻيندو، نه آڻي ته اسپاويڪ آهي. پوءِ به گني جو وهنوار سپاويڪ نه هو. اهڙي موقعي تي پرش پنهنجي اُجهل جذبي کي جهلي وجي، اهو سپاويڪ نه پر اسپاويڪ هو. ۽ اهڙي هلت صرف گني کان ئي ٿي هئي، جو ته سندس جسم تي ڪهڙو به رد عمل جو نه ٿيو هجي، سندس دل برف جي چپ وانگر سرد هئي..........

گني محسوس ڪيو ته هو پنهنجو اڀياس جاري رکي نه سگهندو. سپاٽي جي پاشڻ لاءِ نوٽس وٺڻ هن لاءِ ناممڪن بڻجي پيو. ڪتاب ميز جي خاني ۾ وجهي، هو پنهنجي روم کان ٻاهر نڪري آيو. ڪيڏانهن وڃي سو به فيصلو نه ڪري سگهيو.

”نيم انوسار سشيءَ جي گهر وڃان؟“

نه. اهو به ممڪن نه هو.

هو سشيءَ جي اڳيان ڪيئن ويندو؟ سندس اکين ۾ ڪيئن نهاري سگهندو؟ هن سان ڪهڙي ڳالهه چوري سگهندو؟....... سشي ته، نه صرف سندس پريم جي پرپياشائن ۽ متن ڪي ٿوڙي ٿوڙي ڪٽي سندس اڳيان رکيو هو، خود سندس ڏهن سالن جي ساڌنا ڪي به ڏوڏي ڇڏيو هو،

”هي سشيءَ کي ڇا ٿي ويو؟“ ڪيس ڪجهه به سمجهه ۾ نه ٿي آيو.

”ڇا هن جي ذهن کي ايترو ڏڌڪو رسيو هو جو هوءَ ميزان کان ٻاهر نڪري ويئي هئي؟

نه ته پلا ڪالهوڪي سندس غير معمولي ۽ اسپاويڪ هلت جو ٻيو ڪهڙو ڪارڻ ٿي سگهيو.“

گنو سوچڻ لڳو ته سشيءَ جي هن حالت لاءِ هو ته جوابدار نه آهي. هڪ نازڪ موڙ تي، سندس زندگيءَ ۾ پرويش ڪري، هن جي زندگيءَ کي هڪ نئون رخ ڏئي هن ڪا ڀاري غلطي ته نه ڪئي هئي. پر ان ۾ ڪهڙي خرابي هئي؟ ۽ ان لاءِ هو ته جوابدار ڪو نه هو... سشيءَ سان سندس ملاقات اوچتي ٿي هئي. هڪ اتفاق برابر، گهر ۾، نوتو ڏيئي سشي ئي خود ڪيس وٺي ويئي هئي. هن سندس جيون کي مضبوط مارگ ڏيڻ لاءِ پي. ايڇ. ڊي ڪرڻ جي پريرڻا ڏني هئي. پر ان ۾ ڪهڙو گناهه هو؟ سمنڌ جي سئر ڪرڻ لاءِ به سشيءَ ئي اچا ڏيکاري هئي ۽ پوءِ جيڪي ڪجهه ٿيو هو، تنهن لاءِ هن ڪڏهن به ڪهڙي به نموني ڪيس ڪو اشارو نه ڏنو هو، جنهن مان ڪنهن به شڪ جي گنجائش پيدا ٿئي. پر پوءِ به هو پريشان هو، دکي هو ۽ منجهيل هو...

ڇا سشيءَ ڪي ڪا غلط فهمي ٿي وئي هئي؟ پر ڪالهوڪي وهنوار ڪنهن غلط فهميءَ مان پرورش پائي نڪتل وهنوار نہ هو. هيءَ تہ ڪو ٻرندڙ جبل هو، جو اندران ئي اندران پئي پچريو ۽ اوچتو هڪ زلزلي جي روپ ۾ ڦاٽي پيو، گويا ڪنهن کي ڀسم ڪرڻ تي گهريائين...

گني هڪ اونهو ساهہ کنيو، گويا پاڻ کي آٿت ڏنائين تہ هو ان زلزلي جي ڇر ڪان عارضي طور تہ بچي نڪتو هو. ٻيءَ ڪن! وڄ جي شعاع وانگر هڪ خيال سندس ذهن تان چمڪي ويو

”مان پاڻ کي ڀسم ڪري ڇڏيان؟“ هو هلڻ لڳو، مرين ڊرائيور طرف.

پر سوچيائين ڪٿي من جي مونجهاري سبب سشي بہ مرين ڊرائيور طرف هلي آئي هجي تہ اها ڳالهہ نہ چاهيندي بہ ڪٿي اتفاقي ٻڌجي نہ اچي. هو چوپاٽيءَ طرف واريءَ تي هيٺ لهي ويو ۽ ڪناري ڪناري هلندو رهيو. واريءَ تي آهستي آهستي هلندو رهيو، پيرن جي داٻ سبب واري پنتي جهڪي ٿي ويئي ۽ سندس قدم ٿوري ساعت لاءِ پنتي هٽي ٿي ويا. گويا پنيان پنيان ڪيس ماضيءَ طرف ڇڪيندا ٿي ويا.

هيءَ ٻهريون دفعو هو جو گذريل ڏهن سالن جو ٽميل طوفان سندس هردي اندر اُمڙي اٿيو هو. هو چاهي يا نہ چاهي، پر اهڙي طوفان کي لڳڻ کان روڪڻ جي شڪتي هن ۾ نہ رهي هئي. جڏهين گهٽ ٻوسات ٿيندي آهي ۽ چوڌاري ڪائنات ۾ خاموشي ايندي آهي تہ اهڙي خال کي ڀرڻ لاءِ هڪ طوفان جو لڳڻ لازمي هو: جو ڪجهہ ڊاهي ڦٽو ڪري، ڪا صاف صفائي ڪري ڇڏي.

”ڇا مان پنهنجو ڏهن سالن جو ورت ٽوڙي ڇڏيان؟“ ور ور ڪري هيءَ سوال سندس ذهن ۾ ديول جي گهنڊ وانگر لنبي ۽ ڳري ڌن سان وڄڻ لڳو.

”ڇا اهڙين حالتن هيٺ هرڪو انسان ائين ورت ٽوڙيندو آهي. پوءِ گنو هجي يا سشي؟“

تہ هيلتائين مان پاڻ کي صرف پرڀائي رهيو هوس تہ مان پنهنجي ڏهن سالن جي ڪيل پرن تي قائم آهيان. هت تہ طوفان جي هڪ جهونڪي اڳيان بہ ست جهلڻ جي قابل نہ رهيو آهيان.

گني پنهنجي ڪوٽ جي اندرين کيسي ۾ هٿ وجهي هڪ ٻٽوئون ڪڍي ورتو. ٻٽوئين جي لڪل تهہ کي کوليو، ان مان هڪ پاسپورٽ سائيز فوٽو ڪڍي ورتو. فوٽو پنهنجي اڳيان جهليائين. فوٽي تي ڪي ڳاڙهسرا داغ بہ ٿي ويا هئا. سامهون آسمان بہ ڳاڙهسري رنگ سان ڏوپجي پيو هو، جنهن سمنڊ جي پاٽيءَ کي گويا سونهري رنگ جو تهہ چاڙهي ڇڏيو. گنو پلتي ماري واريءَ تي ويهي رهيو. فوٽي جي گول مرجهايل اکين ۾ اکيون وجهي ان سان ڳالهائڻ لڳو.

”ديالي اڄ منهنجي صحيح معنيٰ ۾ پرکيا ٿي رهي آهي! هيءُ تنهنجو اهو فوٽو آهي جو مون ڏهه سال اڳ تنهنجي گهر ٻاهران ڪڍيو هو. ڏهه سال مون توکي پنهنجي دل جي ويجهو رکيو آهي. مون ڪڏهن به دل ۾ خال محسوس نه ڪيو آهي. پر اڄ ڇاهي، جو منهنجي دل ڏڏڻ لڳي آهي، ڇا اها ڪمزور ٿيڻ لڳي آهي؟ مان نٿو ڄاڻان تنهنجي يا منهنجي پريم ۾ ڪا ڪاڻ پيئي آهي يا نهن جو زور ۽ شڪتي گهٽجي ويئي آهي؟“

انسان جا جذبا يا ويچار ريل جي پٽيءَ تان هلندڙ گاڏيءَ مثل آهن، جي هلندا رهن ته بنا هڇڪ جي سنوان سڌا هلندا رهن. انهن ۾ ڦيرقار آڻڻ يا انهن جو طرف بدلائڻ ڏکيو ٿيو پوي. جيستائين ڪو وڏو حادثو يا اتفاق نه ٿئي. جيئن هڪ حادثي وقت گاڏي ريل جي پٽيءَ تان لهي ويندي آهي ۽ چوڌاري زلزلي وارو درشيه پيدا ٿيندو آهي ۽ سندس رفتار اوچتو بند ٿي ويندي آهي، ساڳيءَ طرح ڪنهن شخص جي ويچار جي رفتار به ڪنهن اوچتي ڌڌڪي سبب هلندڙ پٽيءَ تان لهي ويندي آهي ۽ پوءِ ان ڪي نيون راهون ۽ دشائون ڳولهڻيون پونديون آهن.

گني سان ساڳي ڪار ٿي هئي. هو ڏهن سالن کان ساڳي پٽيءَ تي ساڳي دشا ۾ هلي رهيو هو. پر سشيءَ جي وهنوار سندس ويچارن ۾ واٽ ڪي ڌوڏي ڇڏيو هو. اڄ هو اهو ڪجهه سوچي رهيو هو، جو رواجي طور سندس سياءَ ۽ سنسڪارن واري شخص لاءِ سوچڻ پاپ نه، ته غير واجب ۽ غير فطرتي ضرور هو. هن پاڻ کي ڏهه سال هڪ گهيري اندر ٻڌي رکيو هو پر اڄ هو وري هڪ اهڙي استٿيءَ ۾ هو، جنهن مان نڪرڻ لاءِ هو فلاسافيءَ جي ور وڪڙ رستن تي ڀوڙون پائڻ لڳو.....

وچن ۽ ورت!

ڇا وچن ۽ ورت ڪي ڪا معنيٰ آهي؟

ڏهه سال اڳ ۾ ڪيل وچن ۽ ورت! ڇا وقت سان، پيل حدن ۽ انهن جي ٻنڌنن کان اهي ٻاهر نٿا نڪري وڃن؟ وقت ڇا حالتن ڪي ڦيرائي، بدلائي، مروٽي سروٽي، قدرن ڪي نيون معنائون نٿو ڏئي سگهي؟ ٻنڌنن جا وراڪا گهٽجي، گهٽجي هڪ ٽٻڪي جي هستي نٿا وڃي وڃن، جنهن ڪي ڪا ئي هستي ئي نه رهي يا وڌندا وڌندا اهي گهيرا ايترو وشال نٿا ٿي وڃن جو انهن جو گهيرو ئي الوپ ٿي وڃي! ڏهه سال اڳ جو هڪ ڏينهن ۽ اڄ جو ڏينهن ساڳيا آهن؟ هوبهو ساڳيا؟ قدرن جا دنيا ۾ جذبن جي سطح تي ۽ خيالن جي منزل تي؟ پر وچن ۽ ورت هڪ طرفو نه هو. اهو وچن دياليءَ به ته پاليو هو ۽ وچن صدقي ڏهه سال سنو هئائين، بدنامي سر مٿان ڪنئين هئائين. مائٽن جا ڏنبي برداشت ڪيا هئائين ۽ آخر ۾ هڪ انوکي قرباني ڏني هئائين. اهو هڪ سچ هو، ڏهه سال جهونو ئي سهين!

مان ڇا صرف زندگيءَ جي اڪيلائي برداشت نٿو ڪري سگهان؟ قرباني ڇا مڙدن جي وڙ ۾ نہ آهي؟ اقرار ڪرڻ وقت هماليہ وانگر اڏول پر پاڙڻ وقت شيشي جهڙا ٽاڪئان!

گنو وري هڪ ٻيءَ وهڪ ۾ وهڻ لڳو:

فلاسافي طور قرباني ڇا آهي؟ پيار ڇا آهي؟ ڪنهن بہ چيز جي اصليت ڇا آهي؟ انت ڇا آهي؟ صرف هڪ ويچار (Idea) آهي ۽ هيءُ پورو سنسار ان مها ويچار جو عڪس آهي. حقيقت ڪجهہ بہ نہ آهي. صرف هڪ ويچار آهي. حقيقت پهچ کان پري آهي؛ ويچار اناري آهي.

ڏهہ سال اڳ ڪنهن شخص سان پريم جو ناتو، اڄ جڏهن ان جو مجسم ئي نہ رهيو تہ ان ڏنل اقرار جي ناتي قربانيءَ جي نالي مان پاڻ کي وساري ويهان، پنهنجي ديهہ کي پلجي وڃان ۽ پنهنجي آتما کي محروم ڪريان؟ ڪهڙي بنياد تي؟ ... ڏنل وچن جي بنياد تي؟ ... وچن جو منهنجن پيدا ڪيل قدرن جي پيدائش آهي، قدر! جي منهنجي هستيءَ جو حصو آهن. اهي سڀ ڳالهيون گڏجي مون کي قيدي نہ بڻائي رهيون آهن؟ هڪ وچن جي گهيري ۾ گرفتار نہ ڪري وينيون آهن؟ اهو گهيرو ڇا ٽٽي نہ ٿو سگهي؟

ديالي ڇا مان توکي سشيءَ جي روپ ۾ نٿو ڏسي سگهان؟

وچن جون حدون ڪشاديون نٿو ڪري سگهان؟

منهنجي آتما پريم جي وشال تصور کي پلجي هڪ گهيري ۾ قائم رهي؟

مون هٺرادو طور پريم جي وشالتا کي محدود نہ ڪري ڇڏيو آهي؟

منهنجي آتما جي پريم جو چشمو سڪي وڃڻ گهرجي؟

اهو هڪ نرمل جل ڌارا بڻجي وهڻ نہ گهرجي؟

ڇا پريم هڪ اهڙو وستو آهي جا ڪنهن پدارٿ تي ختم ٿي وڃڻ گهرجي؟...

اگر نہ، تہ ان جو وسيع روپ ڪهڙو آهي؟

هڪ وستوءَ جي غير موجودگيءَ ۾ اهو پريم ٻئي طرف اوتي نہ ٿو سگهجي؟

ڇا اهو گناهہ آهي؟

پريم کي ان معنيٰ ۾ نہ ٻڌڻ ڇا جيون سان بي وفائي آهي؟

جيون کي پريم کان وانجهڻ کي ”شٽ“ وفائي سان نوازيو وڃي ٿو؟

جيون کي نيرس ڪرڻ ڇا پريم جي مهما آهي؟

اگر ها، تہ پوءِ پريم جو ارٿ ڪهڙو؟ پريم جي انتها ڇا؟

مون جهڙي هڪ سرد حقيقت يا غير حاصلات جي تسليٰ يا ان کان بہ وڌيڪ ڪالپنڪ سنتوش!

هينئر گني جو سر پنهنجن دليلن جي چڪر ۾ چڪرائجڻ لڳو. هو اٿيو. هٿ وارو فوٽو پنهنجي ٻٽوئين ۾ رکي، ڪيسي اندر وڌائين ۽ پوءِ ريتيءَ تان اٿي، گهر طرف روانو ٿيو. خيال، ٻوڏ جي اڇل مثل سندس ذهن کي ٻوڙيندا رهيا ۽ هو هڪ هشيار تاروءَ وانگر پاڻ کي سطح تي آڻي، غرق ٿيڻ کان بچائڻ جو يتن ڪرڻ لڳو. گهر پهچي هن وستر مٽايا. ڪاڏي جي اڃا ڪيس نه رهي هئي. ذهن جي بوجي هن جي بک ماري ڇڏي ڪئي هئي. سندس سوچ جي انجڻ تيز رفتار سان هلي رهي هئي. بستري تي ليٽي ٻئي هٿ مٿي هينان رکي اکيون ڇت ۾ پائي هو سوچڻ لڳو....

هڪ فلاسافيءَ جي اڏياپڪ جي حيثيت ۾ هن ڪيترا سال پريم جي مهما ۽ پيچيدگين تي ليڪچر ڏنا هئا پر ڇا هو پنهنجي لاءِ ڪا راهه ڳولي سگهيو هو؟

هن پريم جو ورت پاليو. پريم جي ساڌنا ڪئي، پر ڇا هو پاڻ کي تسليٰ ڏيئي سگهيو هو؟

ڪٿي هو جيون ۽ پريم جو نرادر ته نه ڪري رهيو آهي. پريم پالن جي پرم هيٺ هو پنهنجي آتما جو نرادر ته نه ڪري رهيو آهي. هن ڏهه سال پنهنجي من، وچن ۽ ڪرم سان ڪنهن کي پريم ڏنو آهي پر ائين ڪندي هو جيون کان ڀٽڪي ته نه ويو آهي.

من هڪ چنچل چيز آهي. هڪ سهارو وڃائڻ سان ٻئي سهاري کي پڪڙيندو آهي. ٻڏندڙ انسان پڻ ڪک جو سهارو وٺندو آهي. هن ٻه ڪنهن جو سهارو وٺڻ جو يتن ٿي ڪيو پر هن جي من ۾ هڪ وڏو سوال ڪڙو ٿي بيٺو. ڇا تون ڪنهن جي موت جو سهارو وٺڻ ٿو چاهين؟

اهڙي نموني تون پنهنجي آتما کي فرض جي قرض کان آجو ڪرڻ ٿو گهرين!

تون ڪنهن جي غير موجودگيءَ جو فائدو وٺڻ ٿو گهرين؟ اگر ٻيو ڪير تنهنجي موت جو فائدو وٺي ها...

گني جي سهارٽي کان حالتون ٻاهر هيون. هن جو چئن وڃي رهيو هو. هو گويا ٽٽڻ جي حالت کي اچي پهتو هو. آنتمانڌ هن کي سمهڻ نه ڏيندي. هو جهٽڪو ڏئي اٿيو. قلم ڪاغذ کڻي لکڻ وينو:

سشي،

مان توکي ڪهڙي اکر سان خطاب ڪريان اهو ٻه مان فيصلو ڪري نه سگهيو آهيان، ان ڪري صرف ’سشي‘ ئي لکي رهيو آهيان.

پورا انيتاليهه ڪلاڪ مان پاڻ سان يڌ ڪندو رهيو آهيان، هن وقت منهنجي حالت هڪ اهڙي ٻيڙيءَ مثل آهي جا طوفان جي وچ سير ۾ بيٺي هجي ۽ ڪناري تي رسڻ جي اميد ۾ چوڦير ڦيراٽيون پائيندي رهي.

ٻالڪپڻ واري سمي جي سنبنڌ بعد، ويهن سالن جي عرصي ڪانپوءِ مان توکي اوچتو مليس. پر توکي اها سڌ نہ آهي تہ انهن ويهن سالن ۾ منهنجي مٿان ڇا ٿي گذريو. ڪهڙا طوفان اٿيا ۽ ٿميا. تو ڪڏهين انهن کي ڄاڻڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ۽ نہ ئي مون ڪڏهين ٻڌائڻ جو يتن ورتو. دراصل تنهنجي اسٽيٽس کي ڏسي، مون ڪڏهن ساهس ئي نہ ڪيو آهي تہ پنهنجي دل جي ڪا ڳالهہ تنهنجي اڳيان رکان. مترتا ۾ ائين نہ ٿيندو آهي پر اسان جي مترتا عجيب وايو منڊل ۾ اچي نئين سر نپني. مون ويهن سالن کان پوءِ جڏهن توکي ڏٺو، تڏهن تون ڪنهن گهري من جي پريشانيءَ ۾ الجهيل هئينءَ. تنهنجي دل تي ڪو نازڪ زخم هو، جنهن جي پهرين تہ ملم پٽي ڪرڻي هئي. اهڙي حالت ۾ تون ڇا ڄاڻي سگهندينءَ تہ اڳلو ڪهڙي ناسور ۾ مبتلا آهي، جو پنهنجو زخم لڪائي ٻين کي مرهم لڳائي رهيو آهي. سڄي منهنجو زخم جهونو آهي مان مڙد آهيان، ان ڪري لڪائي وڃڻ ۾ شايد ڪامياب ويو آهيان. تنهنجي دل نازڪ آهي تون ان کي لڪائي نہ سگهينءَ. ان ۾ تنهنجو ڏوهہ نہ آهي. مان شڪايت نہ ٿو ڪريان....... خير.

ڪهڙي نہ عجيب اتفاق سان منهنجي ديالي‌ءَ سان ملاقات ٿي هئي! ساڳي جهاز ۾ وطن ڇا وڻ ڇڏي رهيا هئاسون. جهاز ماڻهن سان جنسي سٽيو پيو هو. ڪنهن جي خبر نہ هئي، گويا سامان مٿان سامان ۽ ماڻهن مٿان ماڻهو چڙهيا وينا هئا. پنهنجي اڪيلي ٻيڙي ماءُ سان ديالي‌ءَ جي ڪٽنب پرسان خيما ڪوڙي وينو هوس. آپدا غريب ۽ امير کي هڪ ئي قطار ۾ ويهاري ڇڏيو هو.

وطن ڇڏيندي جو دک ٿيو هو، تنهن درد وچان مون کي رات پر ننڊ ئي نہ آئي هئي. رات جي نيم اونڌائيءَ ۾ مان آهستي آهستي ڪيترن بسترن کي لتاڙيندو ۽ ماڻهن کي اورانگهيندو، هڪ نامعلوم ٻوسات کان نجات پائڻ لاءِ ڊيڪ جي ريلنگ ٽائين وڃي پهتو هوس. ان طرف نهاريندو رهيس جتان جهاز اڪاريو ويو هو. سانپر ۾ پهريون دفعو منهنجي اکين مان بہ ڳوڙها ڳڙي پيا هئا. پنهنجي پتا جي موت تي بہ منهنجون اکيون آليون نہ ٿيون هيون، ايترو مان ارادي جو پڪو هوس. ڇا هو، جو اسين سڀ ڇڏي دور ديش ڏي وڃي رهيا هئاسون؟ سيني جا من پريل هئا. هرڪو شايد سيني تي پٿر رکي وينو هو. ساري رات مان هن هتراڌو طوفان جي نتيجي کي ڄاچيندو رهيس، جنهن وڻ تہ نہ ڪيرايا هئا ۽ گهر جون ديوارون بہ سلامت هيون؛ پوءِ بہ انسانن کي اکيڙي سندن آتمائن کي، ابن ڏاڏن جي وٽن وٽاڻن تان پٽي جا بجاءِ پکيڙي ڇڏيو هو! خير...... اهي ماضيءَ جا داستان آهن....

مون کي معلوم نہ هو تہ ان انڌيري رات ۾ ٻيون بہ اکيون مونکي گهيري ويٺيون هيون. صبح جو محسوس ٿيم تہ اهي منهنجو پيڇو ڪري رهيون هيون. صبح جو ڊيڪ جي نل تي ڏندڻ ڪندي دياليءَ سوال ڪيو هو،

”توکي رات جو ننڊ ڪا نہ آئي؟“ مون ڪان چرڪ نڪري ويو.

ستي لوڪ مون سمجهيو هو تہ مان ئي سجاڳ هوس پر نہ هت ٻيو بہ ڪير هو، جنهن رات واري درد ۾ مون سان ڀائيواري ڪئي هئي. ڪيڏو نہ آنند ڀاتم!

اهو ٿوري عرصي جو ناتو نينهن ۾ بدلجي ويو. ڪيمپ جي چند ڏينهن ۾ ايترو تہ ويجهو اچي وياسون جو ديالي‌ءَ جي مائٽن کي ترت شڪ پئجي ويو. هو شخصي اثر ۽ پئسي جي ٻل تي ڪيمپ ڇڏي وڃي شهر ۾ رهيا. ديالي‌ءَ کي ڪيمپ مان ڪڍي سگهيا ٿي: پر منهنجي دل مان نٿي ڪڍي سگهيا. پريت دوريءَ جي درد هيٺ وڌيڪ پختي ٿي ويئي. هڪ ٻئي کي خطن پهچائڻ جو رستو ڳولي ڪڍيوسين ۽ ائين پريت جا ٻنڌڻ ڳنڍيا ئي رهيا.

پوءِ اوچتو هڪ سياسي طوفان آيو. مان ان طوفان ۾ گهلجي ويس. مان گرفتار ٿيس ۽ جيل موڪليو ويس. جيل مان چوريءَ هڪ خط ديالي‌ءَ کي لکيم، جنهن ۾ پنهنجي پريم جي نازڪ امنگن جي پلٽ ڪيم. ديش جي سقيم حالت جو ورنن ڪيم ۽ ٻنهي جي آئيندي جي سپنن جون تصويرون چٽيم. خط پڪڙجي پيو ۽ وڃي نڙڪائو سمپادڪ کي هٿ لڳو. ان کي سنو مصالحو سمجهي پهرين تہ ان کي بليڪ ميل ڪرڻ لاءِ ڪم آڻڻ چاهيائين پر نيٺ اخبار جي مشهوريءَ لاءِ ان کي قسطن ۾ ڇپي هڪ وڏي بدنامي (Scandal) پيدا ڪيائين. ديالي‌ءَ جي سڄي شهر ۾ بدنامي ٿي، ماڻهن جي غلط اشارن جو شڪار بڻي. مائٽن جي طعنن ۽ عذابن جا سيڪ سٺائين. هوءَ سندن اکين ۾ ڪنڊو بڻجي پيئي ۽ سندس ٻاهر نڪرڻ بند ڪيو ويو. سال کان پوءِ جڏهن مان ٻاهر آيس ۽ ديالي‌ءَ کي جڏهين سندس گهر ٻاهران ڏٺم تہ دنگ رهجي ويس! هڪ سال اندر هوءَ ڏهہ سال وڏي ٿي ويئي هئي.

”ديالي تون ڀلا ائين گهڻو وقت پڃري جو پکي بڻجي گذاريندي‌ءَ؟“ مون سوال ڪيو.

”تون ان جو ڪو بہ خيال نہ ڪر.“ ديالي‌ءَ جي اکين ۾ درڍ وشواس هو.

”تون ڪيستائين منهنجو انتظار ڪندينءَ؟“ ڄڻ گويا مون کي اعتبار نہ ٿي ٿيو.

”جيستائين زندهہ آهيان.“ مون کي للڪار هئي.

ديالي‌ءَ جي مائٽن کي پنهنجي خاندان ۽ شاهوڪاريءَ جو گهمنڊ هو. هو پنهنجي ڌيءَ هڪ غريب ماءُ جي پٽ کي ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئا. مون ان للڪار کي قبول ڪيو. من ئي من ۾ فيصلو ڪيم تہ وڏو ماڻهو بڻجندس. ماءُ ۽ پنهنجي پالنا لاءِ نوڪري ڪيم ۽ ٻئي طرف ڪاليج

۾ داخلا ورتم. نشچو ڪري ورتم تہ وڪالت پاس ڪري جج بڻجندس. ڇو تہ دياليءَ جو پيءُ هڪ وڪيل هو. چاهيم تہ اهو ڏينهن اچي جو هو ڪورٽ ۾ اچي منهنجي اڳيان ڪيس هلائي ۽ مون کي ميلارڊ (My Lord) ڪري پڪاري، جنهن ۾ مان پنهنجي اهم جي ترپتي محسوس ڪندس ۽ ديالي‌ءَ کي زندان مان ڇوٽڪارو ڏينديس. مان پنهنجي مقصد جي حاصلات لاءِ ايترو سرگردان هوس تنهن مقصد کي رسڻ واري منزل ئي مون کان غائب ٿي رهي هئي. ديالي پنهنجي مقصد کي رسڻ لاءِ پاڻ کي متائيندي ٿي وئي. هوءَ نگري بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي چڪي هئي ۽ سندس مائٽن ان ۾ پنهنجي اهم جي ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ جو يتن ڳوليو. حالتون گهٽو پري نڪري ويون... ۽ هڪ رات منهنجي منزل جو نشان مٽجي ويو.... ڪو سپنو هو جو صبح ٿيڻ سان الوپ ٿي ويو.

پوءِ منهنجي اهم جي ترپتيءَ جي ڪهڙي معنيٰ رهي؟ اهڙي ننڍڙي ڳالهہ منهنجي لاءِ وڏيڪ وقت معنيٰ وڃائي ويني. مون قانون جي پڙهائي کي رد ڪري فيلسوفي ڏانهن ڌيان لڳايو. مون کي ان مان ئي سنتوش مليو. ايم. اي پاس ڪري بمبئي ۾ نوڪريءَ لاءِ ڪوشش ڪيم ۽ حڪم ملڻ تي ان شهر کي الوداع ڪري هليو آيس....

ان رات واري واقعي منهنجي سنتوش کي لوڏي ڇڏيو آهي. اهو منهنجي لاءِ هڪ عجيب آزمودو هو. تنهنجي ۽ منهنجي حالت ذري گهٽ ساڳي آهي. فرق اهو آهي تہ مون کان پريم کسجي ويو آهي، توکان کسيو ويو آهي. منهنجي فيلسوفاٽي رخ مون کي جذباتي سطح کان مٿي رکيو آهي. تون پنهنجي جذبات تي قابو پائي نہ سگهي آهين، نہ تہ....................

خير....

”تون مون سان شادي ڀلي نہ ڪر، پر مون کي پيار ڪر.“

مان ڪجهہ بہ سمجهي نہ سگهيو آهيان. ڇا سچ پچ تو کي پيار جي ضرورت آهي؟ تہ ان پيار جو مفهوم ڇا آهي؟ پيار تہ توکي منوهر ڪيو آهي، جنهن واعدو ڪري توکان پيار ڪسي ورتو آهي. مان توکي پيار ڏيئي سگهان ٿو؟ مان پيو پاڻ کان پڇان تہ توکي ڪهڙو پيار ڏيان. ڇا اهو جيڪو مون ديالي‌ءَ کي ڏنو ۽ جنهن جي موٽ بہ مونکي ملي؟ پر ان تي منهنجو ڪو حق آهي؟ تون مون کان پيار جي طلب ٿي ڪرين. ڇا تنهنجو پيار جسم جي ترپتي آهي؟ پر ان حالت ۾ توکي پيار جي نہ پر شاديءَ جي ضرورت آهي. مان توکي پيار نہ ڏيئي ڇا شادي ڪري نٿو سگهان؟

پر ان جي تہ توکي طلب ڪانهي ۽ پيار ڇا ڪا گهرڻ جي وستو آهي؟ ڀلا پيار ۽ شاديءَ ۾ ڪهڙو سنبنڌ آهي؟ شادي ڇا پيار جي ترپتيءَ جو هڪ ساڌن نہ آهي؟ نہ تہ ڀلا بن انسانن جي

پيار جو مطلب ڪهڙو؟ تہ پوءِ اهو ڇا هو جو توکي ڪپندو هو؟ ۽ اهو ڇا آهي جو مان ڏئي سگهان ٿو يا ڏئي نہ ٿو سگهان؟

هن ويل مون کي ڪجھ بہ سمجھ ۾ نٿو اچي. جيترو گهڻو ٿو سوچيان اوترو ڪوريئڙي واري ڄار ۾ ڦاسندو ٿو وڃان هن وقت منهنجي حالت هئلميٽ واري آهي. جنهن من جي ٻہ چتائي ڪارڻ رڙ ڪري چيو هو: ٿيان يا نہ ٿيان(To be or not to be) !

فقط گنو

*

(9)

# تلاش!

## گنو سامتاڻي

## ’ڪونج‘ فيبروري 1968ع

هو خط پورو ڪري اٿيو. تڪاوت من جي الجهن! هئمليٽ جي الجهن!! هن سمهڻ چاهيو. بتڻ دٻائي بتي وسائي. اوچتو هو چرڪي ويو. ٻئي پل ۾ ئي هن بتي ٻاري ڇڏي.

انڌڪار ۽ روشني، سئچ آف، سئچ آن، سيڪنڊ جو کيل اڳيان انسان، ڀڳوان، هڪ چنتا، هڪ ڊپ.

سورهين صديءَ جو هئمليٽ ويهنءَ صديءَ جي انسان جي اڳ ڪٿي هو.

شيڪسپيئر ۽ پوءِ آئنسٽائين وچ ۾ پيدا ٿيل سموري فلسوفي گيان، ٻڌي سميٽجي هڪ اٽوءَ ۾ سمائجي، پيانڪ رفتار سان، هنسا سان، شڪتيءَ جو اوتار بڻجي، هر چيز جو وناش شروع ڪري ڇڏي هو.

ڪلا – ڪوڙ، گيان – ڪوڙ، ڀاؤ- ڪوڙ، من- وگيان- ڪوڙ، پيار- ڪوڙ، انسان – ڪوڙ.

سچ! هَي ارجن! مان آهيان اڄ، مون ۾ سمائجي وڃ.

وناش ڪر. وناش ڪرڻ تنهنجو ڌرم آهي، ڪرم آهي. اڄا منهنجي آهي. منهنجي اڄا بنا ڪجھ نہ ٿو ٿئي. اُٿ، جاڳ، اٿ.

تانڊؤ، وناش جي ليلا، کيل، ايشور جي اڄا، وناش، ايشور جي اڄا، ڪوڙ، ايشور- ڪوڙ.

۽ وشال- وراٽ روپ صرف هڪ اٽؤ اٽو، نيگيٽولي چارجڊ، پازيٽولي چارجڊ، اڄ وڏيڪ منجهيل آهي. وڏيڪ ڪامپليڪس آهي.

شيڪسپيئر وٽ ڪويتا هئي، سنگيت هئو: چاهنا هئي، اڄ جي شيڪسپيئر جي چاهنا اخبار جي اشتهارن ۾، ٽيليويزن ۾، نئلان جتين ۾، پوسٽرن ۾ قيد آهي.

ڪامپيوٽر جي ڳٽ – وديا جي فارمولن ۾ ئي انسان جي ٻُڌيءَ جو اظهار آهي. استريءَ جي سندر سرير کي اڄ ڪويتا ۾ اظهار نہ ٿو ملي. ليڪن ٽيپ جي انچن ۾ ئي ان کي ظاهر ڪيو وڃي ٿو: 136 انچ x 125 انچ x 136 انچ. بيوٽي ڪئين، مس ورلڊ، او! ڪاليداس................

رات گذري ويئي. گذري ئي ويئي. ڪٿي گذري رات؟

خط هو موڪلي سگهيو.

ان رات ئي فيلسوفيءَ جو پروفيسر، ڊاڪٽر گنو، فيلسوفيءَ جي گرنٿن جي گرفت مان مڪت ٿيڻ لاءِ بيچين هو. هڪدم اوچتو، شنڪا ۽ اوشواس جي وايو منڊل ۾ ٻيڻو هو. دشا- هيڻ، اهم- بنا پاڻ وڃائي، اَواڪ.

رستا انيڪ آهن. رستا انيڪ هئا.

پوءِ ٻه هو اڄ تائين ماضيءَ ڏانهن ويندڙ رستو پڪڙي وڌندو رهيو هو. وڌي، اتي اچي پهتو هو، جتي اتهاس جا، وقت ۽ مڪان جا پنڌن ٽٽل هئا. دشائون ڪوئجي ويون هيون. ”پاڻ“ غائب هو. ۽ عجب اهو هو جو ان ئي منزل تي مستقبل جو رستو شروع ٿي ٿيو. مستقبل جي رستي جي شروعات تي، ورتان جو انسان ڪڙو هو. گنو ڪڙو هو. ڪير هو گنو؟ گنو ڪير؟ هو خود ئي ڇا ڄاڻي سگهيو هو؟

اتهاس بنا،

وقت بنا،

مڪان بنا،

وشواس بنا،

شنڪا بنا،

ڊپ سان، چنتا سان، هنسا سان،

ٽٽل، اڻڄاتل، وڃايل، انسان، ڪير ڄاڻي، ڪنهن ڪي، ڪوئي؟ ۽ ڀلا ڇو؟

گنو ڪير؟ سشي ڪير؟ ڪير، ڪير؟

ڪنهن ڪيو پيار ڪنهن سان؟

ڪير ٿو ڪري پيار ڪنهن سان؟

ديااليءَ جي سنيهه جي راهه آخرين ڇيڙي تي، سشي.

ماضي ڇڪجي، ڪينچجي مستقبل ۾ سمائجي ٿو وڃي. وهندڙ نديءَ جو پل پل بدلجندڙ پاڻي.

... .... ...

”سشي“

شام، سج لهڻ ۽ رات ٿيڻ جي وچ وارو وقت، سنجها، سشيءَ هڪدم اتي بتي ٻارڻ لاءِ هٿ وڌايو.

”رهڻ ڏي، سشي“ گني جي آواز ۾ شام جي اداسي هئي.

سشي ويهي رهي.

”ائين سنو تو لڳي.“
سشيءَ هن ڏانهن نهاريو.
”ٻاهر هن ڪمري ۾ ۽ اندر من ۾ جيڪا سمانتا آهي نه، سني تي لڳي.“
سشيءَ اتي ٻتي ٻاري چڏي.
جڻ ’ڪجهه نه‘ مان هر چيز روپ – آڪار پائي جاڳي اٿي.
ڪتاب، شيلف، ڪرسي، ٽيبل، پلنگ، بسترو، (بسترو؟ من ۾ ٻاهر نند؟ يا صرف جاڳندي سمهڻ)
گني جو ڌيان سشيءَ ڏانهن ڪچي آيو. هن کي لڳو: اڄ سشيءَ، چوپاٽيءَ واري سشيءَ وٽان ساندهه تي ڏينهن ۽ راتيون ڊوڙندي، پڇندي، هڪدم دور هلي وئي هئي. مک هن جو شانت هو: ڪنن جي والن ۾ نرتيه هو: مستڪ تي لڳل تلڪ ۾ چندرما هو، اکين ۾ سنڌيا – ديپ هئا: بلائوز ۾ ٽاڻ هو: ساڙهيءَ ۾ راڳڻي هئي. ماڊرن آرڪيٽيڪچر وانگر، ائسٽيٽڪ ۽ فنڪشلزم (Aesthetic and Functionalism) جو ملاپ.
سشي واپس اچي ڪرسيءَ تي ويٺي. ويهندي، هن جي سرير جي حرڪت، ٽيبل جي ڪناري وٽ رکيل هڪ ڪتاب پاٽهي، هيٺ ڪري پيو. ستڪ، ڪتاب سشيءَ کي ڇهي، ڪرسيءَ سان ٽڪرجي زمين تي ڪري پيو. سشيءَ هيٺ جهلي ڪتاب ڪنيو. مرڪي، گني ڏانهن نهاري چيائين، ”ڪلچر ۽ ماڊرن مئن.“ ڪتاب جو ٽائيٽل. وقت جو ٽائيٽل.
”تو، سشي، پيار گهريو هو؟“
”تو غلطي ڪئي هيم!“
”غلطي چو؟“
”ڪير تو ڪنهن کي پيار ڪري پلا؟“
”سشي.“
”هرڪو پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي اهم کي پيار ڪندو آهي.“
”پر اهم رهيو ڪٿي آهي، سشي! رهيو ڪنهن جو آهي، ٻڌاءِ؟“
”اهم رهي نه رهي، اهم قائم رکڻ جي ڪوشش ته آهي نه،“
”نسقل.“
”نسقل، تڏهن ته چوان ٿي: غلطي ڪيم.“
گني جو نظرون ٽيبل مٿان لڳل، برنڊز بتيءَ ۾ اٽڪي، اجهامي، درشٽي هيٺ ٻڌجي جمي ويون. ڪجهه پلن بعد هو اٿيو. انهن ئي خالي نگاهن مان هن سشيءَ ڏانهن نهاريو. سشيءَ

ڏانهن نهاريندي ئي هن جي درشتي موٽي آئي، هن جا ٻئي هٿ سشيءَ جي ڪرسيءَ جي ٻنهي ٻانهن تي جهڪي آيا. هن جو بدن جهڪي آيو. هن جو آواز جهڪي آيو. پڻ جي پڻ جي سطح تي لهي آيو: "ٿئنڪ يو، سشي، ٿئنڪ يو."

سشيءَ جو اپلڪ نگاهون.

نه.

اچرج انهن ۾ ڪونه هو. نه،

ڊپ انهن ۾ ڪو نه هو. نه،

ڄاڻڻ جي جڳياسا انهن ۾ ڪا نه هئي.

هو، هو، هو هڪ ڀاوَ- ايمان جو.

"ڇوٽڪارو؟"

گنو ان مدرا ۾ ويٺو رهيو. هن جو ڌيان سشيءَ جي اکين ۾ نه، ليڪن اکين جي ٻه- ڪنڌي ڪي، ٽڪنڊو ٺاٺئيندڙ مستڪ تي لڳل، ديپ جيان جلندڙ، اکين جيان جاڳندڙ تلڪ ۾ هو.

"ڇوٽڪارو جيون جو وردان آهي، سشي! مڪتي ڇڏ، نرواڻ ڇڏ سشي! فريڊم ڇڏ."

"وقت ڪان، اتهاس ڪان ڪٿي ڀڄندين، تون؟ مڃ ڪٽي، گنا، يو آر ڪنڊيمڊ ٽ يو."

گنو سڌو ويٺو. هن جي پرن ۾ تناؤ ڪينچجي آيو. هن جي چپن جي ڪنڊن وٽ بيوسيءَ ۾ نااميديءَ جو احساس هڪ وڪڙ وٺي ويٺو.

"ان فيلسوفيءَ ڪي مان ڄاڻان ٿو. پر مان اهو به ڄاڻان ٿو، اتهاس ڄاڻي ٿو، ڪنهن به فيلسوفيءَ انسان جي مڪتي ويجهي نه آندي آهي، بلڪ انسان کي وڌيڪ بيوس بڻائي، وڌيڪ مضبوط ٻنڌڻن ۾ جڪڙيو آهي."

"ويد؟"

"ويد به."

"اپنشد؟"

"اپنشد به."

"گيتا؟"

"گيتا به."

"مارڪس؟ نيتشي؟ سارتر؟"

"سيني، سشي! سيني."

"ڀڳوان؟"

گنو اڻ لکو مرڪيو،

”هڪ ڏينهن پوائي انسٽيٽيوٽ ۾ مون ڪامپيوٽر ڏٺو هو. انسان ئي ان کي جنم ڏنو آهي، ليڪن لڳو هوم، انسان جي انيڪ مسئلن جي حل جو آڌار، مدار ان تي ايترو تہ آهي، انسان جي ٻڌيءَ جي جڳهه ان ايتري تہ والاري آهي، جو چاهيندي بہ، انسان، پنهنجي ئي خلقيل ڪامپيوٽر مان ڇوٽڪارو نہ پائي سگهندو.“ گنو ذرا رڪيو. ”لڳيم ٿو، خود ڀڳوان پنهنجي ئي سرشٽيءَ مان مڪتي چاهي ٿو، پر پائي نہ ٿو سگهي.“

”تہ؟“

”تہ؟“

”ڇا؟“

”ڇا؟“

”سوال آهي.“

”صرف سوال آهي.“

”جواب ڪٿي آهي. ڪهڙو آهي؟“

”جواب ڪٿي آهي، سشي، جواب ڪهڙو آهي سشي؟“ گني جو آواز ٽٽڻ لڳو هو: ڀاوءُ ٽٽڻ لڳو هو، لفظ ٽٽڻ لڳا هئا: لهجو ٽٽڻ لڳو هو: معنيٰ ٽٽڻ لڳي هئي: ۽ سشيءَ کي لڳو، هو خود ٽٽي ويو هو. ۽ سشيءَ کي ويچار آيو.

”ڪلچر ۽ ماڊرن مئن“ جو هيٺ ڪريو هو، ان کي هيٺ ئي رهڻ ڏئي ها، مٿي نہ ڪٽي ها. پر پوءِ بہ ٽيبل تي، شيلف تي، آسپاس رکيل انيڪ ڪتابن جي هڪ هڪ صفحي مان، هڪ هڪ سٽ مان، هڪ هڪ لفظ مان هڪ پڙاڏو، انيڪ، اڻ ڳڻيا پڙاڏا ڇيخن سان، گاڏيءَ جي ڪوڪن جيان، ٻمن جي ڌڪاءَ جيان ڦهلجي ويا: جواب ڪٿي آهي؟ سشي، جواب ڪهڙو آهي، سشي؟ ڪير هو؟ سشيءَ سوچيو،

ڪير هو، جنهن چيو، سنسار اسار آهي: جيون مايا آهي، مٿيا آهي، ڪرم ڪريو، ڦل جي اڇا نہ رکو: سچو سک پرلوڪ ۾ ئي آهي؟

Nihilist، سشيءَ سوچيو.

ڌرم نسقل، ڀڳوان اسقل، ۽ پريم – ڀڳتي؟ منوهر؟ گنو؟ هڪ پيار بستري تي جاڳيو، ڦڪو، سمهي پيو. ٻيو پيار چوپاٽيءَ تي سمنڊ ۾، چمين ۾، لڙڪن ۾ ٻڏي ويو.

”تہ؟“

”تہ؟“

”چا؟“

”چا؟“

”سوال آهي.“

”سوال آهي.“

”جواب ڪٿي آهي، ڪهڙو آهي؟“

”جواب ڪٿي آهي، سشي، جواب ڪهڙو آهي سشي؟“

۽ پڙاڏا.......... ۽ پڙاڏا.... ستڪ. ’ڪلچر ۽ ماڊرن مئن‘ هيٺ ڪري پيو. مٿي ڪجهي آيو. مٿي ڪنيو ويو. سچ پچ چا ڪجهي آيو مٿي؟ جواب ڪهڙو آهي................ ڪٿي آهي.................. سشي................. سشي.

۽ ستن اٺن ڏينهن بعد گني جي گهر، گني جي منهن ۾ جو سشيءَ نهاريو، ته هن کي ڪرو ڪيتر ۾ ڏيڪاريل پڳوان جو وارٿ روپ ياد اچي ويو. هن جي نراڙ تي پيل پيچيده ريڪائون ڳٽٽ- وديا جي ڪنهن مشڪل حساب جيان لڳي رهيون هيون.

حل! سشيءَ جي سمجهڻ لاءِ جارڊيل بئنڪ جي دوربينيءَ جي ضرورت هئي.

هن مک منڊل تي جيٺ جهاز جو ڇڏيل غبار ڦهليل هو. هن جي چپن جي پيڪوڙ جميل، ٽڏي، ڏڪنڊڙ جيليءَ جي ڦڙ ڦڙاهٽ هئي. فيوز بلب، ڪار جي خالي، جليَل پيٽرول ٽانڪي. سگريٽ جو برنڊڙ فلٽر، چا ٿيو آهي، توکي؟ هيڙو حال ڇو بڻائي رکيو اٿيئي پنهنجو؟ طبيعت ته ٺيڪ آهي نه تنهنجي؟ نه، سوال هڪ به هن نه پڇيو. وهنواري سوال ته صرف مريادا رکڻ لاءِ آهن. من ۾ هنجي ڪجهه ٿيو ئي هو. گهرو. پريشان، چنتن، پريو. ان جو اظهار ڪيئن ٿئي؟ هڪ اکنڊ شانتي. اوم شانتي، اوم شانتي، اوم شانتي.

موت، جيون جو ارٿ — اظهار.

ڪار تيز رفتار، اڃا به تيز، بريڪ ڪٿي آهي؟ ڪهڙي ضرورت آهي بريڪ جي؟ سمئش (Smash). موت!!

آلبيئرڪامو- سمئش، اجنبي، سمئش، ارٿ هيڻ جيون موت- جيون جو ارٿ، شانتي، اوم شانتي، هر ڀاشا جو آخرين شبد، انادي شبد، من- ٻڌي، ڀاؤ — ويچار جي آخرين سيما، اوم شانتي.

سشيءَ ٽڏهن اکين سان ڳالهايو،

هٿن جي ڇهاءَ سان ڳالهايو.

هٿن جي جڪڙ- گني ۽ سشيءَ جي ڪجهه پل مضبوط ٻڌجي،

آهستي آهستي، پگهر ۾ ڳڙندي، ڍلي ٿي، ٽتي پئي.

”سشي“

”هون“

”هو ڏس، سامهون، هوڏانهن.“ بالڪنيءَ جي سامهون پٽ تي پوسٽر لڳل هئا

’دان ڏيو، رت جو‘ ’دان ڏيو، سون جو‘، ’پيدائش وڌايو.‘

هند پاڪ جي جنگ ڇڙي چڪي هئي.

”سشي.“

”هون“

”ٻڌو هوم، دان آتما جي سڌيءَ لاءِ ٿيندي آهي، من جي شانتي لاءِ ٿيندو آهي.“

”هون“

”اڄ پر، دان جو مطلب ڦري ويو آهي. دان ڏيو ته انسانن کي دشمن سڏي ماريون. دان ڏيو ته گهرن کي ناس ڪريون، ڪارخانا ختم ڪريون، دان ڏيو.“

شانتي.

”سشي“

”هون“

”لفظن جي آتما مري چڪي آهي. سرير وقت جي دٻاءُ هيٺ ٽتي پيو آهي.“

شانتي.

”سشي.“

”هون.“

”پيار تو چاهيو هو. پيار لفظ ۾ آتما هئي، پڳتي هئي، وشواس هو، ٻليدان هو. اڄ پيار ۾ خون سان داغدار بسترا آهن، ٽتل گلا آهي، مرٽينگ دم جي بيماريءَ جون چميون آهن.“

شانتي.

”سشي“

”هون“

”هڪ ديش هو، سنڌو. منهنجي جنني جنم ڀومي. مون ڪان خون جو، سون جو دان گهريو ٿو وڃي، سنڌوءَ جي جل کي خون ۾ بدلڻ لاءِ.

شانتي.

”سشي“

”هون“

”ديش- ڀڳتي ڇا آهي؟ قومون ڇا آهن؟ ڌرتي ماتا جي هر حصي جو خون – ڪنڊن؟“

بم، هواباز بامبرس، بمبازي، خون، موت، موت، موت، شانتي، اوم شانتي.

گني جي ٿي گهر.

سشي ڪافي ٺاهي ڪٽي آئي، پيالو هٿ ۾ ڪٽي، متي ڪري، ڪلي چيائين،

”ٽ يوئر هيلٿ ائنڊ هئپينيس.“

گني جي اکين ۾ پل پر لاءِ جلندڙ سگريٽ جو شعاع ٿيو ۽ پوءِ ان تي رک مڙئي آئي.

”ائنڊ ٽُ يوئر سول.“

”مري ويل آتما؟“

”نہ، وجايل آتما.“

”ڪنهن جي؟“

”يگ جي“

”او. ڪي.“

”او. ڪي.“

”ڪافي پيءُ.“

”ها تون بہ پيءُ.“

”ڪافي اڄ جو امرت“

”ڪوڙو، تکو.“

”زهر؟“

”زهر.“

”پيئون؟“

”پيئندا ئي رهون ٿا.“

”زهر آهي، زهر جو علاج.“

”زهر آهي، امرت جي تلاش.“

”هلا هل. نيلڪنٺ.“

”امرت. تلوتما.“

”ساگر – منٿن.“

”من جو ساگر، وقت جو ساگر، منٿن، چنتن.“

”امرت ملندو؟“

”نتو ڄاڻان.“

”آتما ملندي.“

”نہ تو ڄاڻان.“

”پيار ملندو؟“

”نہ تو ڄاڻان.“

”تہ ڇا؟“

سوال، سوال، سوال.

جواب ڪٿي آهي، سشي، جواب ڪهڙو آهي، سشي؟ اهو بہ هڪ سوال.

سوال ڪٿن ٿا. لفظ ٽٽن ٿا ۽ پوءِ پڙاڏا، پڙاڏا، ۽ پوءِ ڪجهہ بہ نہ.

شونيہ، موت، شانتي، اوم شانتي، اوم شانتي. اوم............

*

(10)

# پاڻيءَ مٿي جهوپڙا!

## موهن ڪلپنا

## ’ڪونج‘ اپريل 1968ع

”موت، جيون جو ارت – اظهار!“....... پروفيسر چوي ٿو:
”مرتيو ئي سچ آهي. باقي سڀ مٿيا آهي.“
”وڻ ڇٽي، طوفان جي جهٽڪي سان ڪري پوي ٿو، اهو ڪِرڻ سچ آهي. سمئش! البرڪامئو!“
”مگر زمين جي اندر جو ٻج پيو هو. ان جو وڪاس ٿيو ڪوڙ.“
”اهو ٻج وڏي ٻوٽو، ٻوٽو وڏي وڻ ٿيو، اهو وڌڻ ٿيو ڪوڙ.“
”ان وڻ ميوو ۽ ڇانوَ ڏني. ان جي ٽارين هوا ۾ لڏي جو ترنم ۽ سنگيت پيدا ڪيو، اهو ٿيو ڪوڙ.“
”ان وڻ ۾ ڪي پکي آرامي ٿيا. ان جي ٿڌي ڇانوَ ۾ ڪن آسائش ورتي، اهو آرام ۽ اها آسائش ٿي ڪوڙ!“
”باقي ڪِرڻ ٿيو سچ! ته ڪوڙو آهي اهو سچ.“
”غلط آهي هي پروفيسر! جو آرام ڪرسيءَ تي ليٽي، اوم جي گوري وني، شانتيءَ جي ٽاڻي ليٽيو پيو آهي.“
”هو هڪ عورت جو وڇوڙو سهي نه سگهيو ۽ ڊهي پيو. پيار هن ۾ جيون جو وشواس پئدا ڪري نه سگهيو. هيءُ هڪ نئون ديوداس آهي. جنهن شراب ۾ نه، مگر مايوسيءَ ۽ نااميديءَ جي فلسفيءَ ۾ پاڻ ڪي ٻڏي رکيو آهي. وري دعويٰ ڪري چوي ٿو ته: ”اتهاس ڇاٽي ٿو، ڪنهن به فيلسوفيءَ انسان جي مڪتي نه آندي آهي، بلڪ انسان کي وڌيڪ بيوس بڻائي. وڌيڪ مضبوط ٻنڌنن ۾ جڪڙيو آهي...“
”پروفيسر پنهنجي هڪ خسيس راءِ کي اتهاس جو امر سچ پيو سمجهي. هن صاحب ويد، اُپنشد، گيتا، مارڪس، نيتشي، سارتر سڀ پڙهيا آهن، مگر جيڪڏهين هن اهي سڀ پڙهيا آهن ته هو ان غلط نتيجي تي ڪيئن پهتو آهي؟ هر سني ۽ عقلمند ماڻهوءَ، مجبورين اچڻ تي فاقا ڪڍي به، شخصي مفاد پاسيرا رکي نور نچوئي حياتيءَ کي سمجهڻ ۽ سمجهي ان کي سهڻو

بنائڻ لاءِ دنيا جي اڳيان پنهنجا آدرش رکيا آهن، ۽ جيڪي آدرش وقت جي اڳني پريکيا مان پار پيا آهن، جن تي هلندي انسان لامحدود ترقي ڪئي آهي.“

”هيءُ پروفيسر گنو هٽلر جي هٺبتي فلسفي کان هراسجي وڃي ٿو مگر ان جي ٽڪر ۾ روي بابوءَ جي گيتانجليءَ مان ڪوتا جو هڪ چند پڙهڻ مناسب نه ٿو سمجهي. گوتم، گانڌي، مارڪس، لينن ۽ پنڊت جواهر لعل نهرو، انسان کي وڏيڪ ٻنڌنن ۾ جڪڙيو آهي! ڇو!....

هيءَ هڪ جديد چريائي آهي، جنهن جو مقصد جذباتي ڏڏڪو رسائڻ ...“

”ڪنهن چاهي هئي هند ۽ پاڪ جي لڙائي؟“

”ڪنهن چيو پروفيسر صاحب کي ته پنهنجي جنني جنم پومي تي بمبازي ڪريو؟ ڇو تون صرف جنگي ذهنيت ڏسين ٿو ۽ امن اتحاد ۽ ترقي جي تحرڪ کان منڪر ٿين ٿو؟“

امن، اتحاد ۽ ترقي!

نه اوم!

امن، اتحاد ۽ ترقي!

انسان مري ڪو نه ويو آهي جو ان کي اوم جي ضرورت پوي!

ان کي هزارين سال ٿيا جڏهن وقت جي ڊڳي گاڏيءَ تي چڙهي شانتيءَ اوم سان اتهاس جي ياترا ڪئي هئي. هڪ ڏينهن، شايد ڪروڪيتر جي ميدان تي شانتيءَ اوم کي چيو ته هاڻ اسان کي هيءُ سچو يُگ، هيءَ سچي سيپيتا بچائڻي آهي، ته صرف هڪ ڪٽنب جي راجائي دعوائن سبب ان جو وناش نه ڪرڻو آهي. تڏهن اوم غصي تي جنگ جو ناد وڄايو ۽ هن شانتيءَ کي نهايت بي رحميءَ سان ڪروڪيتر جي ميدان تي ڪچلي ڇڏيو. شانتيءَ جي سرير مان ايترو ته رت وهيو هو، جو اڄ به ڪروڪيتر جي ان زمين اندران ان رت جو هڪ درياه پيو وهي. جيتري زمين کوٽ، اوتري اندران رت مان لال ٿيل مٽي نڪرندي.

هن يگ کي پنهنجي تجربي ۽ انيو سان ان شانتيءَ کي اننت ڪال تائين ڪرڻو امر آهي. ڪروڪيتر بعد ان اوم يگ يگ ۾ روپ بدلايا آهن ۽ جدا جدا مذهبن جا نقاب پائي ماڻهن کي شانتيءَ خلاف برغلايو آهي. ڪيوبا ۾ وري جنگ جو جهنڊو بلند ڪيو، مگر تاريخ جي هڪ نهايت عقلمند ماڻهو ڪرو شچوف، اوم جي رمز سمجهي دنيا جي تهذيب و تمدن کي جنگ کان بچائي ورتو!

لانگ لِو ڪروشچوف! ٽري چيئرس ٽ يو! ڊئم هٽلر! ڊئم بلدي جانسن! لانگ لِو هوچي منه! لانگ لِو ويٽ ڪانگ! لانگ لِو مارٽن لوٿر ڪنگ! لانگ لِو پال رابسن! لانگ لِو چارلي چپلن، برٽينڊرسل ۽ اوٿانٽ.

هند ۽ پاڪ جي لڙائيءَ ۾ پنج هزار ماڻهو پاڪستان جا مئا ۽ پنج هزار هندستان جا مئا ته ائين نه چئبو ته دشمن جا پنج هزار ماڻهو مئا... چئبو: اسان جا ڏهه هزار ماڻهو مري ويا! لانگ لِو اجاريه ونود پائي، وئي وانٽ پيس، ورلڊ پيس! ڪشمير جي سوال تي لڙو نه بلڪ هندستان ۽ پاڪستان ٻئي ملي هڪ ٿي وڃو. لانگ لِو هندوز – لانگ لِو مسلمس! لانگ لِو يونائيٽيڊ انڊيا ۽ پاڪستان.

ششي اٿي ڪڙي ٿي.

گني ڪنڌ ورائي به نه ڏٺو. سشي آهستي آهستي دروازو کولي ڪمري کان ٻاهر نڪري وئي. مگر سشيءَ جي ان طرح وڃڻ تي هن ائين محسوس ڪيو، ھوءَ ڄڻ هن جي سڄي وجود کي ڏوڏي وئي. گنو ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ دريءَ وٽ اچي بيٺو. هيٺان هڪ فقير هٿ ۾ ڪشڪول ۽ ٻئي ۾ لڪڙي ڪٺي، منڊڪائيندو ڳائيندو ٿي ويو:

”ماٽي ڪهي ڪمپارسي

تون روندين مئن روءِ

اڪدن ايسا آئيگا

مئن روندون تون روءِ....

گني سوچيو: هي فقير به اها ڳالهه چوي ٿو جا مون سشيءَ کي سمجهائڻ چاهي آهي.

موت آهي جيون جو ارٿ ۽ اظهار......

پهرين انسان مٽيءَ کي ڳوهي پنهنجي سک لاءِ تهذيب جو نرماڻ ڪري ٿو ۽ پوءِ مٽي ان انسان کي ڳوهي ان تهذيب کي ڍاهي ٿي ڇڏي. مگر هن فقير جو آواز ۾ ڇا ميناج آهي.....

۽ هو دروازو بند ڪري هيٺ لهي آيو ۽ ان فقير پٺيان هلڻ لڳو. فقير منڊڪائيندو هليو ۽ ڳائيندو هليو. ان طرح جيئڻ جديد ليکڪ زندگيءَ کي ڪا معنيٰ نه ڏيندا آهن ۽ پوءِ به لکندا رهندا آهن. هنن جو عقل ان طرح منڊڪ منڊي ڪندو آهي. عقل جي منڊڪ ۽ لکڻ ٻئي جاري هوندا آهن.

فقير سڙڪ جي موڙ تي هڪ فوٽ پاٿ تي اچي وينو، جتي ٻيا به گهڻا فقير وينا هئا. جيئڻ جيئڻ کي ڪا معنيٰ ڪانهي. تيئن فوٽ پاٿ تي ويهڻ ۽ ڪجهه به ڪرڻ کي ڪا معنيٰ ڪانهي ۽ پروفيسر گنو انهن فقيرن جي پاسي کان فوٽ پاٿ جي ٻني تي ويهي رهيو.

هڪ فقير چيو، ”بابو جي، منهنجو پيٽ خالي آهي، ڪجهه ڏي.“

هن ڪنڌ ورائي ان فقير ڏانهن نهاريو.

”هن دنيا ۾ ڪير رهڻو آهي، دنيا مسافر خانو آهي، چئن ڏينهن جي زندگي پوڳي پوءِ لڏڻو آهي. ان ڪري ديا ڪريو ۽ موڪش حاصل ڪريو.“
جين پال سارتر!
”هيءَ زندگي پوڳڻ لاءِ ملي آهي.“ يو آر- ڪنديتمبد ٺ لِو! مگر جتي سارتر سوچڻ بند ٿو ڪري، اتان هي فقير سوچڻ شروع ٿو ڪري. ديا ڪريو...
دي ويسٽ لنڊ... ٽي ايس اليٽ! ديا ڪريو ۽ موڪش حاصل ڪريو، يعني هن دنيا جي جي گهٽائيءَ جي لوٽ ڪسوٽ بند ڪريو، جو مظلوم بہ انسان آهن، جيئڻ جا طالب ان ۾ موڪش آهي. ان موڪش لاءِ مارڪس ۽ گانڌي بہ الڳ واٽون ٻڌايون آهن.
هڪ چوي ٿو: دنيا جا پورهيتو هڪ ٿي وڃو ۽ دنيا تي راڄ ڪريو. ٻيو اها ڳالهہ بورجئا ڪلاس کي سمجهائي هنن ۾ انسانيت جاڳائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ٻئي هڪ ٻئي تي ديا ڪن ۽ هڪ ٿي وڃن. هڪڙا ظلم نہ ڪن ۽ ٻيا هٿيار نہ کڻن. هڪ هجي سماجوادي سرشتو، جتي نہ ظلم هجي ۽ نہ لوٽ ڪسوٽ، سماجڪ برابري ۽ سماجڪ سلامتي هجي.
گنو ان فقير ڏانهن نهاريندو رهيو.
گني جي اهڙي رخ کي همدرديءَ وارو سمجهي ٻيو فقير اچي هن جي پاسي کان ويٺو. زندگيءَ جو اهو روپ سمجهڻ لاءِ گني پڇيو، ”چڱو دوست، اهو تہ ٻڌاءِ، تنهنجي لاءِ زندگيءَ کي ڪهڙي معنيٰ آهي؟“
اهڙو سوال شايد فقير کان ڪنهن نہ پڇيو هو. فقير عجب مان پڇيو، ”اوهان ڇا چيو صاحب؟“
گني سوال دهرايو
فقير اکين ۾ پاڻي آڻي چيو، ”بابو جي، حالتون سٺيون هجن ها تہ مان بہ شايد اوهان جيان سٺي زندگي ڪاٽي سگهان ها. هينئر در در پٽڪان ٿو ۽ زماني جي ڦٽ لعنت کان ٿو... مٿان پوليس جون لٺيون، هميشہ ڊپ ۾ گذاريون ٿا. ڦٽ پاٽ جي زندگي، ذلت، مصيبت، ڊپ، رات جو سمهون تہ سپنن ۾ بنگلا ۽ ماڙيون نہ ڏسون مگر ڏسون جارا ۽ ڪوريئڙا، ڪوئا. اهي جي اسان جي حياتيءَ ۾ آهن.“
هڪ فقير ٺهڪ ڏئي ڪلڻ لڳو.
هن چيو، ”بابو جي، اسان جي ڳالهين ۾ نہ اچو، اسان جي جهڙي زندگي آهي، تهڙا اسان جا خيال آهن ۽ اسان جي زندگي ان ڪري اهڙي آهي، جو اسين اهڙين حالتن مان لنگهون ٿا... مگر بابو جي، انهن حالتن کان سواءِ دنيا ۾ ٻيون بہ حالتون آهن، جن ۾ اسين نٽا رهون، مگر انسان رهي ٿو.“

گنو اتي ڪڙو ٿيو، اهڙي ڪنور سچ جي سامهون هو بيهي نہ سگهيو ۽ هو پينٽ جي کيسن ۾ هٿ وجهي هلڻ لڳو.

ڪافڪا ۽ هن فقير ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟

ڪافڪا ڪن حالتن مان گذريو ۽ هن ڪي نظر آيا چہرا ۽ ڪاڪروچ!........ ڪافڪا ڏنو الو ۽ ڪوريئڙا. مگر هيءُ فقير ڪافڪا کان بہ وڌيڪ گهرو آهي. ڪافڪا ۽ ڪاموءَ جي ڏنل ۽ سوچيل حالتن کان سواءِ بہ ڪي حالتون آهن، جن ۾ هو نہ ٿا رهن مگر انسان رهي ٿو!

هي زندگيءَ جو ڪهڙو روپ آهي؟

جتي يورپ جا جديد مفڪر ۽ فنڪار سوچڻ بند ٿا ڪن، اتان هندستان جا فقير اڳتي وڌي ان فڪر ۽ فلسفي ۾ ترميم پيش ڪن ٿا ۽ زندگيءَ جي سهڻي روپ ڏانهن اشارو ڪن ٿا.

اوه، ڊئم ڪامو! ڊئم ڪافڪا! ڊئم ائبسرڊٽي!

حالتن هندستان جي هنن ماڻهن کي فقير بڻايو آهي. يورپ جي جنگي حالتن ۽ سامراجوادي لوٽ کسوٽ ۾ يورپ جي جديد ترين مفڪرن ۽ فنڪارن کي دماغي طور فقير بڻايو آهي! مگر انهن حالتن کان الڳ بہ حالتون آهن، جتي انسان سکي آهي، جتي انسان آسودو آهي.

جتي انسان شانتيءَ جو طرفدار ۽ رکوالو آهي. جئہ سوويٽ يونين، جئہ سماجواد، جئہ شانتي!

پوئين صبح جو گنو ننڊ مان ڇرڪي اٿيو. رات جو هن هڪ اڃرج ڀريو خواب ڏٺو. هڪ فوٽ پاٿ تي ڪيترا فقير بيٺا هئا ۽ پنهنجون فيلسوفيون ٻڌائي رهيا هئا. چهرا ڪجھ ڏنل ۽ ڄاتل هئا. هو وڏي واڪي ڇلائي رهيا هئا.... سڀ کان الڳ هو ڪافڪا... پوءِ ڪامو.........

پوءِ مارشل پروسٽ.... ڪجھ ڪجھ ڄاتل سڃاتل سارتر، جنهن کي ڪجھ بهتر ڪپڙا پيل هئا.

آڪاش مان ڊبل اسٽار سئٽلائيٽ لنگهي رهي هئي ۽ هڪ هال ۾ جارج برنارڊ شا جي تصويرن جو نيلام ٿي رهيو هو. نيلام لنڊن ۾ ٿي رهيو هو، جنهن جو منظر ڊبل اسٽار آمريڪا جي شهرن ۾ ٿي پهچايو ۽ جتان آرٽ جا شائق واڪ ڏئي رهيا ها ۽ جي واڪ لنڊن جي ان هال ۾ اهي تصويرون نيلام ڪندڙ ٻڌي رهيا هئا.

هاءِ.......

انسان جي هيڏي ترقي ۽ پوءِ بہ هيڏو وڏو ماتم! جنگ کان ڏکو ٿا! مگر هٽلر جو انت وساري ٿا ڇڏيو.

انسان زنده آهي. انسان مري نہ ٿو سگهي. تاريخ ۾ موت ڪي ڪا اهميت نہ آهي. موت ۾ فرد مرندو آهي مگر يگ جيئندو آهي. مگر اهو فرد بہ مڪمل طور تي نہ مرندو آهي ۽ اهو

پنهنجي پيڙهين ۾ زنده رهندو آهي. ان ڪري موت جيون جو ارث ڪونهي. جيون جو ارث آهي سماجواد ۽ شانتي. شخصي سطح تي من جي پويترتا، اخلاق، تهذيب، قومي سطح تي سماجواد ۽ انترراشٽريه سطح تي سهڪار ۽ شانتي.

گني سوچيو: ڪاش سشي هجي ته مان هن کي پنهنجو نئون تصور ٻڌايان. مان هڪ غلط فلسفي جو شڪار تي هڪ جيئري جاڳندي شخص جي وجود کان منڪر ٿيان ٿو. نيڪ آهي 36x24x36 بيوٽي ڪُئين جو تصور آهي... مگر مان ان تصور کي قبول ڇو ڪريان؟ ڪاليداس جي ڏينهن ۾ به ساڙهيون والن جي حساب سان وڪامنديون هيون. مگر ڪاليداس والن جي ساڙهيءَ جي مهما نه ڳائي آهي. هماليه جي ان پهاڙ تي الڪاپوري ائين ٿي لڳي. ڄڻ ڪنهن پريتم پنهنجي پريتما کي پنهنجي گود ۾ وهاريو هو ۽ پاسي کان وهندڙ ندي ائين ٿي لڳي ڄڻ ان عورت پنهنجي پريتم جي گود ۾ وهڻ کان اڳ پنهنجي ساڙهي لاهي پاسي ۾ رکي هئي.

او، ميگهه رات!

سشيءَ کي چيو هوم: انسان جي ٻُڌيءَ جي جڳهه تي ڪامپيوٽر ايڏي ته وڏي جڳهه والاري آهي جو چاهيندي به انسان پنهنجي ئي خلقيل ڪامپيوٽر مان ڇوٽڪارو پائي نه سگهندو!

نانسينس!

اها انسان جي ٻُڌي کي شاباس آهي جو اهڙي تخليق ڪري سگهيو آهي.

ڇوٽڪارو ڪنهن کي کپي؟

ڇا هوائي جهاز ڇڏي وري ڏيگي گاڏيءَ ۾ سفر ڪريون؟ وري قاصد کي خط ڏئي ڇئون ته گهوڙي تي چڙهي پيغام پهچاءِ ۽ هڪ لفافو نه لکون؟ پل گهوڙو طوفان مان لنگهي، واهه، نديون اورانگهي ۽ ڪٿي ڪنهن چيتي يا بگهڙ جو شڪار ٿي مري وڃي مگر ڪنهن کي تار نه ڪجي؟

ويچارو غالب! چي:

خاک ہیں مل جاینگے تم کو خبر ہونے تک

هينئر لنڊن، دهلي، ماسڪو دنيا ڳنڍي پيئي آهي. ڪولڊ لائين، هاٽ لائين سڀ آهن. بس رڳو انساني سمجهه کي تاريخ جي ڪهنن روڳن، مذهب، محدود قوميت ۽ طبقاتي پيدن کان متي اڇٽو آهي ۽ تاريخي انسان ان کي متي آڻڻ جي قابل آهي. اسين اها ڳالهه سمجهون ٿا مگر عمل نه ٿا ڪريون.

پاٽيءَ متي جهوپڙا مورک اڄ مرن!

سشي تون ڪٿي آهي؟
اڄ تہ مان توکي زندگيءَ سان پيار ڪرڻ سيکاريان.
منهنجي پياري اڄ تہ اسين زندگيءَ جي بهتريءَ لاءِ دنيا جي جمهوري ۽ سماجوادي ڌارائن جا طرفدار ٿيون.
اڄ تہ پنهنجي حياتي دنيا کي بهتر بنائڻ ۾ خرچ ڪريون.
اڄ تہ پنهنجو جيون سکيارٿو ڪريون.

*

(11)

# پاڙيءَ مٿي جهوپڙا!

موهن ڪلپنا

’ڪونج‘مئي 1968ع

## آخري قسط

رات جو نرملا منوهر جي ڇاتيءَ ۾ منهن لڪائي روئڻ لڳي.
منوهر چرڪ ڀري پڇيو، ”ڇو، ڇاتيو؟“
”ڇا مان ان لائق بہ نہ رهي آهيان جو مان توسان گڏ ماني ڪائي سگهان؟“
”نہ، ائين مون ڪٿي چيو.“
”تہ پوءِ اڄ...“
”تو ان ڏينهن پگهار جو ذڪر ڇو ڇيڙيو؟“
”ڀلا تو پگهار وڌيڪ ڇو ٻڌايو؟“
”ٻڌ نمو! هن سماج ۾ پئسي کي وڌيڪ اهميت ڏني وڃي ٿي، ان ڪري. هتي ڪنهن بيوقوف کي لک رپيا هجن تہ اهو وڏو ماڻهو آهي. اسان جي سماج ۾ اسان جي آرٽ ۽ لٽريچر ۽ ڪلچر جي وڏن پروگرامن جي صدارت خبر اٿيئي ڪير ڪندا آهن؟ بسڪيٽن ۽ ڪٽمنٽڙن وارا. جن لاءِ آرٽ جو بهترين واهڻ صرف ائڊورٽائيزمينٽ آهي. گهٽڻ بسڪيٽن، گهٽڻ ڪٽمنٽڙن جو وڪرو، اها آهي آرٽ جي خدمت...
تو ڪڏهن ٻڌو آهي تہ سنڌيت ڏينهن جي ڪنهن جلسي جي صدارت ايشور آنچل، گني سامتاڻي يا ڪرشن راهيءَ ڪئي هجي؟ ڇو جو هو فنڪار آهن، لکندا آهن ۽ پبلسٽيءَ لاءِ دان نہ ڏيندا آهن. سڀئي آهوجا مري ويو. هيڏو ذهين ۽ حساس فنڪار، ڪڏهن ڪنهن هن کي جلسي ۾ اها ڪرسي ڏني جا بسڪيٽن ۽ ڪٽمنٽڙن وڪٽنڊرن کي ملندي آهي؟
مون سوچيو: هن سماج ۾ پئسو آهي، جنهن تي انسان ٽڪيل آهي.
مون سوچيو: نمو بہ ان سماج جو فرد آهي ان ڪري ڪوڙ ڳالهائي بہ نموءَ کي حاصل ڪرڻو آهي.“

پڇاڙيءَ جي ڳالهه ٻڌي نموءَ جي چاتي چؤڙي ٿي ويئي ۽ منوهر ان جي نزاڪت ۽ گرمائش محسوس ڪئي.
هن چپ پڪوڙي چيو، ”پلا ان رات تو نيم خوابي ڪيفيت ۾ سشيءَ جو نالو ڇو ورتو؟“
”نمو، ان وقت ئي مون توکي چيو ته اچيتن من ۾ سشي رهي هجي، شايد، مان نٿو ڄاڻان...
پر جيستائين چيتن اوستا جو سوال آهي، جيستائين چيتنا مون ۾ آهي، اتي فقط تون آهين تون.“
”مگر مان تنهنجي صرف چيتنا ۾ رهڻ نه ٿي چاهيان، اچيتن من ۾ به رهڻ چاهيان ٿي. ڇا مون کي ايڏو درجو ملي سگهي ٿو، منو؟“
”چيتنا جي اها عادت آهي ته اها ڪنهن اسڪاءِ اسڪرئپر ۾ رهندڙ ماڻهوءَ جيان پنهنجو سڄو ڪاروبار ڪنهن هيٺين سطح واري جڳهه تي هلائيندي آهي. وقت چيتنا جي جهول ۾ جو ڪجهه به وجهوندو آهي، اهو سڀ چيتنا پنهنجن هيٺين تهخاني ۾ موڪليندي ويندي آهي. تنهنجي جهجهي پيار ۽ جهجهي موهه به ان تهخاني ۾ جڳهه والارڻ شروع ڪئي آهي. پوءِ هڪ ڏينهن ايندو جڏهن نموءَ جي ساگر ۾ سشيءَ جي هڪ گهاگهر به ملي هڪ ٿي ويندي.“
تڏهن نمو اطمينان سان مشڪي چيو:
”تو منهنجي من تان هڪ وڏو بار لاهي ڇڏيو آهي منوهر. آءِ ايم ويري هئپي ته ڊي.“
منوهر هن کي زور سان ڀاڪر پائي چيو، ”نات ته ڊي بٽ ته نائيٽ!“

............... ............. .......

وري شام ٿي. وري دل ڌڙڪي، وري سشي تيار ٿي گني جي گهر ڏانهن هلي.
هڪ سهڻو، اڇوتو سرير، هڪ سهڻي، اڇوتي ساڙهيءَ ۾ بند. ساڙهيءَ ۾ سرير نٽي هليو، ڄڻ پيانو مان سنگيت ٿي هليو.
سرير جو مسليو نه ويو آهي. بند ٿيل هڪ بوتل، جنهنجو شراب پيتو نه ويو آهي.
منهنجي اکين ۾ زهر اهو زهر جو اکيون ملائڻ سان شراب ٻڻجي سگهي ٿو.
مگر منهنجو ديوداس شراب جو طالب ناهي. هو ڪتابن جي بوجي هينان دٻيو پيو آهي. ڪلچرڊ ۽ ماڊرن مئن!
مگر اها ماڊرنزم آهي ڇا؟
سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ جو وقت مٿان امپئڪٽ! جنهن جو شڪار آهي شهري ماڻهو.

مصنوعي زندگي، جتي انسان ته، مشين تي هلي ۽ انسان ان مشين جو هڪ پرزو ٿي ويو آهي. هن لاءِ ان مشيني يگ ۾ ڪا سماج ناهي، ڪو ڪٽنب ناهي، ڪا دوستي ناهي، هو هميشه ڊڪي ٿو. ويهڻ جي هن کي فرصت ناهي. ان ڪري اها ڪا زندگي ناهي.
مٿان جنگ جو ڊپ، يورپ ۾ جنگ جو ڊپ، ايشيا ۾ جنگ جو ڊپ، هو ڊهي پيو آهي ۽ ان ڪري هو چلائي ٿو: ”آءِ ايم بروڪ! زندگيءَ کي قبول ڪجي، سهج سپاويڪتا سان ۽ پنهنجي سک ۽ آسودگي واسطي، ان سرشتي جي شرن وڃجي، جتي انسان جو روح زنده آهي، مئل ناهي. انسان مشين ناهي آهي ۽ اها مشين سرمائيدار پاڻ وٽ رکي آهي. هو پنهنجي شخصي مفاد لاءِ اسان کي ان مشين جو پرزو بڻائي وينو آهي. اسان جي لڙائي مشين سان نه پر ان سرمائيداري سرشتي سان آهي. سماجواد ڪٽنبواد کي وجهي ٿو. سماجڪ زندگي ۾ سک هجي ته اهو سک زندگيءَ جو آدرش ٿي سگهي ٿو.
اسان جي ديس جي پرامپرا چئن ڳالهين تي زور ڏئي ٿي:

1. ڌرم.
2. ارٿ.
3. ڪام.
4. موڪش.

ڌرم آهي وقت جو صحيح علم، جنهن علم موجب اسان کي پنهنجي سماجڪ زندگي ناهڻي آهي.
ارٿ آهي آرٿڪ ترقي، جنهن مان انسان جو واڌارو ٿيڻو آهي.
ڪام آهي سرير جو سک ۽ ايندڙ پيڙهيءَ جي نرماڻ جو واهڻ ۽ جنهن ۾ آهي انسان جو موڪش.
پروفيسر گنو سڀ ڪجهه ڊسمس ڪيو ڇڏي، مگر هو وقت جي صحيح علم جي ڳالهه نٿو سمجهي. مرض لاءِ علاج نه ٿو ڪري. موت کي حياتيءَ جو اظهار پيو سمجهي. اڄ مان هن کي چونديس هڪ ڳالهه:
”گنا تون غلط آهين. تون شڪست خرده فرد آهين. تو مايوسيءَ جي مار ڪاڏي آهي ۽ پريشانين توکي ليٽائي ڇڏيو آهي. توکي ڪهڙي ميزائيل لڳي آهي جو تون ڊنو پيو آهين. ويٽنام ۾ معصوم ٻالڪ به ڪمرڪشي ظلم جو مقابلو ڪري رهيا آهن ۽ تون آهين جو هڪ ڪتاب پڙهي آرام ڪرسيءَ تي ڪري پيو آهين! سبب؟“

”سبب اھو تہ تون پڇيمان آھين! جي ظلم جو مقابلو ڪن ٿا، تن جي حالت ڏسي، نااميد ٿي ويو آھين. ڪيڏو وڏو تضاد... جي مقابلو ڪن ٿا، سي خود نااميد نہ ٿيا آھن. سچ آھي ھن جو وشواس ۾ ڪوڙ آھي تنھنجو پڇيواد!“

”ھو سيان جي سک ۾ وشواس رکن ٿا، تون اڄ بہ اوندھ ۾ ڪري پيو آھين.“

مگر گني ڪي ڏسي سشي بروقت ڪجھ بہ چئي نہ سگھي. گنو بہ سشيءَ کي ڪجھ چئي نہ سگھيو. ٻئي پلنگ تي ھڪ ٻئي جي پاسي ۾ وينا ھئا. ان طرح جڻ تاڪ تي شراب جون بہ بوتلون پيون ھيون، جن کي ڪير کولڻ وارو نہ ھو.

ان ڏينھن بحث ۾ ڳالھ اتي وڃي بيني تہ ڪير بہ ڪنھن سان پيار نہ ٿو ڪري، پنھنجي اھم سان ٿو ڪري، مگر اھم نہ رھيو آھي، ان کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نسقل آھي، ان ڪري پيار گھرڻ غلطي آھي.

مگر ڪير ٿو چوي تہ ڪير پاڻ ۾ مڪمل آھي؟

ڪو پاڻ کي مڪمل ڪرڻ لاءِ پيار ٿو ڪري ۽ پيار آھي ڪنھن سان ھڪ ھئڻ جو احساس، جي انيو جي بنياد تي وشواس ٿو ٻڌجي! اسين پنھنجي اردگرد جي سماج جا جزا آھيون ۽ غير مڪمل آھيون ۽ ان ڪري اھم تي زور، جداگانہ شخصيت کي اجاگر تہ ڪري ٿو مگر ان کي بين ڪان بالاتر يا پاڻ ۾ مڪمل نہ ٿو ڪري، ان ڪري اھم کي بچائڻ جو سوال نہ ٿو اٿي، اھم کي اھم سان ملائڻ جو سوال ٿو اٿي، ۽ اھم کي اھم سان ملائڻ جي ڪوشش پريم ۽ ان جي ڪاميابي پريم جو آدرش آھي.

ھيءُ شخص جو منھنجي پاسي کان وينو آھي تنھن مون سان بار بار گڏجڻ جي باوجود مون کي خط لکيو ۽ مون کي ھنن سوالن سان منجھائڻ جي ڪوشش ڪئي:

”تون مون کان پيار جي طلب ڪرين ٿي! چا تنھنجو پيار جسم جي ترپتي آھي؟ پر ان حالت ۾ توکي پيار جي نہ پر شاديءَ جي ضرورت آھي. مان توکي پيار نہ ڏيئي چا شادي ڪري نٿو سگھان؟ پر ان جي تہ توکي ضرورت ڪونھي ۽ پيار چا کا گھرڻ جي وستو آھي؟ يلا پيار ۽ شاديءَ ۾ ڪھڙو سنبنڌ آھي؟ شادي چا پيار جي ترپتيءَ جو ھڪ ساڌن نہ آھي؟ نہ تہ يلا بن انسانن جي پيار جو ڪھڙو مطلب؟ تہ پوءِ اھو چا آھي جو توکي ڪپندو آھي ۽ اھو چا آھي جو مان توکي ڏيئي سگھان ٿو يا نٿو ڏيئي سگھان.“

منھنجي ڳالھ کي گني منجھائي ڇڏيو آھي ۽ سوال نہ سمجھي ھئمليٽ ٻڻجي ويو آھي. ھڪ دفعي مون ھن کي چيو ھو:

”تون مون سان شادي يلي نہ ڪر، پر مون کي پيار ڪر!“

پروفيسر ڳالھ سمجهي نہ سگهيو. پيار جا درجا آهن:
”پهرين من جو سک، جو ٻئي سان هڪ هئڻ جي احساس مان ملي ٿو...
پوءِ آهي تن جو سک، جنهن مان ڪام جي ترپتي ٿئي ٿي.
مگر آخرين ڇيد ۾ من جو سک ئي اُتم آهي.
ٻڍاپي ۾ جواني نہ ٿي رهي مگر نسوارٿ پيار رهي ٿو. ان ۾ من جو وڏو سک آهي.
او گنا! جڏهن مان توکي شادي ڪرڻ لاءِ نہ ٿي چوان تڏهن منهنجو اهو مطلب آهي تہ اسين جوان هوندي بہ ٻڍا ٿي چڪا آهيون، ان ڪري اسين شاديءَ کي ڇڏي بہ پيار ڪري سگهون ٿا. جيتوٽيڪ اهو هڪ خوبصورت دوکو آهي جو اسين جوان هوندي پاڻ کي ٻڍا سمجهون. منهنجو سوال هڪ مرد جي جواني ۽ ان جي غيرت کي هڪ شريفاڻي للڪار هئي، مگر هو هڪ سوال سان هئمليٽ ٻڻجي ويو ۽ هٿ ۾ ”ڪلچر ۽ ماڊرن مئن“ جو ڪتاب ڪٽي آرام ڪرسيءَ تي سٽجي پيو.
مگر مان هن کي چاهيان ٿي ۽ مان هن ۾ جيون جو وشواس پئدا ڪري سگهان ٿي.
آهستي سشيءَ چيو،
”گنا، چا مان اهو خط پڙهي سگهان ٿي، جو تو جيل مان ديالي‌ءَ کي لکيو هو ۽ جو خط هڪ نڙڪائو سمپادڪ کي هٿ لڳو هو.“
”اوهہ، ان کي نہ معلوم ڪيترا سال ٿيا جو اهو خط نہ پڙهيو اٿم. اجا بہ مون وٽ ان اخبار جون ڪٽنگس رکيون آهن.“
گني هڪ پراڻي بئگ مان پلئسٽڪ جو هڪ فائيل ڪڍيو، ۽ اچي سشيءَ جي پاسي کان وينو.
سشيءَ پهرين سمپادڪ جا رايا پڙهيا ۽ پوءِ خط جو آخرين حصو پڙهيو. رايا هن طرح هئا:
”هي انقلابي، جو سماجوادي تحرڪ ۾ ڀهرو ونڻ لاءِ جيل ۾ ويل آهي، اهو دراصل هڪ مجنون ٽائيپ عاشق آهي. هو جيتوٽيڪ ماڻهن جي اڳيان هڪ نئين ۽ خوبصورت دنيا جو آدرش رکن ٿا، مگر اصل ۾ هنن جون اکيون شهر جي خوبصورت ڇوڪرين ۾ هونديون آهن. هو نالي جا ترقي پسند مگر اصليت ۾ لڙکي پسند آهن. هي آهي هن مجنوءَ جو عشق:
اڄ عاج جي منارن تي ويهي آدرشواد جون بنسريون وڄائڻ مان ڪجھ نہ ٿيندو. اڄ اسان کي نااميدي ۽ حياتيءَ ۾ اوشواس کي ڇڏي ڪاڊويل ۽ فاڪس جيان بندوق ڪٽي ظلم جو مقابلو ڪرڻو آهي ۽ هن دنيا جي سونهن کي بچائڻو آهي.
۽ هي عاشق زار پنهنجي معشوقا کي لکي ٿو:

”منهنجي پياري، مون پنهنجي حياتي پنهنجي ماڻهن کي ارپڻ ڪئي آهي. هن سنگهرش ۾ مان، گهڻا دفعا جيل ويندس، گهڻا سور ۽ سختيون سهندس، اهو مان نه ٿو چاهيان ته تون انهن سورن جو شڪار ٿي... تون ڇا ايڏا سور ۽ سختيون سگهي سگهندينءَ؟
منهنجي محبوبا، تون مون کي ڇڏڻ لاءِ به ايتري آزاد آهين. جيتري پائڻ لاءِ ... منهنجو پيار صحتمند آهي. مون سان گڏ نه هلي سگهين ته نه هلڻ لاءِ تون آزاد آهين. مان عورت جي ٻئي پيار ڪرڻ جي صلاحيت ۽ قوت کي مڃان ٿو ۽ ان ۾ ڪا به غلط ڳالهه نه آهي. جي آدرش نه ملن ته وڇوڙو بهتر آهي ۽ ان ۾ شڪايت جو سوال نه ٿو اٿي. فيض احمد فيض چيو آهي:
راحتيں اور بهی ہیں وصل کی راحت کے سوا...
مان شايد توکي پهرين جهڙي محبت ڏيئي نه سگهان جو مون کي پهريون اونو پنهنجي ماڻهن جي سک ۽ آسودگيءَ جو آهي.
تون سوچ ۽ بار بار سوچ:
تو کي منهنجو پيار کپي يا توکي منهنجو انقلاب کپي؟“
خط پڙهي سشي زور سان کلڻ لڳي
گني پڇيو: ”ڇا ٿيو؟“
”هينئر انقلابيءَ جو آدرشواد ختم ٿي ويو آهي. هينئر، نه ڪو گنو آهي، نه ڪو انقلاب ۽ جدوجهد آهي، نه ماڻهو آهن، نه انهن جو سک ۽ آسودگي آهي. هينئر گنو عاج جي مناري تي وڃي نااميديءَ جون بنسريون وڄائڻ لڳو آهي! ”عشق نے غالب نکما کردیا، ورنہ ہم بھی آدمی تھے کام کے۔“
ائين چئي سشي اٿي کڙي ٿي. گني نهايت بيوسيءَ وچان سشيءَ ڏانهن نهاريو.
”نه گنا“هن گني جي کلهي تي هٿ رکي چيو، ”ڇڏڻ جو جيڪو حق تو دياليءَ کي ڏنو هو، مان نه چاهينديس ته تون اهو ساڳيو حق پاڻ کي ڏين. هوءَ هن سرشتي جو شڪار ٿي. تنهنجي وڇوڙي ۾ مري ويئي، ان ڪري ضروري آهي ته تون هن سان ذهني طور ايماندار رهين. ڏس، اڄ مان تنهنجي راهه تان هٽي ٿي وڃان. مگر تون پنهنجا آدرش نه وسار جدوجهد ڪر، لڙ. مان به لڙنديس، جلوسن ۾ وينديس، ڪايه ڪنديس، هاڻ مون پنهنجا آدرش سڄاڻي ورتا آهن ۽ انهن آدرشن مٿان مان پنهنجا پراڻ گهوري سگهان ٿي.“ ۽ سشي هلڻ لڳي.
گني جي تن ۾ حرڪت آئي ۽ هن اڳيان وڃي سشيءَ کي ٻاڪر ۾ جهليو:

”سشي، مان هڪ رات ۾ بدلجي ويو آهيان. مون هڪ ديالي جو ڏک ڏٺو آهي. مان ٻي ديالي جو وچوڙو ڏسڻ نه ٿو چاهيان. هڪ ديالي هن سرشٽي جو شڪار آهي، هڪ ديالي منهنجي ڪوڪلي آدرشواد جو شڪار ٿي رهي آهي. مان هڪ عورت جي پيار مان پريرڻا پائي، ٻي عورت سان پيار ڪري سگهان ٿو. مان تنهنجي سندر پراڻ برباد ٿيڻ نه ڏيندس. سشي تون منهنجي آهين. منهنجي.“

ائين چئي گنو هيٺ جهڪي ويو ۽ هن سشيءَ جي ٽنگن ۾ پنهنجون ٻانهون ورائي پنهنجو منهن هن جي گوڏن ۾ لڪائي ڇڏيو.

سشي چپ چاپ ويٺي رهي.

هن ائين محسوس ڪيو ته هن جي من ۾ امرت جو هڪ تلاءُ اڇلجي نڪتو هو، جڻ گني جي ان پڪڙ مان هوءَ سڄي سوني ٻڻجي ويئي هئي.

هن ڏٺو ته گنو روئي رهيو هو.

هوءَ به گني جي پاسي کان ويهي رهي،

۽ هن جڏهن ساڙهيءَ جي آنچل سان گني جي اکين مان آنسو اگهيا تڏهن هوءَ به روئي پيئي...

۽ هوءَ گني جي گود ۾ منهن لڪائي روئڻ لڳي.

***

# ادبي پرک:

## سلسلي جي ڊوڙ

پل پل گذرڻ ڪانپوءِ، هر چيز جهوني ٿيندي ويندي آهي، پر ساهت سان، زماني سان ۽ ڪلا سان ائين ڪڏهن به نه ٿيو آهي. سياٽي، ڪالهه ۽ اڄ ڪان ”وڏيڪ“ جوان ۽ رنگين هوندي، سا دعوئ اڄ جي سيتا جو ڪوبه فرد ڪري سگهي ٿو.
بلو فلمس (Blue Films) ڪانپوءِ، نيوڊ ڪلپس (Nude clips) ۽ بيٽلز (Beetals) ڪان هپيز (Hipies) تائين سيتا پهچي، مني اسڪرٽ (Mini Skirts) ۾ چپڪي پيئي آهيءَ
گوبند مالهيءَ جي شروع ڪيل هيءَ سلسليوار ناول يوجنا، وقت جي پنيءَ ڪي چيري ڦاڙي اڳيان نڪري وڃڻ بجاءِ وقت ڪان ڪتجي ڏه سال پوئتي رهجي ويئي آهي. ڏهن ڪهاٽي نويسن مان ڪيترن پنهنجي فن جو فيوز (Fuse) اڏائي ڇڏيو آهي.
ڪردار ڪهڙا اهن: منوهر، جو پنهنجي ٻُڍيءَ جا پادر ڪاڏل پيو لڳي. جنهن ڪي پنهنجو ڪوبه وجود ڪونهي. پنهنجو وجود پريچيه پائي ٿو ته پنهنجي پريتما وٽان. جا ڪيس بيمانو ڪري گهر مان لوڏي ڪدي ٿي ڇڏي. پوءِ به هو پنهنجي ٻُڍيءَ جي پادرن جي مار جي نشانن ڪي اڪوڙي اڪوڙي، وري وري ان جي بوءِ ڪي ڪٽي پريتما وٽ وڃڻ جي ڪندو رهي ٿو.
ٻيو وري ڪردار آهي، سشي. منوهر جي پريتما! ماستر ليکڪن جي پيدا ڪيل استري پاتر، ماسترياٽي. هلڪا، نلها، موڳا، جسا ڪردار ڪنهن پيدا ڪيا؟ گوبند مالهيءَ.
لڳي ٿو جڻ هن هڪ به ناول نه لکيو آهي، هنن ٻن ڪردارن جي نرماڻ مان ڪير چئي سگهندو ته ان جي ليکڪ ڊزن ڪان مٿي ناول لکيا هوندا. انهن ٻن ڪان به وڏيڪ چيپ آهي، وڏيڪ سستو ۽ هلڪو آهي. اهڙي ڪردار جون سنڌي ساهت ۾ انيڪ ڪهاڻيون اڳي چڪيون آهن. هندي، بينگالي، مراهٺي، مليالم ۽ تامل ۾ اچي، مُئي ڪيس ڏهه سال ٿي ويا آهن.
چوٿون ڪردار پوپٽيءَ جي ڪريئيشن آهي. اهو ڪردار آهي ”گنو“، جنهن ڪي ڪرشن ڪتواٽيءَ گنڀير نموني ڪٽي اڳيان وڌايو آهي. ڪيس ڊاڪٽر بڻايو آهي، ۽ پوءِ ٻين ڪن ليکڪن ان سان پوريءَ طرح نياءُ جو يتن ڪيو آهي.
سلسليوار ناول يوجنائون، هندي گجراتي ۽ بينگاليءَ ۾ هڪ وقت ڪان ٿي وييون آهن. گجراتيءَ ۽ هنديءَ ۾ انهن چڱو حشر ۽ تلخي پيدا ڪئي هئي. ان ڪانپوءِ ڪجهه ترقي به ٿي هئي. سنڌي ادب ۾ هيءَ پهرين ڪوشش آهي ۽ پرک به ان ماڌيم ۾ ئي ڪرڻي پوندي.

گوبند مالهيءَ جي ست: ”پيار ۽ جنگ ۾ سڀ روا آهي“
ان کي ڪامياب ست ۽ حقيقت مڃي ڪن ليکڪن پنهنجي سلسلي ۾ ان کي دهرائي، ڪنٽينيوٽيءَ جو ڪم ورتو آهي. ڪن ان جو ڇيد به ڪيو آهي. خاص ڪري منوُ تولارام گدواڻيءَ. ٻين قسط ۾ پوپٽي هيراننداڻيءَ لکي آهي.
منوهر ۽ ششيلا هتي پريمي ٻڻجي تا وڃن. ششيلا اسڪول ۾ پاڙهيندي به منوهر جون مورتون گهڙيندي ٿي رهي، پنهنجي انتهڪرڻ ۾. موڳي ستيوئيشن آهن. بلڪل ساڏارڻ ۽ ڪچي. مالهيءَ جي قسط جو دهراءُ آهي. هڪ ٽيڪنيڪل چڪ به ٿيل آهي، جا عبارت کي سخت چوٽ ٿي رسائي. ڏيکاريل آهي ته نرملا اسڪول مان موٽي ٿي، ڪيس منوهر بس اسٽاپ تي ملي ٿو وڃي. نرملا کي خيال ٿو اچي ته هوءَ جيڪر اڄ گلابي ڊريس پائي اچي ها. جنهن ۾ منوهر کي وڌيڪ وڻي ها. جڏهن ته اسڪول مان موٽندي ڪيس سدائين اسڪولي يونيفارم ۾ هئڻ کپي. اسڪول ۾ هوءَ گلابي رنگ جي ڊريس ڪيئن ٿي پائي ويئي؟
رومانٽڪ پهلوءَ کي هن قسط ۾ ترجيح ملي آهي، نرملا جو ڪردار چڱو اسريل آهي. هن قسط جي سوڀ آهي، نئين ڪردار ”گني“ کي جنم ڏيڻ .”ٻڏندڙ سورج، افق جي روشني“ نهڪندڙ سرو آهي، هن قسط جو.
”اڇي روشني، ست رنگ“ ۾ ڪرشن ڪتواڻي جڻ ٻن قسطن جو مطالعو ڪري رهيو آهي يا ٻه قسطون پڙهڻ ڪانپوءِ ان جي موهه ۾ ڦاسجي ويو آهي. شروعات غلط ڪيل آهي، سيٽنگ جي نقط نظر کان. جنهن ڪري ڪهاڻي اوسر کان ڪٽجي وڃي ٿي. گني ۽ ششيءَ جي ڪردارن کي پڪڙي هلڻ ڪانپوءِ ئي هيءُ سلسلو اڳيان وڌي ٿو ۽ رچي پيدا ڪري ٿو. پوپٽيءَ جو پيدا ڪيل ”گنو“ هن قسط ۾ ڊاڪٽر ٻڻجي ٿو وڃي. ان کان به ڏکيي ڳالهه ثمليءَ (Simile) طور جيڪا ڪم آيل آهي ۽ ايندي رهي آهي، سا آهي ڪاڄن جي باڪس. ايشور چندر کان هلي پوءِ ڪيترن ليکڪن تائين ڦهلجندي رهي آهي، هيءَ ڪاڄن جي باڪس. ڪٿا ۾ روانيءَ جو به ڪم ڪري ٿي. گني ۽ ششيءَ کي سهڻي عبارت ۾ ڦبايل آهي. منوهر ۽ نرملا جي شاديءَ جو امڪان هن سلسلي ۾ پيدا ٿئي ٿو.
سلسلي کي اڳيان وڌائڻ لاءِ ايشور چندر ”پيو دفعو“ سرو ڪڍي اسان جي سامهون منوهر ۽ نموءَ جا ڪردار کولي رکي ٿو. ”لالي پاپس“ کان متاثر ٿي ايشور پنهنجي سلسلي ۾ هڪ پئچ (Patch)هنيو آهي. منوهر ۽ نمو پنهنجي ڇپن سان لالي پاپ گهمائي هڪ ٻئي جا چپ چمن ٿا. ٻئي پنهنجو پنهنجو منطق ڏين ٿا، جنهن سان لالي پاپ جو ڪو واسطو نه ٿو رهي. ششيءَ کي

تماڪ جي بدبوءِ تي اچي ۽ منوهر کي لپ اسٽڪ جي خوشبوءِ. عجب ماجرا آهي، اهو ته بنا لاڳي پاپ چپن تي گهمائڻ جي ڄاڻ پئجي سگهين ها!

نمڪين ڪاڇن ۾ سرا پوندا. هڪ هڪ ڪاڇي مان هڪ هڪ سرو ڪڍي سشي مارينديِ (منوهر جي پيار کي ڪچليندي) لکي، ايشور وري پنهنجي عبارت کي پختو ڪري ورتو آهي. هن قسط ”مئل ماڪوڙو“ کان وڌيڪ ڪجهه به نئون نه چيو آهي. هڪ محدوديت جو احساس ڏيارينڊڙ آهي هيءَ قسط.

ناول جي پرمپرا ۽ بندشن کان مڪت ٿي وشنو ڀاٽيه کي جيڪو ڪجهه چوڻو آهي، لکڻو آهي ۽ لکي حاصل ڪرڻو آهي ۽ ڪرائڻو آهي، سو ”بي انت راهن جو انت“ ۾ بند ڪيو اٿائين. لحاظا ان کي ڪاميابي چئي سگهجي ٿي. نمڪين ڪاڇن جو سهارو وٺي، منوهر جي وڊروهه کي جاڳايو اٿائين. ڪاڇن ۾ پيل هڪ هڪ ڪينئون نانگ ٻڻجي ٿو وڃي هن سلسلي جي ڳنڍ ۾.

هريش واسواڻيءَ جي ”ٻن قطبن جي وچ جي ڊوڙ“ ۾ سشيءَ جو ڪردار، ڳني جي سايي ۾ نپي نهي پيو آهي Ph D .جي اپاڌيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ جفاڪشي ڪندڙ ۽ سات ئي سات منوهر کي پلائي، ڳني ڏانهن مڙي هڪ بڌيمان ٻڻجي ٿي وڃي. هن قسط جي شروعات کان پڇاڙي، وڌيڪ ڇهندڙ ۽ پختي آهي. هريش ٻوليءَ ڏانهن خاص توجه ڏنو تو ڏسجي. ٻوليءَ جي لحاظ کان شايد بهترين قسط آهي، پر هن قسط ۾ ڳني جي داخليءَ ڪانپوءِ وارو منظر محض هٺراڌو اتفاق جو احساس ڏياري ٿو وڃي. ڏيڪاريل آهي، ڳنو سشيءَ کي اوندهه ۾ ڳولهيندي، سشيءَ جا ڪلها نه ڳولهي ان جي ڇاتين کي ڳولهي ٿو وٺي. انهن هٿن کي سشي ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهي. ائين اوندهه ۾ هو رهندا ٿا رهن.

رومانٽڪ پهلو لکڻ لاءِ، ان کان بهتر ۽ سنجيده لکڻ هريش کي اچي ها پر شايد هن ڪوشش نه ڪئي آهي.

هريش ڪانپوءِ اچي ٿو منو تولارام گدواڻي، ”پريم جو چوڪنڊو“ ڪٽي. منو چوي ٿو، جنگ ۽ پيار ۾ سڀ روا نه آهي! ان حوالي کي ڪٽي هن منوهر دواران گيتا کي دهرايو آهي. تموگڻي وهنوار! ستوگڻي وهنوار! ڪڏهن پڙهيو؟ ڪڏهن پڙهي گيتا منوهر؟ جي پڙهي ته منوهر جهڙي سستي ڪردار کي ڪيئن ياد پئجي ويئي؟ ڪرشن ڪنواڻي ۽ ايشور چندر جا ڪارا ڪاڇا، منو گدواڻي به نه پليو آهي. گدواڻيءَ، سشيءَ کان پراسچت ڪرائڻ جو يتن ڪيو آهي، جو هن (سشيءَ) منوهر سان عقوبتون ڪيون آهن. سشيءَ جو من پاسو بدلائي ٿو. سوچي ٿي ۽ پوڳي ٿي. ڳني لاءِ منجهس وڌيڪ رچي پيدا ٿئي ٿي.

هن قسط ۾ شاديءَ جو مسئلو هڪ خاص وشيہ بڻجي پيو آهي. جيڪو ناول جو حشر آهي (شادي). منو گدواڻيءَ ان سنگين معاملي کي سلجهايو آهي. صحتمند ويچار پيش ڪيو اٿائين. سلسلي جو هيءُ حصو مقالي هئڻ ڪري ناول جي فن کي چيهو تو پهچائي.

انين ڪڙي هن سلسلي جي ڪيرت باباڻيءَ جوڙي آهي: ”ٿيان نہ ٿيان“ عنوان سان. ٽتل ۽ اڻ چٽي سلسلي کي جوڙڻ ۾ ، نکارڻ ۾ ڪيرت ڪامياب ويو آهي. گني جي ماضي، سنڌي اتهاس سان جوڙي، گني کي نوازيو اٿائين. گنو فلاسافيءَ جو پروفيسر ڪيئڻ ۽ چو بٽيو، سو چٽو ڪيو اٿائين. ديالي‌ءَ جو ڪردار جو هوا جي جهوٽي وانگي اچي گم ٿي ويو هو، سو بہ ڪيرت آڏي اڳيان رکيو آهي. گر اهو سلسلي جو ڳانديو انش نہ ڏنو وڃي ها تہ سلسلو ڪاٽو ۽ مندو ٿي پوي ها.

”تلاش“ ۾ گنو سامتاڻي اسان جي اڳيان اچي ٿو. ڪيرت باباڻيءَ گني جي ڪردار کي سنڌي ثابت ڪري ڇڏيو، جنهن لاءِ گني سامتاڻيءَ کي هڪ الڳ پئراگراف لکڻو پيو آهي. سشي ٽڪجي، هارجي، ٽٽي (گني جي هينان دبجي) ”هون“ ڪندي ٻڌندي ٿي رهي: رت جو دان، خون جو دان، سون جو دان، پاڪستان سان گڏ سنڌ کي متائڻ جو دان!

گنو سامتاڻي سوال جواب جي ماڌيم کي سمجهائيندي پاڻ خود ان ۾ اٽڪي ٿو پوي. وراٿ روپ ڀڳوان جو سهارو وٺي، اوم شانتي جي ڌن ۾ سڀ ڪجهہ سماپت ڪندو نظر ٿو اچي. سشي ڪافيءَ جو پيالو گني کي ڏيئي، سندس گونج سان پنهنجو مترُ سر ملائي سويڪاري ٿي وٺي سڀ ڪجهہ.

گنو سامتاڻي سلسلي جي قسط لکندي پنهنجي تمام ڪهاڻين کان ڪافي الڳ ٿي بيٺو آهي. اڄ جي ڪيترن ”نئين ڪهاڻي“ لکندڙن کان ڪافي اڳيان نڪري ويو آهي. اها مان هن جي يوجنا جي ڪاميابي ڪري سويڪار ڪرڻ ۾ نہ هٻڪندس. نئين ڪهاڻي جي لحاظ کان گنو هڪ نئين قسط ۾ نئون بڻجي ويو آهي. انن قسطن جي روايت ۽ پرمپرا کي نہ مڃي، پنهنجي چال سان اڳيان وڌيو آهي. ڪنهن نقاد جي اڳيان بين ليڪڪن جيان ويچارو نہ ٿو رهجي وڃي. سنڌي ادب کي ڪنهن حد تائين بچائي ورتو اٿائين.

ائين نہ آهي تہ سڄي قسط ۾ گنو سامتاڻي ڪامياب ويو آهي. هڪ اڌ مهان چوڪ بہ ڪري وينو آهي. لکڻ جي ويگ ۾، مک ڪايا جو ورنن ڪندي لکي ٿو:

”گني (ڪردار) جي منهن ۾ جو سشيءَ نهاريو تہ هن کي ڪروڪيتر جو ڏيکاريل ڀڳوان جو وراٿ روپ ياد اچي ويو. هنجي نراڙ تي پيل پيچيده ريکائون ڳٽ وديا جي ڪنهن مشڪل حساب جيان لڳي رهيون هيون.... هن جي مک منڊل تي جيٺ جهاز جو ڇڏيل غبار ڦهليل

هو.... فيوز بلب، ڪار جي خالي، جليل پيٽرول جي ٽانڪي. سگريٽ جو ٻرندڙ فلٽر.“ پوءِ وري گنو سامتاڻي لکي ٿو:

”من ۾ هن جي ڪجهه ٻيو ئي هو (متين ڳالهه ڪي جڻ پاڻ ٻه نه ٿو مڃي). گهرو پريشان. چيتن پريو. ان جو اظهار ڪيئن ٿئي؟ هڪ آڪنڊ شانتي، اوم شانتي.“

اوم شانتي واري مک تي متيون مک ڪايا بيان چا آهي؟ وراٿ روپ جو ردعمل؟ اوم شانتي؟ ته پوءِ سگريٽ جو فلٽر، پيٽرول جي جليل ٽانڪي، جيٺ جو ڇڏيل غبار ڪٿان آيا؟

البيئر ڪامئو، گني سامتانيءَ کي ياد پوي ٿو. ان جي اظهار ڪرڻ کان نه ٿو رهي سگهي. سمئش جو ودروهه ! لکي ٿو:

”سشي تڏهن اکين سان ڳالهايو، هٿن سان ڳالهايو، هٿن جي جڪڙ، گني ۽ سشيءَ جي ڪجهه پل مضبوط ٻڌجي آهستي آهستي پگهر ۾ ڳڙندي ڍلي ٿي ويئي، ٽٽي پيئي.“ اوم شانتي ۽ سمئش!“

سلسلي جي آخرين قسط موهن ڪلپنا ”پاڻيءَ متي جهوپڙا“ سان لکي آهي.

راه ڄاڻي، اڳيان وڏي پنيان نهارٹو آهي. موهن جي قسط کي پڙهٹو آهي، پنيان نهارٹو آهي. دراصل گني جي قسط سان هن سلسلي جو انت اچي وڃي ٿو. ڪلپنا ڪابه نئين ڳالهه هضم ڪري چپ ڪري ويهي نه سگهندو آهي. صحتمند ۽ زوردار نوع ۾ ان کي ڦهلائي ڇڏيندو آهي. چوي ٿو:

”بيوقوف وٽ لک روپيا هجن ته اهو وڏو ماڻهو ٿيو، اسان جي سماج ۾ اسان جي آرٽ، لٽريچر ۽ ڪلچر جي وڏن پروگرامن جي صدارت... ڪندا آهن بسڪيٽن ۽ ڪٽمنڙن وارا.“

سچ چوڻ جو ساهس موهن رکندو آهي.

موهن ڪلپنا کي فرانس، آمريڪا، انگلئنڊ ۽ يارت نه ٿو وڻي. ساڳي ئي وقت يارت جي ڪلچر کي سويڪاري، انهن جي اديبن کي بار بار پنهنجين تصنيفن ۾ ڪٽي اچي ٿو. پر ڪن پل ۾ ڄڻ نشي جي طاريءَ ۾ پلجي وڃي ٿو. چوي ٿو ”ڊئم ڪمو.“ ”ڊئم ڪافڪا“...! جتي انسان سکي آهي، جتي انسان آسودو آهي. جتي انسان شانتيءَ جو طرفدار آهي ۽ رکوالو آهي. جئه سويت يونين، جئه سماجوادي، جئي شانتي! (مان اهڙن نعرن تي هڪ ٿهڪ ڏيڻ جو به ساهس نه ٿو رکان) سوويت يونين ۽ شانتي! سوويت يونين ۽ جئڪار! جو ورهين کان چين جي دواران ويتنام کي آمريڪا سان لڙائي رهيو آهي، مگر جيت ۽ ائنٽي ايئر ڪرافٽ ڪين موڪليندو رهيو آهي، چا شانتيءَ لاءِ؟ هر سال گهٽن اديبن کي سوريءَ تي چاڙهيو ويندو

آهي؟ جڏهن اهڙي نيوز اخبارن ۾ پڙهبي آهي ته پيو نه ته اديبن جو رت ضرور ٽهڪڻ لڳندو آهي.

گني جي لکيل خط ديااليءَ ڏانهن، موهن هلڪڙي نموني پيش ڪيو آهي. خط پيش ڪيو اٿائين، اهو نقص ڪي ضرور لڪائي ٿو. گني سامتاٽيءَ جي قسط جو متس وڏو اثر ٿيو ٿو لڳي. پنهنجين داخلي تخليقن ڪان هن قسط ۾ چڱو مٿي اپري آيل آهي ڪلپنا. نمو ۽ منوهر جو آخرين حصو لکي پنهنجي قسط کي هڪ اهم معني' ڏني اٿائين. پچاڙيءَ کي گهرائي نه ڏيئي سگهيو آهي) .رج ۽ پاچا ۾ به مون کي ائين لڳو هو، مکيه ڪردار جو موت آڻڻ جي ڪري) لکي ٿو:

"...گنو هيٺ جهڪي ويو ۽ هن سشيءَ جي ٽنگن ۾ پنهنجون ٻانهون ورائي پنهنجو منهن هن جي گوڏن ۾ لڪائي ڇڏيو. سطحي نه به لڳي، ناٽڪي پيو لڳي. آنچل هڪ هنڌ لکيو آهي ته: " سنسار جو ساهت ان ڳالهه جو ساکي آهي ته هڪ ليکڪ مڪمل انسان جي تصوير چٽڻ ۾ ايتري ڪماليت نه ٿو پائي جيتري اڻ مڪمل انسان جي تصوير چٽڻ ۾. فلابيئر، دوستووسڪي ۽ بالزاڪ جهڙا ليکڪ ان حقيقت جا ڪجھ مثال آهن.

## گوپال ٺڪر

# ناول جي ليکڪن جو تعارف:

## گوبند مالهي:

سنڌي زبان جي ابتدائي روشن خيال نثر نويسن ۾ گوبند مالهيءَ (گوبند پوهومل ڪٽر مالهي) جو نالو خاص طور ناول جي صنف ۾ گهڻو مشهور آهي، سندس ناولن ۾ سماجي مسئلن تي تمام سنا ويچار آيل آهن، ڪردارن ۽ انهن جي جذبن جي اپٽار ۾ به هن نهايت حقيقت پسنديءَ کان ڪم ورتو آهي. ”انقلابي سپاهي“، ”انقلابي شاهراهه“،”پيار جي پياس“، ”زندگيءَ جي راهه تي“،”شرم ٻوٽي“، ”ديسي سيڻ ڪجن“، ”پيار جي شڪست“، ”چنچل نگاهون“، ”عشق ناهي راند“، تمام گهڻا مشهور ناول آهن. ”پکيئڙا ولر کان وڇڙيا“ گوبند مالهيءَ جو پهريون ناول آهي جيڪو ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي رهڻي ڪهڻيءَ جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. 1973ع ۾ ساهتيه اڪيڊميءَ طرفان ڪيس ”پيار جي پياس“ ناول تي ايوارڊ به ڏنو ويو هو. گوبند جو هڪ ناول ”پاپي“ مهاراشٽر ۾ درسي ڪتاب طور مقرر ٿيل آهي. سندس انگريزيءَ ۾ لکيل مقالن ۾ Saratchandra: His impact on Sindhi literature وڏي اهميت جو حامل آهي.

گوبند مالهي سنڌ جي ناليواري راڳيءَ ماسٽر چندر جي اباڻي شهر نارو شاهه ۾ پنجين آگسٽ،1921ع ۾ ڄائو، تازو 10. 02. 2001ع تي ديهانت ڪري ويو آهي. نهايت پلو ماڻهو هو، هريءَ چواڻيءَ: ”هو ”ناهه گرو“ جي لقب سان سڄاتو ويندو هو ڇاڪاڻ ته هند ۾ ڪن اديبن جي وچ ۾ ناناهي ٿيندي هئي ته گوبند ئي انهن ۾ ناهه ڪرائيندو هو. گوبند جو ٻيو وڏو ڪارنامو آهي ”ڀڳونتي ناواڻي“، جنهن کي هن ماهر جوهريءَ وانگر گهڙي ناهي، سنڌي جڳت کي هڪ مٽيادار گائڪا ڏني.“ گوبند هڪ سنڌي فلم ”سنڌوءَ جي ڪناري به ناهي. ڪلاڪار منڊل جو بنياد وجهندڙ ۽ وائيس پريزيڊنٽ به رهيو. اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو پهرين سيڪريٽري پوءِ صدر رهيو.

## پوپٽي هيرانندڻي:

جو ادبي ۽ انقلابي حيثيت کي بيان ڪرڻ منهنجي قلم جي طاقت کان مٿي آهي،. ڇاڪاڻ ته هوءَ هڪ ئي وقت تمام سٺي ۽ انتهائي گهڻي مشهور ڪهاڻيڪار، ناول نگار، تنقيد نگار، ڪالم نگار ۽ ايم اي ۽ پي ايڇ ڊي جي شاگردن جي گائيڊ آهي. مختلف صنفن تي هن اٽڪل پنجاهه کان مٿي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، جيڪي هڪ ئي وقت سنڌي، انگريزي، هندي ۽

گجراتيءَ ۾ آهن. سنڌ توڙي هند جي ليکڪائن مان ورلي ڪو ساڳس برميچي سگهي ٿو.17. 09. 1924ع ۾ حيدرآباد جي عامل خاندان ۾ جائي، حيدرآباد مان ميٽرڪ پاس ڪيائين، ورهاڱو ٿيو ته لڏي هند هلي وئي، ۽ اتي ئي ايم اي جي ڊگري ورتائين ۽ پوءِ ڪي سي ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿي. ادب سان گڏ سنڌس نصابي ڪتاب به لکيل آهن، جيڪي بمبئي، پوني ۽ گجرات يونيورسٽين ۾ ڪورس طور مقرر ٿيل آهن. مزي جي ڳالهه ته پاڻ ميوزڪ ٽيچر به رهي آهي ۽ گهريلو محفلين ۾ ڳائي به ونندي آهي.

پوپٽيءَ هند توڙي سنڌ جي سماجي حالتن تي نهايت سگهاريون ڪهاڻيون لکيون آهن. هن جون به ڪهاڻيون: "مون توکي پيار ڪيو"۽ "ابهرو قدم" مون کي ڏاڍيون پسند آهن، جن مان "مون توکي پيار ڪيو" تي ڪيس انعام به مليو آهي. پوپٽيءُ نثر ۾ جيڪي واهڙ وهايا آهن انهن ۾ سندس تنقيد، لسانيات، شاعري ۽ ٻين ڪيترن ئي موضوعن تي ڪتاب لکيل/ شايع ٿيل آهن. منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق، سندس آتم ڪٿا آهي، جا 1981ع ۾ شايع ٿي، جنهن تي ڪيس 1982ع ۾ ساهتيه اڪيڊمي پاران انعام ڏنو ويو."روح سنڌي رچ" ، "پڪار"، "سيلاب زندگيءَ جو"، "شاه سنڌي تهذيب جو روح"، "ماڻڪ موتي لعل" سندس مشهور ڪتاب آهن. 16. 12. 2005ع تي بمبئيءَ ۾ پرلوڪ پڌاري وئي.

## ڪرشن کٽواڻي:

ڪرشن عيدن داس کٽواڻي، 07. 11. 1927ع تي جائو، 11. 10. 2007ع تي پرلوڪ پڌاري ويو. 1978ع ۾ شايع ٿيل ناول "ياد هڪ پيار جي" تي ڪيس 1980ع ۾ ساهتيو اڪيڊمي انعام ڏنو. هن جا ناول"منهنجي منزل سنڌ". "ٽڙنڌڙ بادل"، ۽ ڪهاڻيون "سرحد جي هن پار" (1991)، "امان ابا اجا ڪونه آيو" (2002)، ضرور پڙهڻ گهرجن. ڪرشن کٽواڻيءَ آخري ڪهاڻي "۽ ليکڪ مري ويو" 2007ع ۾ لکي، جيڪا هن فوت ٿيڻ کان ڪجهه مهينا اڳ لکي هئي. ٻين سنڌي ليکڪن جيان ڪرشن کٽواڻي به پنهنجا اباڻا ڪک ڏسڻ لاءِ سنڌ ايندو هو ۽ پنهنجي مسلمان دوستن سان ملي پراڻين يادن کي تازو ڪري ويندو هو، جنهن کي هن "سرحد جي هن پار" ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ سندس پنهنجي گهر ۽ گهٽين، ۽ موهن جي دڙي جي کنڊرن سان گڏ پنهنجي ڌرتيءَ سان هڪ اٽوٽ ناتي جو احساس شامل آهي.

"امان ابا اجا ڪونه آيو" ناول ۾ هڪ ماءُ حليمان ۽ سندس پٽ عبدل جي پريشانيءَ جي عڪاسي ڪيل آهي، جيڪي شهر ۾ هندو مسلم فسادن دوران گم ٿي ويل پنهنجي گهر جي وڏي جي واپس نه موٽڻ متعلق لکيل آهي.

## ايشور چندر :

ڪا وڏي ڄمار نہ ماڻي، 30جولاءِ 1937ع تي ڄائو ۽ 13 آگسٽ 1992ع تي گذاري ويو، پر انهن پنجونجاه سالن ۾ هن بہ سئو ڪان متي ڪهاڻيون لکيون، جيڪي ”تڏا چپ“ ( 1965ع )، ”مٽل ماڪوڙو“ ( 1966ع )، ”پنهنجي ئي گهر ۾“ ( 1973ع ) ”نئين زماني جو ڪوئو“ ( 1979ع ) ”سخت ڇهري وارو ماڻهو“ ( 1980ع ) ”موتي آيل ماضي“ ( 1881ع ) ”ست ڪهاڻيون“ ( 1983ع ) ”چوڪرو چوڪري“ ( 1983ع ) ”اندر جو ڄامڙو“ (1984) ”ساڳيو ئي سوال“ ( 1984ع ) ”هڪ بيمار غزل“ ( 1985ع ) ”رت“ ( 1986ع)، ”پر/ شايد“ (1987ع )، سندس هڪ ڪتاب انگريزيءَ ۾ Forgottenپڻ ڇپيو آهي. هن جا تي ڪتاب تڏا چپ ، سخت ڇهري وارو ماڻهو ۽ اندر جو ڄامڙو سنڌ ۾ پڻ ڇپيا آهن. ايشورچندر جي ڪتاب ”اندر جو ڄامڙو“ ۾ ڏهہ ڪهاڻيون آهن: سخت ڇهري وارو ماڻهو، اندر جو ڄامڙو، ڪمزور نسن وارو گهر، ٻئي ڏاڪي تي رجنڌڙ برف، وقت جي انتيءَ بعد، هڪ دلشڪستي شخص جو خط، موتي آيل ماضي، باهہ، ان گهڙيءَ لاءِ . . . . ، ملڪيت.

طارق اشرف پاران سنڌس ڇاپيل هيءُ ٻيو مجموعو آهي ، جنهن مان ليکڪ جي معيار ۽ سنڌيءَ ۾ مقبوليت ظاهر آهي . ڪجهہ ڪهاڻيون ۽ ناٽڪ تہ ريڊيو آڪاشواڻيءَ ۽ ٽيليويزن تان پڻ نشر ٿيا. لڳ ڀڳ اناويهہ ڪن ڪتاب شايع ٿيل اٿس، جن مان تيرهن سنڌيءَ ۾، ڏه هنديءَ ۾، ٽي گجراتيءَ ۾، هڪ انگريزيءَ ۽ هڪ مليالم ٻولين ۾ آهن. سندس ڪتابن تي ڪيس انعام بہ ڪافي مليا. خاص طور سندس هندي ڪهاڻين جي هڪ ڪتاب جي قدردانيءَ تي ڪيس راجستان ساهتيہ اڪيڊميءَ سڀ کان وڏو انعام بہ ڏنو. گهريلو سماج متعلق هن جون لکڻيون نهايت اثر ڪندڙ آهن، سندس ڪهاڻيون نفسي / جنسي واسنائن ۽ پيڙائن جي عڪاسي ڪندڙ بہ آهن، ان ڪري ايشور چندر سنڌي پڙهندڙن ۾ تمام گهڻو مقبول رهيو آهي. هري موٽواڻي پنهنجي خاڪي ۾ لکيو آهي تہ: ”ايشور چندر اصل سنڌي بلوچي هو، ڪوئٽيا بلوچستان جو، جيئن شيام جئسنگهاڻي آهي، جنهن لاءِ کيس فخر آهي.“ ايشور چندر ميٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي، ورهاڱي ڪانپوءِ هند لڏي ويو ۽ اتي راجستان جي شهر اجمير ۾ رهيو، ريلوي ۾ نوڪري ڪندو هو.

## وشنو ڀاٽيہ:

21 سنڌي ٻوليءَ جو هي تخليق ڪار اپريل 1941ع تي ڪراچيءَ ۾ ڄائو، 15. سيپٽمبر 2011ع تي گذاري ويو. هندستاني سنڌي روزنامي“،۽ هفتيوار“هند واسي“ جو سينيئر سب ايڊيٽر بہ

رهيو،“ماهوار ڪونج”، ”سپون“، ۽ رچنا” ۾ باقائدگيءَ سان سندس لکڻيون شايع ٿينديون هيون. سندس يارهن کن ڪهاڻين جا مجموعا ۽ هڪ ناول شايع ٿيل آهن. ”درد پري دل“، ”دل جي بستي“، ”چندر مکي“، ”سوال“، ڪهاڻين جا مجموعا ۽ ”رشتن جو انت“ ناول شايع ٿيل آهن. جن ڪجهه ڪهاڻيون انساني جنسي خواهشن جي سلسلي ۾ به لکيون آهن. وشنو ڀاٽيا ريڊيو لاءِ ناٽڪ به لکيا، جن ۾ ”ٻيبو او ٻيبو“، ”اک ڦڙڪي دل ڌڙڪي“، ”انعام“، ”ننڊ نه ڪر نادان“. سندس ڪجهه ڪهاڻيون هندي، گجراتي، تامل، تيلگو، مليالم، ۽ انگريزي ٻولين ۾ ترجمو به ٿيون آهن. 1995ع ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀيتا بمبئي پاران ڪيس لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ سان نوازيو ويو.

## هريش واسواڻي:

نئين دور جو نمائندو ليکڪ: هريش واسواڻي تاريخ 22. 11. 1984ع تي بلوچستان ۾ ڄائو آهي. ادب ۾ هريش واسواڻي، واسديو موهيءَ جيان، خاص طور شاعريءَ ۾ آزاد نظم واري نئين لهر جو نمائندو سڏبو آهي. سندس لکيل ڪوتا: ”پرش وئشيا“ نئين دور جي ڪويتا جو سنگ ميل آهي. ساڳيءَ ريت هريش واسواڻيءَ جي ڪهاڻي ”گهنٽي“ به سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجو منفرد مقام رکي ٿي، جيڪا ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اونداهين مستقبل متعلق نهايت سنجيدگيءَ سان لکيل آهي. ”چاليهه چوهتر“ سندس ڪهاڻين جي مجموعو آهي. هريش اٽڪل ويهه کن ڪهاڻيون لکيون آهن، ۽ هن جون سڀئي ڪهاڻيون نئين دور جي للڪار جيان پڙهندڙن کي چرڪائي ڇڏين ٿيون. هريش جي ٻي مشهور ڪهاڻي آهي: ”فقيرياڻي“ (1980). سندس ادبي تنقيد جي ڪتاب ”چاليهه چوراسي“ تي1987ع ۾ ڪيس ساهتيه اڪيڊمي انعام ڏنو. چاليهن جي لفظ کي اهميت ڏيندي هن پنهنجي شاعريءَ جي مجموعي جو عنوان به ”چاليهه چاهتر“ رکيو آهي. ساهتيه اڪيڊميءَ هند ۽ سنڌ جي ادب متعلق هريش واسواڻيءَ جو ترتيب ڏنل“سنڌي تنقيد” شايع ڪيو آهي، جنهن ۾ سندس ايڊيٽوريل نوٽ انتهائي اهم آهي. هن جي ڪهاڻين جو آخري ڪتاب ”ٻڙي ۽ ٽي ٻڙيون“ آهي. سندس گهر واري ”اندرا واسواڻي“ به ادب سان واڳيل رهي آهي. اڄڪلهه هو آديپور جي ملير ڪالونيءَ ۾ رهائش پذير آهي.

## منو تولارام گدواڻي:

منوءَ جي ادبي حوالن کي مون جيترو ڳولهيو آهي، اهو منهنجي همت کي شاباس آهي، هند جي ڪيترن ادبي فيس بوڪ فرينڊز: اندرا شبنم پونا والا، ڊاڪٽر ومي سدارنگاڻي، ڪملا

گوڪلاڻي، هيري واسواڻي، هيري ٺڪر سان لکپڙه ڪيم پر انهن ليکڪن ڪو جواب ڪون ڏنو، هند جي سنڌي سائيٽس تي بہ ڪافي ڳولهيم پر گدواڻي فيملين ۾ بہ منو تولارام گدواڻيءَ جو نالو نہ لڌو.
پوءِ گوپ گولاڻيءَ سان رابطو ڪيم، جنهن بہ ٻڌايو تہ: بيدل مسرور صاحب ، ادل هن اديب لاءِ مونکي ڪابہ ڄاڻ ڪونهي 55 19ع کان اڄ تائين مون هڪ ئي گدواڻي لاءِ ٻڌو آهي، هو (مووڪ) ميوزڪ آڊيو ڪمپني جو مالڪ هو، وڏيڪ هيرو ٺڪر يا سندر اگناڻي ڪان حال ملي سگهندو، ٻئي فيس بڪ تي آهن، مهرباني، توهان جو پنهنجو،گوپ گولاڻي. (ڇهين جون 2013ع)
رڳو واسديو موهي، جواب ۾ لکيو تہ: سائين بيدل مسرور صاحب توهانجي ميسيج لاءِ مهرباني. مونکي افسوس اهي تہ مونکي بہ منو تولارام گدواڻي نسبت ڄاڻ ڪانهي . مان فيسبوڪ تي گهٽ ايندو آهيان اِن ڪري جواب ۾ دير تي ، معافي طلب آهيان . البت ميل ضرور چيڪ ڪندو آهيان قرب واسديو موهي. (18 جون 2013ع).

## ڪيرت چوئٿرام ٻاٻاڻي:

نوابشاه جي ڳوٺ مورو لاڪو ۾ 03. 01. 1922ع تي پيدا ٿيو. بعد ۾ سندس خاندان صابو راهو لڏي ويو. پنجين درجي کان هو پنهنجي ڪلاس جو مانيٽر رهيو، سندس استاد روچيرام ٿاروواڻي هو، جنهن منجهنس اڳتي وڌڻ جو ساهس پيدا ڪيو. بس جلدئي ڪاڏيءَ جا ڪپڙا پائڻ لڳو. ۽ ”فارورڊ اسٽوڊنٽ يونين“ جو بنياد وجهي شاگردن ڪي انقلابي سبق ڏيڻ لڳو، ۽ مهاتما گانڌيءَ جي سلوگن: ”برطانوي، هند ڇڏي وڃو“ تحت، نوابشاه جي روڊن تي ريلي ڪديائين، پر گول بازار وٽ تقرير ڪندي ڪيس اريسٽ ڪيو ويو. 1945ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ پوري سنڌ جي شاگردن ڪي ڪٺو ڪيو هئائين، جنهن تي مٿس ڪميونسٽن لاءِ ڪم ڪرڻ جو الزام لڳو. سنڌيءَ جي فارسي ۽ ديوناگري لپيءَ واري سلسلي ۾ بہ ڪافي سرگرم رهيو. گوبند مالهي ۽ منگهارام ملڪاڻيءَ سان گڏجي ”سنڌي ساهت منڊل“ جوڙيائين، ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ مظاهرا ڪيائين. سندس گهڻو وقت سياسي ۽ ادبي سرگرمين گذرندو رهيو آهي. ڪيرت ٻاٻاڻي اکل ڀارت سنڌي سڀا جو ارڙهن سالن تائين صدر بہ رهي چڪو آهي، ۽ سنڌي تشخص، ثقافت ۽ سنڌي هلچل ۾ بهترين ڪردار ادا ڪرڻ تي، ورلڊ سنڌي ڪانفرنس طرفان ڪيس جي ايم سيد ميموريل ايوارڊ بہ ڏنو ويو آهي.

ڪيرت ٻاٻاڻي ڪرڪيٽ، والي بال جو سٺو رانديگر رهيو آهي. هو1947ع ڌاري ڪراچيءَ جي هڪ هفتيوار اخبار ”صداقت“ 2004ع جو ايڊيٽر به رهيو آهي. اصل ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ آهي، خاص طور ادبي ۽ سماجوادي ڪمن ۾ سندس نالو گهڻو مشهور آهي. هن ڪهاڻيون، تنقيد، سوانح ۽ سفرناما لکيا آهن. ”اوهان سڀ ننگا آهيو“ سندس ڪهاڻين جو مجموعو آهي، جنهن تي ڪيس ايوارڊ به مليو. سندس گڏ ڪيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون 1990ع ۾ شايع ٿيون، هن پهرين ڪهاڻي ”جليبيءَ جو چور“ لکي، جنهن ڪان پوءِ هن ورهاڱي متعلق ”هو“ ڪهاڻي لکي، ۽ سندس ٽين ڪهاڻي آهي: ”مان اداس ڇو آهيان.“ سندس لکيل ٽن ايڪٽن واري ناٽڪ: ”ڌرتيءَ جو سڏ“ تي ڪيس ساهتيه اڪيڊمي پاران 2006ع ۾ انعام ڏنو ويو، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيرت جي مشهور ڪهاڻي ”محمد رام“ آهي.

## گنوسامتاڻي:

گني جو نالو اسان پنهنجي پياري طارق اشرف کان ٻڌو، پر ادب ۾ هن جو ايترو گهڻو ڪم ڪيل ڪونہ آهي، ۽ ڪهاڻين ۾ به هندي گهڻي استعمال ڪندو هو. پوءِ به هو پنهنجي ڪهاڻين جي مجموعن: ”اپراجتا“ ۽ ”ايمان“ (1965ع) جي ڪري گهڻو مشهور آهي. گني کي1972ع ۾ ”اپراجتا“ تي ساهتيه اڪيڊمي پاران انعام به مليو هو. 13.07. 1934 ۾ ڄائو، 16. 08. 1997ع تي پرلوڪ پڌاري ويو. سندس آهي.

## موهن ڪلپنا:

22 نومر 1930ع تي ڪوٽڙيءَ (سنڌ) ۾ ڄائو ۽ 19 جون 1992ع تي الهاس نگر (ڀارت) ۾ پرلوڪ پڌاري ويو. منهنجي خيال ۾ موهن ڪلپنا پنهنجي لکڻين سبب هند توڙي سنڌ ۾ تمام گهڻي شهرت ماڻي. ”آواره“، ”جلاوطني“، ”پيار جي پڇاڙي“، ”درد جو درياه“، ”عورت“، ”ڪانءُ ۽ سمنڊ“ هن جا شاهڪار ناول آهن. ڪهاڻين جا به بيشمار مجموعا شايع ٿيل اٿس، جن ۾ ”موهي نر موهي“، ”فرشتن جي دنيا“، ”پيار ۽ پاپ“، ”اها شام“ ”انين ڪتا“ وڏيڪ مشهور آهن. ”اها شام“ تي 1984ع ۾ ڪيس ساهتيه اڪيڊمي پاران انعام به ڏنو ويو.آخري ڏهاڙن ۾ هن پنهنجي آتم ڪٿا: ”ٻڪ، عشق ۽ ادب“ لکي، جنهن به تمام گهڻي مقبوليت حاصل ڪئي.